ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 07 جون 2026 ع 21 ذوالحج 1447هه صفحا 06 - ملهه 30 وپيه شمارو (291)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

لبناني آرمي چيف سرڪاري دوري تي پاڪستان روانو

لبناني آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير جي دعوت تي پاڪستان جو دورو ڪري رهيو آهي

سفارتي ۽ ٿالثي جي ڪوششن کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

اهو دورو سنڌس پاڪستاني هم منصب جي دعوت تي ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد (م د) برطانوي نيوز ايجنسي جو چوڻ آهي ته لبناني آرمي چيف سرڪاري دوري تي پاڪستان روانو ٿي ويو آهي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

سي پي اين اي پاران گورنمينٽ پريس رليشنز ڪميٽي قائم ڪرڻ جو اعلان

قاضي اسد عابد (نائب صدر سنڌ) ميان حسن احمد (نائب صدر پنجاب) جا ميمبر هوندا

ڪاظم خان (صدر سي پي اين اي) غلام نبي چانڊيو (سيڪريٽري جنرل سي پي اين اي) ميمبر مقرر

چيئرمين اعجاز الحق (اعزازي سيڪريٽري جنرل) ۽ ڊپٽي چيئرمين انور ساجدي (نائب صدر بلوچستان) هوندا

شڪيل احمد ترابي (نائب صدر اسلام آباد/راولپنڊي)، عدنان ظفر (نائب صدر خيبر پختونخوا) شامل

ڪراچي (پ ر) ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) سال 2026-27 لاءِ گورنمينٽ پريس رليشنز
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

وفاق صوبن کان 17 سئو ارب طلب ڪري ورتا، پ پ ۽ حڪومت ۾ اڄ ڳالهيون ٿينديون

صدر آصف علي زرداري ۽ پيپلز پارٽي جي ڳالهين واري ٽيم جي ملاقات اڄ رات ٿيندي

حڪومتي ٽيم سان ملاقات جو وقت پيپلز پارٽي جي اندروني ملاقات کان پوءِ طئي ڪيو ويندو

فنڊن جي دستيابي کان پوءِ ئي ايندڙ وفاقي بجيٽ کي حتمي شڪل ڏني ويندي: ذريعا

اسلام آباد (م د) حڪومت ۽ پيپلز پارٽي جي بجيٽ تي ڳالهيون اڄ ٻدران سياٽي ٿيڻ جو امڪان آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو2

غزه: شادي جي تقريب تي اسرائيلي فوج جو حملو 7 فلسطيني شهيد، 15 زخمي

اسرائيلي فوج غزه شهر ۾ هڪ پناهگير ڪئمپ کي نشانو بڻايو جتي شاديءَ جي تقريب جاري

تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا

زخمين ۽ شهيدن کي فوري طور تي الشفا اسپتال ۽ ويجهي فيلڊ اسپتال منتقل ڪيو ويو

غزه (م د) اسرائيلي فوج غزه شهر ۾ شادي جي تقريب تي حملو ڪيو جنهن ۾ 2 عورتن سميت گهٽ ۾ گهٽ 7 فلسطيني
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو2

صوبائي گهرو وزير پاران ايس ايس پي خيرپور کان واقعي جي فوري ۽ تفصيلي رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي گهرو وزير سنڌ ضياالحق لنجار سوشل ميڊيا تي وائرل
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو2

آمريڪا ۽ ايران جا هڪٻئي تي حملا جاري، پاڪستان جو گهرو وزير امن ڳالهين بابت تهران پهچي ويو

آمريڪا گوروڪ ۽ قشم ٻيٽ ۾ ريڊار تنصيبات کي نشانو بڻايو ، ايران جوابي ڪارروائي ۾ ڪويت ۽ بحرين ۾ آمريڪي اڏن کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ ڪئي

آمريڪا ڪنهن به وڏيڪ واڌ جي نتيجن جو ذميوار هوندو جنگ بندي جي بار بار ڀڃڪڙي ظاهر ڪري ٿي ته آمريڪا جو تڪرار گهٽائڻ جو ڪو ارادو ناهي: ايراني پرڏيهي وزارت

آبنائي هرمز ۽ خليج ملڪن ڏانهن لانچ ڪيل 7 مان 6 ايراني ميزائلن کي روڪيو ويو آهي ۽ سڀئي ميزائل پنهنجي هدف تائين نه پهچي سگهيو: آمريڪي اختيارين جي دعويٰ

پاڪستان جو گهرو وزير محسن نقوي ايران تهران پهچي ويو، فيلڊ مارشل عاصم منير جو ايران جي سپريم ليڊر آيت الله مجتبيٰ خامنه اي کي خاص پيغام پهچائيندو

تهران روانگي کان اڳ، لاهور ۾ وزيراعظم شهباز شريف گهرو وزير ۾ ملاقات ٿي جنهن ۾ انهن ايران-آمريڪا ڳالهين

گهرو وزير تهران ۾ هڪ مفاهمتي ياداشت نامي تائين پهچڻ جي طريقن تي ڳالهه ٻولهه ڪندو ايراني منجمد فنڊز جي حوالي سان پڻ اڳڀرائي ٿي آهي: ذريعا

تهران/واشنگٽن/اسلام آباد(م د) آمريڪا طرفان ايران جي منجمد اثاثن جي حوالي سان اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي عرب ميڊيا ذريعن جي حوالي سان رپورٽ ڪيو آهي ته گهرو وزير محسن نقوي اڄ ايران جو دورو ڪندي گهرو وزير تهران ۾ هڪ تهران (م د) آمريڪا ۽ ايران هڪ ٻيو ٻيهر هڪ ٻئي تي حملو ڪيو آهي آمريڪا گوروڪ ۽ قشم ٻيٽ ۾ ريڊار تنصيبات
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

بجيٽ ۾ ملازمن جي پگهارن ۾ 10 کان 15 سيڪڙو واڌائڻ جي تجويز

وزيراعظم شهباز شريف ايندڙ مالي سال جي بجيٽ تي مشاورت ڪئي وئي

پي ايس ڊي پي، ٽيڪسن ۽ پگهارن توڙي پينشن ۾ واڌ جي مسئلن تي غور ويچار ڪيو ويو

سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ جو فيصلو وزيراعظم شهباز شريف اتحادي سان مشاورت کانپوءِ ڪندو

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت مالي سال 27-2026 جي بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 10 کان 15 سيڪڙو واڌ جي تجويز ڏني آهي وزيراعظم شهباز شريف ايندڙ مالي سال جي بجيٽ تي مشاورت ڪئي آهي مشاورت جمعي جي ڏينهن وزيراعظم هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ ڪئي وئي اهو هڪ غير رسمي اجلاس هو
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن ۾ وڏي مالي بي ضابطگي ۽ مبينا ڪرپشن جو انڪشاف

اداري ۾ اهم عهدن تي مقرر آفيسرن کي انتهائي گريڊن ۽ پرڪشش پگهارون ادا ڪيون ويون

ڪيترن ئي آفيسرن کي ملڪ جي صدر ۽ وزيراعظم کان به ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ مراعتون ڏنيون ويون

پيرول سيڪشن جون اهم دستاويز منظرعام تي اچڻ بعد عوامي ۽ سماجي حلقن ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانئجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن ۾ وڏي مالي بي ضابطگي ۽ مبينا ڪرپشن جو اسڪينڊل سامهون اچي ويو آهي جتي اهم عهدن تي مقرر آفيسرن کي انتهائي گريڊن ۽ پرڪشش پگهارون ڏيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي هٿ ڪيل پيرول سيڪشن جي اپريل
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

صدر پاران سرينن جي قومي ڏهاڙي جي موقعي تي ان جي حڪومت ۽ عوام کي مبارڪون پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري سرينن جي قومي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

سيالڪوٽ: بجاءِ وارو وفاقي وزير خواجه آصف ترقياتي اسڪيم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

لاهور هاءِ ڪورٽ پرنسپل سيٽ لاءِ ترميمي روسٽر جاري

لاهور (اي پي پي) چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ جسٽس عاليه نيلم جي منظوري
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مبينا پوليس مقابلن بعد زخمين سميت 9 جوابدار گرفتار

پاڪستان بازار پوليس ۽ هٿياربند ۾ مبينا مقابلي دوران 3 زخمين سميت 4 جوابدار سوگها ڪيا ويا

ملير شاهه لطيف ٽائون ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ بعد عبدالمجيد نالي جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

اسٽيل ٽائون، نيو ڪراچي، ايف بي ايريا ۽ ٻين علائقن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ بعد 4 ڌوهاري سوگها

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مبينا پوليس مقابلن دوران زخمين سميت 9 جوابدار گرفتار ڪيا ويا، جڏهن ته ڪيترائي ساٿي جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ضلعي ويسٽ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ڪراچي ۾ چين جي قونصل جنرل يانگ يونڊونگ سان الوداعي ملاقات

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ايندڙ
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ "سنڌ جا رنگ" آرٽ نمائش شروع، نوجوان تمام گهڻو باصلاحيت آهن : سعديه جاويد

سنڌ حڪومت جي ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران سمبارا آرٽ گيلري ۾ نمائش لڳائي وئي

اسان پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت کي پنهنجي ايندڙ نسلن تائين پهچائي رهيا آهيون: صوبائي ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران سمبارا آرٽ گيلري ۾ ايم پي اي پارلياماني سيڪريٽري
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

ڪراچي بي آر ٽي يلو لائن منصوبي ۾ 6 ارب رپين کان وڌيڪ ڪرپشن جا انڪشاف

منصوبي ۾ اربين رپين جي مبينا خرد برد ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙين جو انڪشاف ڪيو ويو

چيف سيڪريٽري سخت نوٽيس وٺندي مڪمل انڪوائري جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي: ذريعا

سينيئر وزير شرجيل ميمڻ پاران سيڪريٽري ٽرانسپورٽ کي ذميوارن خلاف فوري ۽ سخت قانوني ڪارروائي جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بي آر ٽي يلو لائن منصوبي ۾ 6 ارب رپين کان وڌيڪ جي مبينا مالي بيقاعدگين ۽ ڪرپشن جا سنسني خيز انڪشاف سامهون آيا آهن
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

تعليم وارو وزير استعيفيٰ ڏئي نه ته ملڪ گير احتجاج تحريڪ هلنداسين: ايبيجيت ڊيپڪي

نئين دهلي(م د) آن لائن تحريڪ
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

ڪراچي: ريڊ لائين بي آر ٽي منصوبي تي عمل ڪيو پيو وڃي

عثمان شاهه هڙي ويجهو نوجوان ڦاهو کائي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

عثمان شاهه هڙي (ت ر) عثمان شاهه هڙي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

ٽنڊو غلام علي ويجهو ٽرڪ ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، اڳوڻو ايم ايس فوت

حادثي جي نتيجي ۾ اڳوڻو ايم ايس ڊاڪٽر لڪمڻ ميگهواڙ سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي سرڪاري اسپتال پهچايو، نازڪ حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪرڻ دوران رستي ۾ دم ڏنو

ٽنڊو غلام علي(ن ع) ٽنڊو غلام علي شاخ وٽ ٽرڪ جو موٽر سائيڪل سوار کي ٽڪر
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

ڊاڪٽر لڪمڻ ميگهواڙ فوت خبر موجب

سنڌ جون سمورين سرڪاري پبلڪ لائبريريون رات 9 وڳي تائين کليل رهنديون

ثقافت، کاتي پاران صوبي جي شاگردن، محققن ۽ ڪتاب دوستن لاءِ اهم ۽ تاريخي فيصلو ڪيو ويو

هاڻ پڙهندڙن کي رات دير تائين مطالعي، تحقيق ۽ علمي سرگرمين لاءِ سازگار ماحول ميسر ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

هالا پراڻا ۾ ڪچي واري علائقي مان نوجوان جو مٽي ۾ گولي لڳل لاش هٿ، احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

عمران پٽ دادو ماڇي جو ديهه گهوٽاٽا ۾ واقع سنڌس زرعي زمين تان مٽي ۾ گولي لڳل لاش هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو

وارثن لاش وصول ڪرڻ بعد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ قومي شاهراهه تي رکي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ٽريفڪ معطل

مري برادري جي ماڻهن سان دشمن جي ڌمڪي ڏيڻ جو تڪرار هلندڙ هو جنهن تان انهن نوجوان کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو آهي:مظاهرين

هالا (ت ر) هالا پراڻا ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي مان 25 ورهين جي نوجوان جو مٽي ۾ گولي لڳل لاش هٿ. هالا پراڻا جي رهواسي عمران پٽ دادو ماڇي جو ديهه گهوٽاٽا ۾ واقع سنڌس زرعي زمين تان
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

عثمان شاهه هڙي: فوتي نوجوان جو لاش اسپتال ۾ رکيل آهي

ڪراچي ۾ اٽلي جي 80هين يوم جمهوريه جي موقعي تي شاندار تقريب منعقد

وڏي وزير گورنر، صوبائي وزيرن ۽ چيف سيڪريٽري سميت اهم شخصيتن شرڪت ڪئي

ٻنهي ملڪن وچ ۾ ثقافتي، تجارتي ۽ ڪاروباري شعبن ۾ تعاون جا وسيع موقعا موجود آهن: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اٽلي جي قونصل جنرل ڪيبريزيو بيلي جي ميزباني هيٺ پرل ڪانٽيننٽل هوٽل ڪراچي ۾ اٽلي جي 80هين يوم جمهوريه جي موقعي تي هڪ پروقار ۽ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اعليٰ سرڪاري، سفارتي ۽ سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

بحريه ٽائون سان لاڳاپيل معاملي ۾ ماريشس ۾ موجود بئنڪ اڪائونٽس منجمد

بين الاقوامي اڪائونٽس منجمد ڪيا جن ۾ لڳ ڀڳ 45 لک آمريڪي ڊالر موجود هئا

بحريه ٽائون طرفان مبينا طور غيرقانوني حوالي ۽ هنڊي ذريعي رقمون ملڪ کان ٻاهر منتقل ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مني لانڊرنگ خلاف وڏي اڳڀرائي سامهون آئي آهي بحريه ٽائون سان لاڳاپيل معاملي ۾ ماريشس ۾ موجود
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو2

ايراني انقلابي گارڊز آبنائي هرمز ۾ آمريڪي ڪارگو جهاز کي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو

آمريڪي فوج جي سرپرستي ۾ چار جهاز آبنائي هرمز مان گذرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا

آمريڪا طرفان هن دعويٰ تي اڃا تائين ڪو به سرڪاري جواب نه آيو آهي

اسلام آباد (م د) ايراني ميڊيا دعويٰ ڪئي آهي ته ايراني انقلابي گارڊ ڪور آبنائي هرمز ۾ هڪ آمريڪي ڪارگو جهاز کي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو2

مرڪز صوبن کان 17 سئو ارب رپين جا فنڊ گهري رهيو آهي: راڻا ثناءالله

اميد آهي ته اسان پيپلز پارٽي سان ڪنهن نتيجي تي پهچنداسين

حڪومت ۽ پيپلز پارٽي جي ڳالهيون اڄ ٻدران سياٽي ٿيڻ جو امڪان آهي

اسلام آباد (م د) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار راڻا ثناءالله جو چوڻ آهي ته بجيٽ لاءِ هڪ انگ تي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو2

MARKA E HAQ
Peace Walk For
Stronger Economy & Stronger Pakistan
The Federation of Pakistan Chambers of Commerce & Industry
HONORING SACRIFICE
DEFENDING
PEACE
ڪراچي: فيڊريشن آف چيمبرس آف ڪامرس پاران معرڪ حق امن مارچ ڪيو پيو وڃي

گلگت بلتستان جي اليڪشن کي ڪنهن به طرح اليڪشن نه ٿو چئي سگهجي: اسد قيصر

پي ٽي آءِ خلاف سڀئي غير قانوني حربا استعمال ڪيا ويا

تحريڪ انصاف کان نشان کسيو ويو، پابنديون لڳايون ويون

مهانگائي ۽ بيروزگاري حڪومت جي ناڪام پاليسين جي ڪري آهي

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر چيو آهي ته گلگت بلتستان جي چونڊن کي ڪنهن به طرح سان چونڊون نه ٿو چئي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو2

پ پ قيادت جي ويزن موجب سنڌ ۾ ترقياتي عمل وڌيڪ تيز ڪيو پيو وڃي: ناصر شاهه

شاهراهه ڀٽو سميت جاري ميگا منصوبن مان سمورن شهرين ۽ واپاري برادري کي فائدو ٿيندو

صنعتي علائقن لاءِ پاڻي جي فراهمي حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي: ڪاٽي اڳواڻن کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري (ڪاٽي) ۾ بزنس ڪميونٽي کي خطاب ڪندي چيو آهي ته چيئرمين
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو2

ڪراچي اين آءِ سي وي ڊي ۾ هوا ٿڌي ڪرڻ وارو نظام بند، مريض گرمي ۾ بيحال

اسپتال جي اسٽيپ ڊائون يونٽ ۾ گذريل ڏن ڏينهن کان هوا ٿڌي ڪرڻ وارو نظام بند پيو

ڪيٿي ليب مان منتقل ڪيل نازڪ مريض به هن صورتحال کان متاثر ٿيڻ لڳا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) دل جي مريضن بابت قومي اداري اين آءِ سي وي ڊي جي اسٽيپ ڊائون يونٽ ۾ گذريل ڏن ڏينهن کان هوا ٿڌي ڪرڻ وارو نظام بند هجڻ سبب مريضن کي سخت گرمي ۽ گهٽ جو منهن
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو2

راولپنڊي: روڊ ڪناري تي سامان وڪڻندڙ عورتون وڻ جي ڇانو ۾ آرام ڪري رهيون آهن

راضيپڙو پرسان معصوم نينگر واهه ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

فيض نهر واهه ۾ ياسين علي ڪوري پير ترڪڻ سبب ٻڏي ويو

مقامي ٽوبن ڪافي ڳولا بعد نينگر جو لاش ڳولي وارثن حوالي ڪيو

راضيپڙو(ن ع)راضيپڙو پرسان فيض نهر واهه ۾ معصوم نينگر ياسين علي ڪوريءَ جو پير ترڪڻ سبب ڪري جيڪو واهه هي تيز وهڪري لڙهندو ويو جنهن جي وارث ڳولا ڪندا رهيا ڪافي ڪلاڪن کان پوءِ
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو2

خانپورمهر پرسان معصوم نينگر واٽر ڪورس ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ ٻير پٽ ۾ 4 ورهين جي ديدار علي ولد اڪبر ملڪ گهر پرسان ٻڏي ويو

وارثن نينگر کي ڪيڏي ڏوري اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽر نرنگي جي تصديق ڪئي

خانپورمهر(ن ع) خانپور مهر لڳ ڳوٺ ٻير پٽ ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي 4 سالن جو معصوم ٻار ديدار علي ملڪ ولد
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2

ڪوٽڙي محمد ڪبير ويجهو ويگو گاڏي جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت، هڪ زخمي

نيشنل هاءِ وي تي اٽڪ پيٽرول پمپ وٽ پيش آيل حادثي ۾ ماسٽر شڪيل احمد پڌو ٿڏي تي فوت ٿي ويو

حادثي ۾ زخمي محمد حسن پڌو ۽ لاش کي گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو، لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

مهيني اندر سنگل روڊ ٺهڻ کان پوءِ هيئنر تائين ڇهه ماڻهون اجل جو شڪار ٿي چڪا، رهواسين پاران نوٽيس جو مطالبو

ڪوٽڙي محمد ڪبير (ن ع) ڪوٽڙي ڪبير پرسان نيشنل هاءِ وي تي اٽڪ پيٽرول پمپ وٽ سکر کان ايندڙ تيز رفتار ڪاري رنگ جي ويگو گاڏي جو موٽر سائيڪل سوارن کي پويان زوردار ٽڪر
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

سنڌ صوبي ۾ وفاق جي اختيار هيٺ ايندڙ رستن جي انتهائي حالت خراب آهي: شرجيل ميمڻ

شاهراهه ڀٽو جي ڪلڻ سان شهرين کي وڏي سهولت ملي ۽ وقت جي بچت به ٿي رهي آهي

سنڌ حڪومت پنهنجي وسيلن سان صوبي ۾ رستن جي حالت بهتر بڻائي آهي ۽ ڪم جاري آهي

پوري پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ صحت جون سهولتون ڪراچي ۾ آهن، مريض مفت علاج ڪرائين ٿا

گلگت بلتستان ۾ چونڊ مهم دوران اليڪشن ڪميشن جي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ريڊ لائن منصوبي تي ڏينهن رات ڪم جاري آهي ۽ يونيورسٽي روڊ جولاءِ
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ بي آر ٽي منصوبي جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ ايندڙ ڏينهن ۾ سخت گرمي ۽ گرمي جي لهر اچڻ جو امڪان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ايندڙ ڏينهن ۾ سخت گرمي ۽ گرمي جي لهر
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو2

ملڪ ۾ سون هزارين رپيا سستو ٿي ويو

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ اڄ سون جي اگهه ۾ 12 هزار 489 رپين جي وڏي لاٿ رڪارڊ
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو2

ايران، آمريڪا جنگبندي ۾ پاڪستان جي ڪردار جي تعريف ڪن ٿا: چين

ايران خلاف آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ بين الاقوامي قانون جي خلاف ورزي جو نتيجو آهي

چين ايران جي پنهنجي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ قومي سلامتي جي دفاع جي حق جي حمايت ڪري ٿو

خطي ۾ امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجون تعميري ڪوششون جاري رکندو

اسلام آباد (م د) ايراني نيوز ايجنسي سان هڪ انٽرويو ۾، تهران ۾ چيني سفير ڪانگ پيئو چيو ته چين وچ اوڀر ۾ امن کي فروغ ڏيڻ ۽ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ عارضي جنگ بندي کي آسان بڻائڻ ۾
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو2

آزاد ڪشمير: پابندي مڙهيل عوامي ايڪشن ڪميٽي جا 72 ڄڻا گرفتار، هٿيار ۽ شڪي دستاويز هٿ

آزاد جمون ڪشمير ۾ پابندي مڙهيل عوامي ايڪشن ڪميٽيءَ جي 72 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو

گرفتار ٿيلن جي قبضي مان هٿيار، مواصلاتي ڊوائس ۽ شڪي دستاويز هٿ آيا آهن

امن خراب ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش جي اجازت نه ڏني ويندي: پوليس ترجمان

مظفر آباد (م د) آزاد جمون ڪشمير ۾ پابندي مڙهيل عوامي ايڪشن ڪميٽيءَ جي 72 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو انسپيڪٽر جنرل (آءِ جي) پوليس جي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو2

ڪراچي: ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽريز پاران صوبائي وزير ناصر شاهه کي شيلڊ ڏني پئي وڃي

سنڌ حڪومت محمد اسحاق کهڙو کي صوبائي اليڪشن اٿارٽي جو ميمبر مقرر ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو2

ڀارت ۾ تبديلي جي لهر، ڪاڪروچ پارٽي جو مودي سرڪار خلاف ملڪ گير احتجاج جو ڇتاءُ

نئين دهلي(م د) آن لائن تحريڪ
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو2

سنڌ حڪومت پاران ايندڙ مالي سال لاءِ اي ڊي پي ۾ نمايان گهٽتائي آڻڻ جي تياري شروع

ترقياتي بجيٽ گذريل سالن جي ڀيٽ ۾ 20 کان 40 سيڪڙو تائين گهٽ ٿيڻ جو امڪان

وفاق کان صوبن کي ملندڙ مالي حصي ۾ گهٽتائي سبب ترقياتي خرچن تي ضابطو آڻڻو پوندو: ذريعا

محدود وسيلن باوجود اهم منصوبا مڪمل ڪرڻ ۽ عوامي خدمتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو: حڪومتي عملدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ايندڙ مالي سال 2026-27 ع لاءِ سالياني ترقياتي پروگرام (اي ڊي پي) ۾ واڌ بدران نمايان
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو2

ملڪ ۾ غير معمولي گرمي، هيٽ ويو جي وارننگ، الرٽ جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) موسميات کاتي ملڪ ۾ سخت گرمي جي لهر جو خدشو ظاهر ڪندي 7 کان 12 جون دوران هيٽ ويو جي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو2

ڄامشورو:ڊاڪٽر شام سندر اڏواڻي جو ڪوٽڙي جو دورو، متاثر خاندانن سان تعزيت، چيڪ تقسيم

ڊاڪٽر شام سندر اڏواڻي ڪوٽڙي شيو مندر دريالال جو دورو مندر انتظاميا ۽ معززن پاران آجيان

ڦر دوران قتل ٿيل پون ڪمار ۽ ٻين حادثن ۾ فوت ٿيلن جي وارثن سان ملاقات ڪئي

ڊاڪٽر شام سندر اڏواڻي پاران اقليتي برادري لاءِ تحفظ ۽ رليف جاري رکڻ جو اعلان

ڄامشورو (ڊ ر) وڏي وزير جي اقليتي معاملن بابت معاون خصوصي ڊاڪٽر شام سندر اڏواڻي جو ڪوٽڙي شيو مندر دريالال جو
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو2

ڄامشورو: اقليتي معاملن بابت صوبائي صلاحڪار ڊاڪٽر شام سندر اڏواڻي مستحقين ۾ چيڪ ورهائي رهيو آهي

ڪنڊڪوٽ لڳ ارڙي وبائي صورت اختيار ڪري وئي، ٻه معصوم ٻار فوت، ڪيترائي ٻار مبتلا

ڳوٺ هيبت باجڪاڻي ۾ ٽي سالا الاهي بخش ۽ چار سالا سوهاڻا لاشاري ارڙي وگهي حياتي وڃائي

ٻارن کي موتمار بيمارين کان بچائڻ لاءِ ايندڙ ويڪسينن جي مناسب سنڀال نه پئي ڪئي وڃي:رهواسي

جيڪڏهن ويڪسينن جي فراهمي، سنڀال ۽ استعمال بابت موثر نگراني ڪئي وڃي ها ته شايد ڪيترن ئي ٻارڙن جون حياتيون بچائي سگهجن ها

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ارڙي خطرناڪ وبائي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي جتي روزاني جي بنياد تي معصوم ٻارڙا بيماري جو شڪار ٿي رهيا آهن ڪنڊڪوٽ ڳوٺ هيبت باجڪاڻي ۾ ارڙي سبب ٻه معصوم ٻارڙا
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ جناح اسپتال جي وارڊ ۾ اوچتو باهه، مريضن ۽ طبي عملي ۾ ڀاڄ

زهر خوراني وارڊ اندر هوا ٿڌي ڪرڻ واري مشين ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب خوف پکڙجي ويو

اسپتال انتظاميا فوري ڪارروائي ڪندي اڌ ڪلاڪ اندر باهه تي ضابطو آڻي ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ واقع جناح اسپتال جي زهر خوراني وارڊ ۾ اوچتو باهه لڳي وئي جنهن سبب وارڊ ۾ موجود
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ الڳ الڳ واقعن سبب ناري سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ واقعن ۾
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو2

مبارڪپور ۾ سوشل ميڊيا تي ڪيمنٽس ڏيڻ تي تڪرار، نوجوان پاڪ ڪتاب کڻي معافي ورتي، وڏيرو گرفتار

ڳوٺ نظام الدين مستوئي ۾ بااثر وڏيرو مورڙ مستوئي سوشل ميڊيا تي ڪيمنٽس ڏيڻ تي نوجوان خادم مستوئي تي مڇرجي پيو

نوجوان پاڪ ڪتاب کڻي گهرياتين سميت بااثر وڏيري کان معافي ورتي، عورتن پنهنجا پوٽيون لاهي وڏيرن جي پيرن ۾

پوليس ڳوٺ نظام الدين مستوئي جي بااثر وڏيري مورڙ مستوئي سميت ٽن ڄڻن کي گرفتار ڪري اٿجانل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو

جيڪب آباد(ڊ ر) مبارڪپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ نظام الدين مستوئي ۾ بااثر وڏيرو مورڙ مستوئي سوشل ميڊيا تي ڪيمنٽس ڏيڻ تي نوجوان خادم مستوئي تي مڇرجي پيو بااثر وڏيري پنهنجي عدالت لڳائي
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو2

جيڪب آباد: فيس بڪ تي ڪمينٽ ڪندڙ نوجوان جي والده مقدم جي پيرن تي پوٽي رکندي رهي آهي

خانپور مهر پوليس ڪارروائي، ناري تي تيزاب هاريندڙ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

پوليس جوابدار مياداد مهر کي ٽرياڻ روڊ تي مبينا مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

خانپور مهر(ن ع) خانپورمهر ناري شرمان مهر مٿان مبينه تيزاب هاري زخمي ڪندڙ جوابدار مياداد مهر کي خانپور مهر پوليس
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ آغا خان اسڪول ڪارادر جون 100 سالا تقريبون شروع ٿي ويون

تعليم ۽ خواندگي واري وزير سردار علي شاهه خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

اسماعيلي ڪميونٽي جون تعليم، صحت ۽ سماجي شعبن ۾ خدمتون قابل قدر آهن: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آغا خان اسڪول
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو2

ڪوٽڙي ڪبير: حادثي ۾ فوت ٿي ويل جو لاش ۽ زخمي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
گارڊين درخواست نمبر 37 سال 2026

خانزادو ولد مرحوم علي حسن ذات سولنگي رهاڪو ڳوٺ حاجي خان محمد احمداڻي ڪوسو تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز...اپليڪينٽ .بخلاف .. (1) مسمات شاهه خاتون بيواهه علي حسن ذات سولنگي (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..ايونٽنٽس (1) مسمات جنت خاتون ڌيءُ علي حسن تاريخ پيدائش 2013-06-12..مائنر

.نالي مٿئين ايونٽنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-06-11 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج مورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم IIاسڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين درخواست نمبر 18 سال 2026

منصور احمد ولد غلام قادر ڪيريو رهاڪو ڳوٺ مجيد ڪيريو تعلقو سڪرنڊ ...اپليڪينٽ .بخلاف .. (1) مسمات سوهڻي بيواهه غلام قادر ڪيريو (2) مسمات ناران (3) مسمات خوشبو (4) مسمات صبا (5) احسان علي (6) فيضان علي سڀ پٽ ڌيئرون غلام قادر ڪيريو (7) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. ايونٽنٽس

.نالي مٿئين ايونٽنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغير نالي ڪرن جي گارڊين جي مقرري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-07-03 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم IIاسڪرنڊ

عام اطلاع

جئين ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد حماد ولد محمد شفيق ذات قائمخاني درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي محمد شفيق ولد الله دين تاريخ 2015-08-05 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر A-290 بليدي ڪالوني تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ پلاٽ نمبر 261 گڏيل حصي موجب ايراضي 1215 اسڪوائر فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ ڪوٽ غلام محمد ديهه A-290 ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) حسن شفيق (2) محمد حماد (3) ربيه شفيق (4) شڪيلا شفيق

هرخاص وعام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳري

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته عرضدار نالي مسمات سيما (بيواهه) شاڪر حسين رهاڪو گهر نمبر 120بلاڪ اي يونٽ نمبر 4 لطيف آباد حيدرآباد درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي شاڪر حسين ولد شوڪت حسين رهاڪو گهر نمبر 120بلاڪ اي يونٽ نمبر 4 لطيف آباد حيدرآباد جيڪو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لطيف آباد نمبر 11 ۾ جونيئر ڪلارڪ هو جيڪو تاريخ 2026-05-03 تي وفات ڪري ويو آهي ۽ مرڻ وقت هيٺ ڏنل قانوني وارث ڇڏيا آهن (1) مسمات سيما (بيواهه) (2) سامي (ڌي) (3) عشاء تراضيه (ڌي) (4) اسنها (ڌي) (5) محمد فراز حسين (پٽ) فوتي اسلام مذهب سان تعلق رکندڙ هو اگر ان وارثن کان علاوه ڪو ٻيو فوتي جو جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا وارثي سرٽيفڪيٽ تي ڪنهن به قسم جو اعتراض آهي ته هن آشاعت جي 07 ڏينهن اندر اسان جي آفيس واقع پرائو بلال پيلس يونٽ نمبر 7 لطيف آباد حيدرآباد وٽ روبرو حاضر ٿي پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت داخل ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪنهن ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

مختيارڪار تعلقو لطيف آباد

بقايا 1 روانو

لبناني آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير جي دعوت تي پاڪستان جو دورو ڪري رهيو آهي. رائٽرز نيوز ايجنسي موجب، هي دورو اهڙي وقت ۾ ٿي رهيو آهي جڏهن پاڪستان وچ اوڀر ۾ جاري ٽڪراءَ خاص طور تي آمريڪا ۽ اسرائيل جي ايران سان ٽڪراءَ جي تناظر ۾ سفارتي ۽ ثالثي جي ڪوشش کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جنهن جاڻ لبنان تائين به پهتا آهن لبناني فوج هڪ بيان ۾ چيو آهي ته اهو دورو سندس پاڪستاني هم منصب جي دعوت تي ڪيو پيو وڃي پر ان جي مقصد يا مدت بابت وڌيڪ تفصيل فوري طور تي جاري نه ڪيا ويا.

بقايا 2 اعلان

ڪميٽي 2026-27 جي قيام جو اعلان ڪيو آهي تفصيل موجب، گورنمينٽ پريس ريليشنز ڪميٽي 2026-27 جي چيئرمين اعجاز الحق (اڳوڻو سيڪريٽري جنرل) ۽ ڊپٽي چيئرمين انور ساجدي (نائب صدر بلوچستان) هوندا. ٻين ميمبرن ۾ ڪاظم خان (صدر سي پي اين اي)، غلام نبي چانڊيو (سيڪريٽري جنرل سي پي اين اي)، قاضي اسد عابد (نائب صدر سنڌ)، ميان حسن احمد (نائب صدر پنجاب)، شڪيل احمد ترابي (نائب صدر اسلام آباد/ راولپنڊي)، عدنان ظفر (نائب صدر خيبر پختونخوا) شامل هوندا. هن ڪميٽي جي قيام جو مقصد حڪومت ۽ اخباري صنعت جي وچ ۾ اشراڪتي رابطي کي فروغ ڏيڻ پريس جي آزادي جو تحفظ ڪرڻ ۽ ميڊيا انڊسٽري کي درپيش چئلينجن کي حل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ آهي. گورنمينٽ پريس ريليشنز ڪميٽي اخباري صنعت کي درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سي پي اين اي ۽ سرڪاري ادارن جي وچ ۾ مسلسل رابطي کي برقرار رکندي، حڪومت کي پريس جي آزادي ۽ ميڊيا جي پائيدار واڌاري لاءِ سازگار قانوني پاليسين ۽ ضابطن کي لاڳو ڪرڻ لاءِ قائل ڪندي. ميمبر اخبارن ۽ رسالن کي درپيش پريس جي آزادي ۽ انتظامي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين سان ملاقاتون ۽ صلاح مشورا ڪندي، جنهن ۾ سرڪاري اشتهارن جي منصفاڻي ورڇ اشتهارن جي شرحن ۽ واجبات جي بروقت ادائيگي شامل آهي ۽ انهن سڀني سرگرمين جي رپورٽون ۽ سفارشون سي پي اين اي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي کي ٽه ماهي بنيادن تي پيش ڪندي

بقايا 3 آمريڪا /ايران حملا

کي نشانو بڻايو آهي جڏهن ته ايران جوابي ڪارروائي ۾ ڪويت ۽ بحرين ۾ آمريڪي اڏن کي نشانو بڻائڻ جو دعويٰ ڪيو آهي ايراني پرڏيهي وزارت آمريڪي حملي کي جنگ بندي جي خلاف ورزي قرار ڏنو ۽ چيو ته آمريڪا ڪنهن به وڌيڪ واڌ جي نتيجن جو ذميوار هوندو. ايران وڌيڪ چيو ته جنگ بندي جي بار بار ڀڃڪڙي ظاهر ڪري ٿي ته آمريڪا جو تڪرار گهٽائڻ جو ڪو ارادو ناهي. ايراني پرڏيهي وزارت اهو به چيو ته آمريڪا غير قانوني ڪارروائين ۽ ڪنهن به وڌيڪ واڌ جي نتيجن جو ذميوار هوندو ٻئي طرف، آمريڪي سينٽ ڪام جو چوڻ آهي ته ايران پاران لانچ ڪيل 7 مان 6 ميزائلن کي غير فعال ڪيو ويو آهي ايراني پرڏيهي وزارت جو چوڻ آهي ته گوروڪ ۽ قشم ٻيٽن تي آمريڪي حملي جنگ بندي جي خلاف ورزي آهي جنگ بندي جي بار بار ڀڃڪڙي ظاهر ڪري ٿي ته آمريڪا جو تڪرار گهٽائڻ جو ڪو به ارادو ناهي آمريڪا غير قانوني ڪارروائين جي نتيجن ۽ ڪنهن به وڌيڪ تڪرار جو ذميوار هوندو ايراني پرڏيهي وزارت موجب، آمريڪي حملي ۾ هڪ ريڊار ۽ ساحلي نگراني تنصيب کي نشانو بڻايو ويو آمريڪي حملي جي جواب ۾ ايران ڪويت ۽ بحرين ۾ آمريڪي فوجي اڏن کي نشانو بڻائڻ جو دعويٰ ڪيو آهي. آمريڪي سينٽ ڪام موجب، آبنائي هرمز ۽ خليج ملڪن ڏانهن لانچ ڪيل 7 مان 6 ايراني ميزائلن کي روڪيو ويو سٽين ميزائل پنهنجي هدف تائين نه پهچي سگهيو بحرين ۾ پنجين بحري بيڙي جي هيڊ ڪوارٽر کي نقصان پهچائڻ جو ايراني دعويٰ سچ ناهي سعودي پرڏيهي وزارت بحرين ۽ ڪويت تي ايراني حملن کي بين الاقوامي سلامتي لاءِ خطرو قرار ڏنو آهي. سعودي عرب جي پرڏيهي وزارت بحرين ۽ ڪويت تي ايراني حملن جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته ايراني حملا علائقائي ۽ بين الاقوامي سلامتي لاءِ خطرو آهن ۽ ايران جي مسلسل حملن جو مطلب وڌيڪ ڇڪتاڻ آهي پرڏيهي وزارت جي مطابق ايراني حملا امن بحال ڪرڻ جي بين الاقوامي ڪوشش کي ڪمزور ڪري رهيا آهن ۽ ڪويت ۽ بحرين پاران سيڪيورٽي ۽ استحڪام جي حفاظت لاءِ کنيل سڀني قدمن جي مڪمل حمايت ڪن ٿا. بحرين ايران جي حملي جي مذمت ڪري ٿو غير منصفاڻه حملن کي فوري طور تي بند ڪرڻ جو مطالبو ڪري ٿو بحرين ايران جي حملن جي مذمت ڪري ٿو ۽ انهن ناحق حملن کي فوري طور تي روڪڻ جو مطالبو ڪري ٿو بحرين جي پرڏيهي وزارت ايران کان آبنائي هرمز کي بغير ڪنهن پابندي جي کولڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته ڪويت ۽ بحرين تي ايران جا نوان حملا کليل جارحيت ۽ ٻنهي ملڪن جي خودمختياري جي واضح خلاف ورزي آهن پرڏيهي وزارت پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته بحرين جو صبر ۽ تحمل ڪمزوري جي نشاني ناهي ۽ قومي سلامتي ۽ قومي مفادن جي حفاظت لاءِ سڀئي جائز قدم کڻندو

بقايا 4 تجويز

جنهن جي ڪوريج نه ڪئي وئي اجلاس ۾ نئين مالي سال جي بجيٽ، خاص طور تي پي ايس ڊي پي ٽيڪسن ۽ پگهارن توڙي پينشن ۾ واڌ جي مسئلن تي غور ويچار ڪيو ويو وفاقي ناڻي واري وزير وزيراعظم شهباز شريف کي بجيٽ جي اهم رخن تي بريفنگ ڏني ذريعن موجب، مهانگائي جي شرح جي تناسب سان سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 10 سيڪڙو کان 15 سيڪڙو جي وچ ۾ واڌ جي تجويز آهي. ان باوجود به وزيراعظم هدايت ڪئي آهي ته متوقع وسيلن جي روشنيءَ ۾ ورڪنگ ڪئي وڃي ته ملازمن کي ڪيترو رليف ڏئي سگهجي ٿو ذريعن جو چوڻ آهي ته سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ جو فيصلو وزيراعظم شهباز شريف اتحادي سان مشاورت ڪانپوءِ ڪندو

بقايا 5 انڪشاف

2026ع جي دستاويزن موجب سرڪاري اداري جي ڪيترن ئي آفيسرن کي ملڪ جي صدر ۽ وزيراعظم کان به ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ ماهوار پگهارون ادا ڪيون پيون وڃن جنهن سبب قومي خزاني تي ڪروڙين رپين جو اضافي بار پئجي رهيو آهي ذريعن موجب واٽر ڪارپوريشن ۾ مبينا سڌارن ۽ جديديت جي نالي تي ڪيترائي نوان انتظامي عهدا پيدا ڪري من پسند ماڻهن کي مقرر ڪيو ويو آهي انهن آفيسرن کي لکين رپين جون پگهارون ڏيڻ سان گڏ مختلف شاهاڻا مراعتون پڻ فراهم ڪيون پيون وڃن جڏهن ته ٻئي طرف شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال آب جون سهولتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون پيون وڃن.پيرول سيڪشن جون اهي اهم دستاويز منظرعام تي اچڻ کان پوءِ عوامي ۽ سماجي حلقن ۾ سخت ڳڻتي جي لهر ڇانئجي وئي آهي مختلف حلقن پاران اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 6 پيش

ڏهاڙي جي موقعي تي سوينن جي حڪومت ۽ عوام کي دلي مبارڪون ڏنيون آهن هن چيو ته پاڪستان سوينن سان پنهنجن پراڻن ۽ دوستاڻن لاڳاپن کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو 1949ع ۾ قائم ٿيل اهي لاڳاپا گڏيل احترام، عالمي امن ۽ تعاون جي گڏيل عزم جي مضبوط بنيادن تي ٻڌل آهن ڇنڇر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر مملڪت ٻه طرفه لاڳاپن ۾ مسلسل اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته تجديد جوڳي توانائي ٽيڪنالاجي، ٽيلي ڪميونيڪيشن، ٽيڪسٽائيل ۽ زراعت جي شعبن ۾ تعاون ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي. جڏهن ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپاري ڀائيواري کي وڌيڪ وڌائڻ جا وسيع امڪان موجود آهن هن ايندڙ سالن ۾ گڏيل فائيدمند لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ۽ وسعت ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا 7 جاري

ڪان پوءِ لاهور هاءِ ڪورٽ پرنسپل سيٽ لاءِ ترميمي روسٽر جاري ڪيو ويو آهي جنهن تحت سومر کان 8 ڊويزن بينچون مختلف نوعيت جي سول، فوجداري، ٽيڪس، بينڪنگ ۽ دهشتگردي جي خاتمي وارن ڪيسن جي ٻڌڻي ڪنديون جڏهن ته 26 جج سنگل بينچ طور اهم ۽ فوري نوعيت جي درخواستن جي ٻڌڻي ڪندا. ايڊيشنل رجسٽرار (جوڊيشل) سيد شبير حسين شاهه پاران جاري روسٽر موجب چيف جسٽس عاليه نيلم جي سربراهي ۾ رڪني بينچ سمورن نوعيت جي اپيلن جي ٻڌڻي ڪندي جسٽس عابد عزيز شيخ جي سربراهي ۾ ڊويزن بينچ ٽيڪس ۽ ڪمرشل نوعيت جي اپيلن، جسٽس شهباز رضوي جي سربراهي ۾ بينچ دهشتگردي جي خاتمي وارن ڪيسن، جسٽس فيصل زمان خان جي سربراهي ۾ بينچ سول اپيلن ۽ جسٽس شهرام سرور چوڌري جي سربراهي ۾ بينچ قتل ۽ قتل جي قدمن سميت فوجداري اپيلن جي ٻڌڻي ڪندو اهڙي طرح جسٽس فاروق حيدر جي سربراهي ۾ ڊويزن بينچ قتل قتل جي قدمن ۽ منشيات جي ڪيسن جي اپيلن، جسٽس احمد نديم ارشد جي سربراهي ۾ بينچ سول اپيلن جڏهن ته جسٽس حسن نواز مخدوم جي سربراهي ۾ بينچ ٽيڪس ريفرنسز ۽ بينڪنگ اپيلن جي ٻڌڻي ڪنديون جسٽس ملڪ اويس خالد جي سربراهي ۾ به ڊويزن بينچ سول اپيلن جي ٻڌڻي ڪندي جاري ڪيل روسٽر موجب اهي انتظام 4 جولاءِ تائين لاڳو رهندا.

بقايا 8 گرفتار

جي علائقي پاڪستان بازار پوليس ۽ هٿياربند ڌرين جي ٽولي وچ ۾ مبينا مقابلو ٿيو ايس ايس پي ويسٽ طارق الهي مستوئي موجب ٻنهي ڌرين وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 3 زخمي جوابدارن سميت 4 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو زخمي جوابدارن جي سڃاڻپ مصطفيٰ، شهباز حسين ۽ خالد، جڏهن ته گرفتار ساٿي جوابدار جي سڃاڻپ مختيار طور ٿي آهي. پوليس جوابدارن وٽان غيرقانوني هٿيار گوليون هلندڙ خول موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪري ورتي، جڏهن ته استعمال هيٺ به موٽر سائيڪلون پڻ تحويل ۾ ورتيون ويون زخمي جوابدارن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ۽ سندن ڪرمنل رڪارڊ حاصل ڪرڻ لاءِ جاچ جاري آهي ٻئي پاسي ضلعي ملير جي علائقي شاهه لطيف ٽائون سيڪٽر 17-اي پرسان پوليس ۽ هٿياربند ڌرين وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران عبدالمجيد نالي هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس گرفتار جوابدار وٽان پسٽل، گوليون ۽ روڪ رقم هٿ ڪري ورتي زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته فرار ٿيل جوابدار جي ڳولا جاري آهي هوڏانهن ضلعي سينٽرل ۾ يوسف پلازه ٿاڻي جي حدن اندر ايف بي ايريا بلاڪ 16 ۾ پوليس مقابلي دوران محمد امين نالي هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب گشت دوران مشڪوڪ موٽر سائيڪل سوارن کي بيهڻ جو اشارو ڪيو ويو ته هنن فائرنگ شروع ڪري ڏني جوابي ڪارروائي دوران هڪ جوابدار زخمي ٿي پيو گرفتار جوابدار وٽان 30 بور پسٽل، گوليون، ڦريل چار موبائل فون ۽ ٽاٽو تيموريه کي گهربل چوري ٿيل موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي جوابدار کي طبي امداد لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ان کان علاوه نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا ٿاڻي جي حدن اندر صديق آباد قبرستان پرسان پوليس ۽ اسٽريٽ ڪرمنلز وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران هڪ زخمي سميت ٻه جوابدار گرفتار ڪيا ويا. ساڳئي وقت ملير جي علائقي اسٽيل ٽائون ۾ به پوليس ۽ هٿياربند ڌرين وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو. ملير پوليس جي ترجمان موجب 100 بيڊ اسپتال پرسان اسٽيل ٽائون پوليس موٽر سائيڪل تي سوار مشڪوڪ ماڻهن کي بيهڻ جو اشارو ڪيو ته هنن پوليس پارٽي تي فائرنگ شروع ڪري ڏني پوليس جي جوابي ڪارروائي دوران هڪ جوابدار زخمي ٿي پيو جڏهن ته ٻيو جوابدار فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويو. گرفتار زخمي جوابدار جي سڃاڻپ مير اسغان ولد محمد اسلم طور ٿي آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدار وٽان 30 بور پسٽل گوليون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي آهي زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي ۽ سندن اڳوڻو ڪرمنل رڪارڊ پڻ حاصل ڪيو پيو وڃي

بقايا 9 امڪان

ڏينهن ۾ سخت گرمي ۽ گرمي جي لهر اچڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي جنهن سبب شهرين کي خاص احتياط ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي. محڪمه موسميات موجب گرمي پد ۾ تيز واڌ ٿي سگهي ٿي، جنهن سان گرمي لڳڻ جو خطرو وڌي سگهي ٿو. شهرين کي گذارش آهي ته غير ضروري طور ٻاهر نڪرڻ کان پاسو ڪن گهڻو پاڻي پيئن ۽ پاڻ کي سج جي سڌي تپش کان بچائن، خاص طور ٻارن ۽ بزرگن جو خاص خيال رکيو وڃي. صوبائي حڪومت کان مطالبو ڪيو وڃي ٿو ته فوري طور هنگامي قدم کنيا وڃن بلدياتي ادارن کي متحرڪ ڪيو وڃي ۽ شهر جي مختلف علائقن ۾ رليف ڪيمپون قائم ڪيون وڃن، جتي ٿڌو پاڻي ۽ مشروبات دستياب هجن.ساڳئي وقت ايمبولينس سروسز ۽ صحت جي عملي کي تيار رکيو وڃي ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ فوري مدد فراهم ڪري سگهجي. روڊن ۽ عوامي هنڌن تي ڇانوَ جو مناسب بندوبست به ضروري آهي. بجلي فراهم ڪندڙ اداري کان پڻ مطالبو ڪيو وڃي ٿو ته ڪراچي ۾ بنا وقفي بجلي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي، ته جيئن سخت گرمي دوران عوام کي وڌيڪ تڪليفن کان بچائي سگهجي ۽ انساني جانن جو تحفظ ممڪن ٿي سگهي. هي بيان شهرين جي ڀلائي ۽ احتياطي تدبيرن جي اپيل تي ٻڌل آهي

بقايا 10 سعديه جاويد

۽ سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد پاران "سنڌ جا رنگ" جي عنوان سان هڪ آرٽ نمائش جو افتتاح ڪيو ويو سعديه جاويد مختلف فن پارن جو دورو ڪيو ۽ فنڪارن جي محنت جي تعريف ڪئي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته اسان کي اهڙين سرگرمين جي سخت ضرورت آهي جيڪي نوجوانن کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪن هن چيو ته مان سمجهان ٿي ته اسان جا نوجوان تمام گهڻو باصلاحيت آهن. جيڪڏهن ضرورت هجي ته اسان کي انهن کي موقعو ڏيڻ گهرجي ۽ ثقافت کاتو سنڌ حڪومت ان سلسلي ۾ مڪمل ڪوششون ڪري رهي آهي سڄي سنڌ مان فنڪارن جي وڏي انگ نمائش ۾ شرڪت ڪئي ۽ نمائش لاءِ پينٽنگس، مجسما، تصويرون ۽ ٻيا ذريعا شامل آهن سمبارا آرٽ گيلري جي قيام جو بنيادي مقصد، جنهن جو بنيادي مقصد نوجوان نسل کي پنهنجي صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم فراهم ڪرڻ هو نوجوان فنڪارن جي وڏي تعداد مان واضح ٿئي ٿو ته سمبارا آرٽ گيلري فنون لطيفه جي ميدان ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي نوجوانن کي خطاب ڪندي سعديه جاويد چيو ته اهي انتهائي باصلاحيت آهن. انهن جو ڪم واقعي ساراهه جوڳو آهي مون کي اميد آهي ته اهي پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪندي سماج ۾ مثبت ڪردار ادا ڪندا رهندا. هن چيو ته سيد ذوالفقار علي شاهه جي کاتي جي معاملن ۾ گهري دلچسپي ۽ رڳو ثقافت ۽ سياحت جي فروغ ۾ اميد افزا آهي ۽ اهڙا پروگرام ثابت ڪن ٿا ته اسان پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت کي پنهنجي ايندڙ نسلن تائين پهچائي رهيا آهيون ۽ فن جا اهي ڪم ان جي بهترين مثال آهن ڊي جي ڪلچر حبيب الله ميمڻ ۽ ٻيا آفيسر پڻ ساڻس گڏ موجود هئا.

بقايا 11 انڪشاف

جنهن کان پوءِ معاملو اعليٰ سطح تي جاچ هيٺ اچي ويو آهي ذريعن موجب منصوبي ۾ اربين رپين جي مبينا خرد برد ۽ ضابطن جي خلاف ورزين جو پتو پيو آهي جنهن تي چيف سيڪريٽري سنڌ سخت نوٽيس وٺندي مڪمل انڪوائري جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي انڪوائري آفيسر اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽر ريونيو ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر سميت لاڳاپيل آفيسرن کي بيانن لاءِ فوري طور طلب ڪري ورتو آهي ان سلسلي ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ معاملي تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي سيڪريٽري ٽرانسپورٽ کي ذميوارن خلاف فوري ۽ سخت قانوني ڪارروائي جي هدايت ڪئي آهي. سينيئر وزير طرفان چيف سيڪريٽري سنڌ کي پڻ باقاعده خط موڪليو ويو آهي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته منصوبي جي اڳوڻي پي ڊي ضمير عباسي طرفان قاعدن جي خلاف ورزي ڪندي ايڊوانس ادائيگيون جاري ڪيون ويون خط ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته يلو لائن منصوبي سان لاڳاپيل سمورو اهم رڪارڊ ۽ دستاويز فوري طور تحويل ۾ ورتا وڃن ته جيئن مبينا ڪرپشن ۾ ملوث عناصر کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سگهجي اختيارين موجب جاچ جو عمل جاري آهي ۽ وڌيڪ انڪشافن جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي

بقايا 12 ايپيجيٽ ڊيبڪي

"ڪاڪروچ جنتا پارٽي" جي باني ايپيجيٽ ڊيبڪي امتحاني جا پرچا ليڪ ٿيڻ خلاف هزارين شاگردن سان گڏ احتجاج ڪندي مرڪزي تعليم واري وزير ڌرميندر پرڌان کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب، ڊيبڪي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن وزير استعيفيٰ نه ڏيندو ته ملڪ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي احتجاج ۾ مشهور سماجي ڪارڪن سونم وانگچڪ به شرڪت ڪئي جڏهن ته ڪيترن ئي مظاهرين ڪاڪروچ وارا ماسڪ پاتا هئا. واضح رهي ته ڪاڪروچ جنتا پارٽي هڪ طنزيه سوشل ميڊيا مهم طور شروع ٿي جيڪا سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جي هڪ تڪراري بيان کانپوءِ مقبول ٿي هيءَ تحريڪ دعويٰ ڪري ٿي ته لکين نوجوان ۽ شاگرد حڪومت جي پاليسين، بيروزگاري ۽ تعليمي نظام خلاف ڏمريل آهن ڪاڪروچ پارٽي جي وڌندڙ مقبوليت کان ڊنل بي جي پي سرڪار ڪجهه ڏينهن اڳ پارٽي جو ايڪس اڪائونٽ معطل ڪيو هو جنهن کانپوءِ سياسي ۽ سماجي ڌرين طرفان حڪومت کي ڇتي تنقيد جو نشانو بڻايو ويو هو جنهن کانپوءِ تحريڪ جو نئون اڪائونٽ بيهر فعال ڪيو ويو ڪاڪروچ پارٽي اڳواڻ ايپيجيٽ ڊيبڪي جو چوڻ آهي ته هي رڳو هڪ آن لائن مهم نه پر نوجوانن جي مايوسي ۽ تبديلي جي خواهش جو اظهار آهي ۽ مستقبل ۾ اها تحريڪ وڌيڪ وڏي صورت اختيار ڪري سگهي ٿي.

بقايا 13 اجهائي ڇڏيو

ويجهو ڳوٺ حاجي علو ساهوال پرسان رهندڙ هندو پورهيت لاڳو ڪچي ڪولهي جي نوجوان پٽ راجو ڪولهي گهر اندر مبينا ڦاهو کائي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو واقعي جي اطلاع تي عمرسانڊ پوليس لاش کي پنهنجي تحويل وٺي فوتي نوجوان چوڪري جي والد کان پوليس واقعي جا تفصيل ورتا ۽ لاش کي سول اسپتال ٽنڊوالهيار آندو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي شادي شده گهرو پريشاني سبب خودڪشي ڪئي آهي

بقايا 14 ايم ايس فوت

سائيڪل کي ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار اڳوڻو ايم ايس ڊاڪٽر لڪمڻ داس ميگهواڙ شديد زخمي ٿي پيو زخمي کي پوليس ۽ شهرين ڪٺائي سرڪاري اسپتال پهچايو جتان ڪيس فرسٽ ايڊ ڏئي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو جتي حيدرآباد پهچڻ کان اڳ رستي ۾ زخمن جو سور نه سهندي ڊاڪٽر لڪمڻ فوت ٿي ويو فوتي ڊاڪٽر جو گهر ۾ لاش پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا 15 کليل رهنديون

ثقافت، سياحت، نوادرات ۽ آرڪائيوز کاتي صوبي جي شاگردن محققن ۽ ڪتاب دوستن لاءِ هڪ اهم ۽ تاريخي فيصلو ڪندي سنڌ جي سمورين سرڪاري پبلڪ لائبريرين جي وقتن ۾ فوري تبديلي آڻي ڇڏي آهي ڊائريڪٽوريٽ جنرل آف پبلڪ لائبريريز سنڌ پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب هاڻي صوبي جون سڀئي پبلڪ لائبريريون سومر کان ڇنڇر تائين صبح 9 وڳي کان رات 9 وڳي تائين بنا وقفي کليل رهنديون کاتي جي ترجمان موجب هي فيصلو صوبائي وزير ثقافت، سياحت، نوادرات ۽ آرڪائيوز سيد ذوالفقار علي شاهه جي خاص هدايتن تي ڪيو ويو آهي شاگردن محققن ۽ ڪتابن سان دلچسپي رکندڙ شهرين طرفان لائبريرين جا وقت وڌائڻ بابت موصول ٿيندڙ درخواستن خطن ۽ پيغامن کان پوءِ اهو قدم کنيو ويو آهي ته جيئن مطالعي ۽ تحقيق لاءِ وڌيڪ وقت ۽ سهولتون فراهم ڪري سگهجن ذريعن موجب اڳ ۾ ڪيترين ئي پبلڪ لائبريرين جا وقت شام 5 وڳي يا 7 وڳي تائين محدود هئا، جنهن سبب خاص طور تي شاگردن ۽ ملازمت پيشه ماڻهن کي مطالعي لاءِ مناسب وقت نه ملي سگهندو هو نئين فيصلي کان پوءِ پڙهندڙن کي رات دير تائين مطالعي، تحقيق ۽ علمي سرگرمين لاءِ سازگار ماحول ميسر ٿيندو صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه چيو آهي ته علم تحقيق ۽ مطالعي جي فروغ لاءِ لائبريرين جو ڪردار انتهائي اهم آهي ۽ سنڌ حڪومت نوجوانن کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي ان سلسلي ۾ ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ لائبريريز هدايت الله راڄڙ سمورن لاڳاپيل ادارن کي نوان وقت فوري طور لاڳو ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن

بقايا 16 روڊ بلاڪ

مٽي ۾ گولي لڳل لاش هٿ آيو هالا پراڻا پوليس واقعي جي اطلاع تي واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪٺائي تعلقا اسپتال هالا منتقل ڪيو واقعي جي اطلاع تي وڏي انگ ۾ ماڇي برادري جا ماڻهو پڻ اسپتال پهچي ويا جتي فوتي نوجوان جي وارثن ٻڌايو ته مري برادري جي ماڻهن سان پئسن جي ڏيتي ليتي جو تڪرار هلندڙ هو جنهن تان انهن نوجوان کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته ڏيتي ليتيءَ جي معاملي جي ڊي ايس پي هالا محمد يعقوب ٻرڙو ۽ علائقي جي معززين کي خبر هئڻ باوجود جوابدارن اسان جي ڳڀرو نوجوان کي گوليون هڻي قتل ڪري اسان سان وڏو ظلم ڪيو آهي ٻئي طرف اسپتال انتظاميا پاران لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو وارثن پاران لاش وصول ڪرڻ بعد جوابدارن جي فوري گرفتاري لاءِ لاش قومي شاهراهه تي رکي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو مظاهرين محمد ابراهيم ماڇي عبدالرشيد ماڇي صحبت ماڇي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ قومي شاهراهه تي رنڊڪون وجهي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ڌرڻي سبب ٻنهي طرفن کان ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ مڪمل طور تي معطل ٿي وئي ۽ گاڏين جون قطارون لڳي ويون ان موقعي تي مظاهرين چيو ته ڏيتي ليتيءَ جي معاملي تان ناجائزي ڪري اسان جي ڳڀرو نوجوان کي ماريو ويو آهي جوابدارن کي فوري طور تي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي قومي شاهراهه تي ڌرڻي واري اطلاع تي ايس ايڇ او هالا ڪرم علي عمراڻي ڌرڻي واري هنڌ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري جي يقين ڏهاني ڪرائي جنهن بعد مظاهرين ڌرڻو ختم ڪري روڊ کولي ڇڏيو

بقايا 17 تقريب منعقد

ڪئي تقريب ۾ سنڌ جي گورنر نهال هاشمي، وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه، صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه سميت ٻين اهم آفيسرن ۽ معزز مهمانن شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي اٽلي جي قونصل جنرل فيبريزيو بيلي پاڪستان ۽ اٽلي وچ ۾ وڌندڙ مضبوط لاڳاپن تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ اقتصادي، تجارتي ۽ ڪاروباري شعبن ۾ تعاون جا وسيع موقعا موجود آهن جن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ مسلسل قدم کنيا پيا وڃن ان موقعي تي مهمانن لاءِ اطالوي ثقافت، صنعت، فيشن ۽ طرز زندگي جي عڪاسي ڪندڙ خاص نمائش پڻ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ فيراري، فيٽ اباراٿ ۽ ويسپا سميت مشهور اطالوي برانڊز پيش ڪيا ويا. ان کان علاوه عالمي شهرت يافته اطالوي فرنيچر ملبوسات، پرفيومز ڪافي ۽ جيلاٽو پڻ نمائش ۾ شامل هئا، جن کي شرڪت ڪندڙن طرفان بيحد ساراهيو ويو تقريب جي پڄاڻي تي لڪي ڊرا جو پڻ اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ معزز مهمانن فاتحن جا نالا اعلان ڪيا. جڏهن ته ڪامياب شرڪت ڪندڙن ۾ اطالوي برانڊز طرفان خاص تحفا ورهايا ويا. هي تقريب پاڪستان ۽ اٽلي جي وچ ۾ مضبوط لاڳاپن، ثقافتي هم آهنگي ۽ گڏيل تعاون جي فروغ جو هڪ خوبصورت مثال قرار ڏني وئي.

بقايا 18 زخمي

نتيجي ۾ موٽر سائيڪل ٽرالر جي هيٺان اچي وئي جنهن سبب ڪري هنگورجا لڳ ڳوٺ القاسميا پڻو جو رهواسي ماستر شڪيل احمد پڻو ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته محمد حسن پڻو شديد زخمي ٿي پيو. جنهن کي گمس ۾ داخل ڪرايو ويو آهي جڏهن ته ويگو گاڏي موقعي وارادات واري جاءِ تان ڊرائيور ڀڄائي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، جڏهن ته فوتي ۽ زخمي پاڻ ۾ ماسات هئا ۽ ٻئي ماستر به هئا، جيڪي ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ دعوت ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ موٽر سائيڪل تي وڃي رهيا هئا ته حادثي جو شڪار ٿي ويا، واضح رهي ته صرف مهيني اندر سنگل روڊ ٺهڻ کان پوءِ هيٺئر تائين ڇهه ماڻهون اجل جو شڪار ٿي چڪا آهن جڏهن ته ٺيڪيدار جي نااهلي سبب نيشنل هاءِ وي جو ڪم سست رفتاري سان هلي پيو. هتان جي سماجي ڌرين وزيراعظم شهباز شريف کان سخت نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 19 فوت

اڪبر علي ملڪ گهر پرسان هلندڙ واهي (واٽر ڪورس) ۾ پير ترڪڻ سبب ڪري پيو ۽ پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو وارثن موجب معصوم ٻار گهر جي ويجهو راند ڪري رهيو هو ته اوچتو حادثي جو شڪار ٿي ويو. واقعي جي اطلاع تي گهر ڀاتي ۽ ڳوٺاڻا وڏي انگ ۾ پهچي ويا ۽ ٻار کي پاڻي مان ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي معصوم ٻار جي اوچتي وڇوڙي سبب گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته علائقي ۾ پڻ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي فوتي ٻار جي جنازي ۽ تدفين ۾ مائٽن، عزيزن ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 20 فوت

اڳتو پل وٽان مقامي ٽوبن جي ذريعي لاش هٿ ڪري ورتو جيئن ئي ٽينگر جو لاش گهر پهتو ته سندس جي اهڙ بيحال ٿي وئي ۽ سمورو ڳوٺ سنسان ٿي ويو

بقايا 21 بيحال

ڪرڻو پئجي رهيو آهي ذريعن موجب ڪيٿي ليب مان منتقل ڪيل نازڪ مريض به هن صورتحال کان متاثر ٿي رهيا آهن ۽ يونٽ ۾ گرمي پد وڌڻ سبب انهن کي سخت تڪليفون پيش اچي رهيون آهن ذريعن جو چوڻ آهي ته اسٽيپ ڊائون يونٽ ۾ داخل ڪيترائي مريض سخت گرمي سبب پريشاني جو شڪار آهن گرمي گهٽائڻ لاءِ وارڊ ۾ پنکها لڳايا ويا آهن پر انهن جي استعمال سان شور وڌي ويو آهي ذريعن مطابق ڪن ڏينهن کان هوا ٿڌي ڪرڻ واري نظام جي بندش سبب مريضن ۾ ساهه جي تڪليف ۽ ٻين طبي پيچيدگين جو خدشو به وڌي ويو آهي واضح رهي ته اسٽيپ ڊائون يونٽ ۾ اهي مريض رکيا ويندا آهن جيڪي ڪيٿي ليب سميت مختلف مرحلن مان گذرڻ بعد خاص نگراني ۾ هوندا آهن ٻئي پاسي اين آءِ سي وي ڊي جي ترجمان موجب اسٽيپ ڊائون يونٽ جا ٿڌي هوا وارا نظام اوچتو بند ٿي ويا هئا جڏهن ته ان دوران ڪن يونٽن ذريعي گرمي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ترجمان مطابق مرمت جو ڪم جاري آهي ۽ اميد آهي ته ٻن ڪان ڏينهن ۾ نظام مڪمل طور بحال ٿي ويندو ترجمان وڌيڪ چيو ته مريضن جي حالت بهتر آهي ۽ انهن کي ڪنهن به غيرمعمولي مشڪل جو سامنا ناهي ادارو صورتحال تي مسلسل نظر رکي رهيو آهي

بقايا 22 ناصر شاهه

پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري جي ويزن موجب صوبي ۾ ترقياتي عمل کي وڌيڪ تيز ڪيو پيو وڃي هن چيو ته شاهراهه ڀٽو سميت جاري ميگا منصوبن مان سمورن شهرين ۽ واپاري برادري کي فائدو ٿيندو ان موقعي تي سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، سي اي او واٽر ڪارپوريشن، ايم ڊي سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ، ڊي جي ڪي ڊي اي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جا اعليٰ آفيسر پڻ موجود هئا. ناصر حسين شاهه چيو ته ڪراچي ۾ هن وقت لڳ ڀڳ 2000 ارب رپين جي لاڳت وارا ترقياتي منصوبا جاري آهن. جڏهن ته ڪورنگي لاءِ 9 ارب رپين جي منصوبن تي ڪم هلي رهيو آهي هن چيو ته شهر جي وڏين شاهراهن جا منصوبا ايف ڊبليو او حوالي ڪيا ويا آهن ۽ مختلف ٽائونز ۾ 109 کان وڌيڪ رستن تي ترقياتي ڪم جاري آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۾ 40 ٽنڊن ۽ وڏن روڊن تي به ڪم شروع ٿي چڪو آهي. وزير بلديات چيو ته صنعتي علائقن لاءِ پاڻي جي فراهمي حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ ان مقصد لاءِ خصوصي توجهه ڏني پئي وڃي هن ٻڌايو ته صنعتن لاءِ الڳ رکيل 9 ارب رپين مان 2 ارب رپيا ڪورنگي لاءِ مختص ڪيا ويا هئا. جڏهن ته ٽي پي فور منصوبي تي پڻ ڪم جاري آهي هن واٽر ڪارپوريشن جي اختيارين کي هدايت ڪئي ته ڪاٽي آفيس ۾ پاڻي جي دستيابي هر صورت يقيني بڻائي وڃي ناصر حسين شاهه چيو ته عظيم پوره فلاءِ اوور تي ڪم جاري آهي، جنهن سان ٽريفڪ مسئلن جي حل ۾ مدد ملندي هن چيو ته سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ يلو لائين منصوبي بابت ورلڊ بينڪ ۽ ايشيائي ترقياتي بينڪ سان اهم ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي هن بزنس ڪميونٽي کي اپيل ڪئي ته ايس آر بي ۽ ٻين معاملن بابت پنهنجون تجويزون حڪومت تائين پهچائين هن چيو ته وفاقي حڪومت سان لاڳاپيل مسئلا به شيئر ڪيا وڃن ته جيئن اهي صدر آصف علي زرداري آڏو رکيا وڃن وزير بلديات چيو ته ڪراچي کي پاڪستان جو معاشي حب چيو وڃي ٿو پر اڪثر سمورين ذميوارين سنڌ حڪومت تي وڌيون وڃن ٿيون هن چيو ته اين ايف سي ايوارڊ ۽ اڙهين ترميم ڪانپوءِ اختيار سڀني صوبن وٽ آهن، تنهن ڪري وفاقي حڪومت کان به پڇڻ گهرجي ته پي ايس ڊي پي ۾ سنڌ لاءِ رڳو 3 کان 4 سيڪڙو بجيٽ ڇو رکي وڃي ٿي، جيڪا هاڻي گهٽجي 1 کان 2 سيڪڙو رهجي وئي آهي هن چيو ته نيشنل هاءِ ويز وفاقي حڪومت جي ذميواري آهن پر انهن جي خراب حالت جو الزام به سنڌ حڪومت تي لڳايو وڃي ٿو ناصر حسين شاهه چيو ته 2010ع ۽ 2022ع جي ٻوڏن سبب سنڌ جي انفراسٽرڪچر کي وڏو نقصان پهتو تنهن هوندي به حڪومت بحالي ۽ ترقياتي ڪمن تي مسلسل ڪم ڪري رهي آهي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي 2013ع، 2018ع ۽ 2024ع جي چونڊن ۾ عوامي اعتماد حاصل ڪيو آهي ۽ 2029ع جي چونڊن ۾ ڪراچي مان وڏي ڪاميابي حاصل ڪندي تقريب دوران صنعتڪارن مختلف مسئلا اجاگر ڪيا، جڏهن ته وزير بلديات کين يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي ترقي صنعتن جي واڌاري ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي

بقايا 23 اسد قيصر

سگهجي آهي پنهنجي مرضي سان چونڊون ڪرائي رهيا آهن صوابي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اسد قيصر چيو ته پي ٽي آءِ کي برابر ميدان نه مليو ۽ پي ٽي آءِ خلاف سڀئي غير قانوني حربا استعمال ڪيا ويا. هن چيو ته تحريڪ انصاف کان نشان کسيو ويو پابنديون لڳايون ويون اهي پنهنجي مرضي سان چونڊون ڪرائڻ چاهين ٿا. اهو اڳ ۾ ئي طئي ٿي چڪو آهي ته ڪنهن وٽ ڪيترين سيٽون هونديون قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر چيو ته مهانگائي ۽ بيروزگاري حڪومت جي ناڪام پاليسين جي ڪري آهي

بقايا 24 رانا ثناءالله

ڳالهيون جاري آهن جيستائين ان انگ مطابق وسيلا نه ملندا، بجيٽ تيار ڪرڻ ڏکيو ٿيندو ڳالهائيندي رانا ثناءالله چيو ته کيس اميد آهي ته پيپلز پارٽي سان ڪو نتيجو نڪرندو ٻئي طرف بجيٽ جي معاملي تي حڪومت ۽ پيپلز پارٽي جي ڳالهيون اڄ بدران سڀاڻي ٿيڻ جو امڪان آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته صدر آصف علي زرداري ۽ پيپلز پارٽي جي ڳالهين واري ٽيم جي ملاقات اڄ رات ٿيندي پيپلز پارٽي جي اندروني اجلاس کان پوءِ سرڪاري ٽيم سان ملاقات جو وقت مقرر ڪيو ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته مرڪز صوبن کان 1700 ارب رپين جي فنڊ جو مطالبو ڪري رهيو آهي انهن فنڊن جي دستيابي کان پوءِ ئي وفاقي بجيٽ کي حتمي شڪل ڏني ويندي

بقايا 25 وٺي ڇڏيو

قبضي ۾ ورتو آهي ايراني نيوز ايجنسي موجب، هڪ آمريڪي ڪمپني سان تعلق رکندڙ ڪارگو جهاز کي ٽرانزٽ قانونن ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي جي الزام ۾ آبنائي هرمز ۾ روڪيو ويو ايراني انقلابي گارڊ ڪور موجب، آمريڪي فوج جي سرپرستي ۾ چار جهاز آبنائي هرمز مان گذرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. انهن مان هڪ کي نشانو بڻايو ويو ۽ روڪيو ويو جڏهن ته ٻيا ٽي جهاز واپس موٽي ويا. ايراني ميڊيا تي جهاز جي فوٽيج پڻ جاري ڪئي وئي آهي ۽ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته هي جهاز هڪ آمريڪي ڪمپني جو آهي آمريڪا طرفان هن دعويٰ تي اڃا تائين ڪو به سرڪاري جواب نه آيو آهي

بقايا 26 منجمد

بئنڪ اڪائونٽس منجمد ڪيا ويا آهن ذريعن موجب قومي احتساب بيورو ملزمان احمد علي رياض ۽ مبشره علي ملڪ جا ماريشس ۾ واقع سلور بئنڪ جا ٻه پرڏيهي اڪائونٽس منجمد ڪيا جن ۾ لڳ ڀڳ 45 لک آمريڪي ڊالر موجود هئا. هي ڪارروائي احتساب عدالت ڪراچي جي باقاعده اجازت ۽ منظوري بعد مني لانڊرنگ قانون 2010 تحت عمل ۾ آندي وئي ذريعن جو چوڻ آهي ته بحريه ٽائون طرفان مبينا طور غيرقانوني حوالا ۽ هنڊي ذريعي رقمون ملڪ کان ٻاهر منتقل ڪيون ويون جيڪي پهريان متحده عرب امارات پهتيون ۽ بعد ۾ ماريشس منتقل ڪيون ويون اهي رقمون مختلف گڏيل بئنڪ اڪائونٽن ۾ جمع ڪرايون ويون جتي هاڻي اهي اڪائونٽس منجمد آهن ۽ انهن جي قانوني واپسي جو عمل جاري آهي قومي احتساب بيورو وزارت خارجه ذريعي قانوني ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي. ذريعن موجب رقم جي ضبطي ۽ پاڪستان واپسي لاءِ قدم آخري مرحلن ۾ داخل ٿي چڪا آهن هي ڪارروائي ادارن جي ان عزم جي عڪاسي ڪري ٿي ته غيرقانوني ذريعن سان حاصل ڪيل اثاثن جو دنيا ڀر ۾ پتو لڳائي انهن جي واپسي يقيني بڻائي ويندي

بقايا 27 ڳالهيون

صدر آصف علي زرداري ۽ پيپلز پارٽي جي ڳالهين واري ٽيم جي ملاقات اڄ رات ٿيندي. حڪومتي ٽيم سان ملاقات جو وقت پيپلز پارٽي جي اندروني ملاقات کان پوءِ طئي ڪيو ويندو ذريعن جو چوڻ آهي ته مرڪز صوبن کان 1700 ارب رپيا گهري رهيو آهي انهن فنڊن جي دستيابي کان پوءِ ئي وفاقي بجيٽ کي حتمي شڪل ڏني ويندي

بقايا 28 زخمي

مارجي ويا ۽ 15 زخمي ٿي پيا. عرب ميڊيا موجب، اسرائيلي فوج غزه شهر ۾ هڪ پناهگير ڪئمپ کي نشانو بڻايو جتي شادي جي تقريب جاري هئي ۽ ميزائل ڪئمپ اندر ڪريا، جنهن جي نتيجي ۾ تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا. اکين ڏٺن شاهدن موجب ڌماڪن ڪان پوءِ علائقي ۾ افراتفري پکڙجي وئي ۽ امدادي ڪارڪنن فوري طور تي زخمين ۽ مئلن کي ملبي مان ڪڍڻ جو عمل شروع ڪيو عرب ميڊيا جو چوڻ آهي ته زخمين ۽ شهيدن کي فوري طور تي الشفا اسپتال ۽ ويجهي فيلڊ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڪيترن ئي زخمين جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي. طبي ذريعن موجب حملي ۾ شهيد ٿيندڙن ۾ ٻه عورتون به شامل آهن. جڏهن ته زخمين کي هنگامي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي عرب ميڊيا خدشو ظاهر ڪيو آهي ته ملبي هيٺان وڌيڪ ماڻهن جي موجودگي سبب شهيدن جو انگ وڌي سگهي ٿو

بقايا 29 طلب

ٿيندڙ هڪ وڊيو جو سخت نوٽيس وٺي ورتو آهي. وزير گهرو سنڌ ايس ايس پي خيرپور کان واقعي جي فوري ۽ تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي جڏهن ته خاتون سان هراسان ڪرڻ جي الزام هيٺ ملوث اهلڪار خلاف قانون موجب فوري ڪارروائي ڪرڻ جون واضح هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. وزير گهرو سنڌ چيو آهي ته عورتن کي هراسان ڪرڻ وارا عنصر ڪنهن به صورت ۾ رعايت جا مستحق ناهن ۽ اهڙين واقعن کي هرگز برداشت نه ڪيو ويندو انهن وڌيڪ چيو ته واقعي جي شفاف ۽ غير جانبدار جاچ ڪئي وڃي ۽ ذميوار شخص خلاف سخت قانوني ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي. چو ته عورتن جي تحفظ ۽ عزت نفس تي ڪوبه سمجهوتو نه ڪيو ويندو. بعد ۾ ايس ايس پي خيرپور طرفان اي ايس آءِ محمد يوسف ناريجو کي معطل ڪري وڌيڪ جاچ جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي. ذريعا موجب معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ جلد وڌيڪ تفصيل سامهون اچڻ جو امڪان آهي.

بقايا 30 شرجيل ميمڻ

جي آخر تائين ٽريفڪ لاءِ کوليو ويندو عوام کي عارضي تڪليف ضرور پهتي جنهن جي ڪري حڪومت سخت فيصلا به ڪيا ۽ عوام کان معذرت به ڪئي انهن خيالن جو اظهار هن ريڊ لائين بي آر ٽي جي ترقياتي ڪم جو جائزو وٺڻ دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن سي اي او ٽرانس ڪراچي زبير چنا ۽ ٻيا عملدار به ساڻس گڏ هئا. هن جو چوڻ هو ته ڪراچي ۾ موٽروي جي شروعات شهر مان ٿيڻ ڪيندي هئي، پر هتي منصوبابنديءَ ۾ ان جي برعڪس صورتحال رهي هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي پاڪستان جي آخري حصي ۾ واقع آهي ۽ هتي پاڻي جي 20 سيڪڙو ڪوٽ جو مسئلو به موجود آهي هن چيو ته شاهراهه ڀٽو جي کلڻ سان شهرين کي وڏي سهولت ملي آهي ۽ ان جي استعمال سان وقت جي بچت به ٿي رهي آهي ان شاهراهه تي پوليس، ايمبولينس ۽ ريسڪيو سروسز مقرر آهن ته جيئن شهرين کي فوري مدد فراهم ڪري سگهجي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پوري پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ صحت جون سهولتون ڪراچي ۾ موجود آهن ۽ سڄي ملڪ مان مريض هتي اچي مفت علاج ڪرائي رهيا آهن هن گمبٽ جي گمس اسپتال جو به ذڪر ڪيو جتي مريضن کي مفت ۽ معياري علاج فراهم ڪيو پيو وڃي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ ۾ وفاق جي اختيار ۾ اچڻ وارن رستن جي حالت خراب آهي جڏهن ته سنڌ حڪومت پنهنجي وسيلن سان صوبي ۾ رستن جي حالت بهتر بڻائي آهي ۽ ڪم جاري آهي هن چيو ته دنيا جو سڀ کان وڏو هائوسنگ منصوبو سنڌ ۾ جاري آهي جنهن تحت 21 لک غريب ماڻهن کي گهر ٺاهي ڏنا پيا وڃن هن موجب سنڌ حڪومت ٿر جي ڪوئلي تي هڪ ارب ڊالر جي سيڙپڪاري ڪئي آهي جنهن مان سستي بجلي پيدا ٿي رهي آهي ۽ ان جو فائدو پوري ملڪ کي پهچي رهيو آهي هن چيو ته ڪراچي ۾ هيوي ٽريفڪ جي مسئلي جي حل لاءِ ناردرن بائي پاس تي ٽرمينل تعمير ڪيو پيو وڃي هن جو چوڻ هو ته پوري پاڪستان مان ماڻهو روزگار لاءِ ڪراچي ايندا آهن ۽ هي شهر صحت ۽ روزگار جو وڏو بار کڻي رهيو آهي ان ڪري ڪنهن به شهر سان ڀيٽ ڪرڻ وقت ان حقيقت کي نظر ۾ رکڻ ضروري آهي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ڪيپٽن (ر) صفدر جي ڪا سياسي حيثيت ناهي ته هو ان تي تبصرو ڪن ۽ هو سندس بيانن تي وڌيڪ سياسي ڳالهه ٻولهه نٿا ڪرڻ چاهين هن چيو ته ڪيپٽن (ر) صفدر قائد اعظم جي مزار جي حرمت جو به خيال نه رکيو ۽ چونڊ مهم دوران سندس ٻولي به نامناسب رهي هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اتي مسلم ليگ (ن) جي چونڊ مهم ڪمزور رهي، ان ڪري کيس اتي موڪليو ويو تنهن هوندي به سندس ڪوشش جي باوجود پيپلز پارٽي چونڊن ۾ ڪلين سوئيپ ڪندي هن وڌيڪ چيو ته گلگت بلتستان ۾ چونڊ مهم دوران عوام جو ڌيان پيپلز پارٽي ڏانهن رهيو جڏهن ته ڪجهه وفاقي وزيرن اتي وڃي ترقياتي اعلان ڪيا هن جو چوڻ هو ته اليڪشن ڪميشن جي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي آهي هن چيو ته وفاق کي مضبوط ڪرڻ ضروري آهي ۽ وفاقي بجيٽ ڪانپوءِ ترقياتي هدف مقرر ڪيا ويندا. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته 28 هين ترميم جو ڪو به مسودو تيار ناهي ٿيو ۽ اهي صرف افواهه آهن جڏهن ته 18 هين ترميم جي ايم ڪيو ايم به حمايت ڪئي هئي هن چيو ته ايم ڪيو ايم جي اڳواڻن کي عوام به سنجيدگي سان ناهي وٺندو

بقايا 31 امڪان

اچڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي جنهن سبب شهرين کي خاص احتياط ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي. محڪمه موسميات موجب گرمي پد ۾ تيز واڌ ٿي سگهي ٿي، جنهن سان گرمي لڳڻ جو خطرو وڌي سگهي ٿو. شهرين کي گذارش آهي ته غير ضروري طور ٻاهر نڪرڻ کان پاسو ڪن گهڻو پاڻي پيئن ۽ پاڻ کي سج جي سڌي تپش کان بچائن، خاص طور ٻارن ۽ بزرگن جو خاص خيال رکيو وڃي. صوبائي حڪومت کان مطالبو ڪيو وڃي ٿو ته فوري طور هنگامي قدم کنيا وڃن بلدياتي ادارن کي متحرڪ ڪيو وڃي ۽ شهر جي مختلف علائقن ۾ رليف ڪيمپون قائم ڪيون وڃن، جتي ٿڌو پاڻي ۽ مشروبات دستياب هجن.ساڳئي وقت ايمبولينس سروسز ۽ صحت جي عملي کي تيار رکيو وڃي ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ فوري مدد فراهم ڪري سگهجي. روڊن ۽ عوامي هنڌن تي ڇانوَ جو مناسب بندوبست به ضروري آهي. بجلي فراهم ڪندڙ اداري کان پڻ مطالبو ڪيو وڃي ٿو ته ڪراچي ۾ بنا وقفي بجلي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي، ته جيئن سخت گرمي دوران عوام کي وڌيڪ تڪليفن کان بچائي سگهجي ۽ انساني جانن جو تحفظ ممڪن ٿي سگهي. هي بيان شهرين جي ڀلائي ۽ احتياطي تدبيرن جي اپيل تي ٻڌل آهي

بقايا 32 سون سستو

ڪئي وئي آهي آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، اڄ ملڪ ۾ في تولو سون 12 هزار 489 رپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 4 لک 55 هزار 813 رپين جو ٿي ويو آهي. ايسوسيئيشن موجب، 10 گرام سون جي قيمت به 11 هزار 240 رپين جي لاٿ ڪانپوءِ 3 لک 89 هزار 772 رپيا ٿي وئي آهي. ٻئي پاسي عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس سون 1248 ڊالر گهٽجڻ ڪانپوءِ 4 هزار 328 ڊالر جو ٿي ويو آهي

بقايا 33 چين

اسلام آباد ڳالهين جي ميزباني ۾ پاڪستان جي فعال ڪردار جي تعريف ڪري ٿو ايراني نيوز ايجنسي موجب، چيني سفير چيو ته ايران خلاف آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ بين الاقوامي قانون جي خلاف ورزي جو نتيجو آهي سڀني اختلافن کي ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي حل ڪيو وڃي. چين ايران جي پنهنجي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ قومي سلامتي جي دفاع جي حق جي حمايت ڪري ٿو ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجون تعميري ڪوششون جاري رکندو چيني سفير چيو ته چين جو خطي ۾ ڪو به ذاتي مفاد ناهي ۽ هو هميشه امن استحڪام ۽ ترقي کي فروغ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي مستقل جنگ بندي حاصل ڪرڻ لاءِ ڳالهين جي عمل کي جاري رکڻ ضروري آهي آبنائي هرمز عالمي واپار ۽ توانائي جي نقل ۽ حمل لاءِ هڪ تمام اهم رستو آهي، تنهن ڪري ان جي سيڪيورٽي ۽ کليل هجڻ سڄي دنيا جي مفاد ۾ آهي هن چيو ته ايران ۽ چين جي وچ ۾ عام واپاري سرگرميون ٻاهرين دٻاءَ کان متاثر نه ٿينديون، چين ڪنهن به ٻاهرين طاقت کي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ جائز اقتصادي تعاون کي نقصان پهچائڻ جي اجازت نه ڏيندو عالمي برادري جنگل جي قانون ڏانهن واپس نه ٿي سگهي، ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڌاڙي جنگ ثابت ڪيو آهي ته بين الاقوامي قانون ۽ گهڻ طرفي نظام جي اهميت اڳ کان وڌيڪ آهي

بقايا 34 گرفتار

ترجمان موجب، گرفتار ٿيلن جي قبضي مان هٿيار، مواصلاتي ڊوائس ۽ شڪي دستاويز هٿ آيا آهن ترجمان جو چوڻ آهي ته پابندي مڙهيل تنظيم جا ڪجهه عنصر عوامي مسئلن جي نالي تي امن امان خراب ڪري رهيا آهن. امن خراب ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش جي اجازت نه ڏني ويندي ترجمان موجب، قانون هٿ ۾ کڻندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، گرفتار جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ ضروري قانوني اپاءَ ورتا پيا وڃن ٻئي پاسي آزاد ڪشمير ۾ پابندي مڙهيل تنظيم جي 9 جون تي هڙتال واري سڏ تي زندگيءَ جو ڪاروهنوار متاثر ٿيو آهي انٽرنيٽ سروس به معطل آهي مظفر آباد، باغ ۽ ميرپور ۾ فليگ مارچ ڪيو ويو هڙتال سبب بازارون بند ٿيڻ جي خدشي کي نظر ۾ رکندي بازارن ۾ ماڻهن جي پيهه آهي ۽ ڪيترن ئي علائقن ۾ پيٽرول جي کوٽ پيدا ٿي وئي آهي جتي پيٽرول دستياب آهي اتي گاڏين جون قطارون لڳل آهن. وزيراعظم آزاد ڪشمير فيصل ممتاز راٺوڙ جو چوڻ آهي ته آزاد ڪشمير ۾ حالتون جنهن پاسي وڃي رهيون هيون ايڪشن ڪميٽيءَ تي پابندي لڳائڻي ٿي هئي. هن چيو ته 38 نڪتن مان ڪجهه مڪمل ۽ ڪجهه جزوي حد تائين مڪمل ٿيا آهن جيڪڏهن ڳالهيون ٿيون ها ته باقي نڪتن تي به عملدرآمد يقيني ٿي وڃي ها، پناهگيرن جي سيٽن جي خاتمي لاءِ هڪ هفتي جو وقت گهريو جيڪو ايڪشن ڪميٽيءَ نه ڏنو سندس چوڻ هو ته رياست ماحول کان وڳوڙن ڏانهن وٺي وڃڻ جي ڪوشش برداشت نٿي ٿي سگهي عوام لاءِ چونڊ پليٽ فارم کليل آهي اچو چونڊون وڙهو حقن جي ڳالهه ڪرڻ غلط ناهي پر حقن جي بنياد تي پنهنجي رياست بيهارڻ ممڪن ناهي ياد رهي ته گذريل ڏينهن آزاد ڪشمير حڪومت جمون ڪشمير جوائنٽ عوامي ايڪشن ڪميٽيءَ کي ڪالعدم تنظيم قرار ڏنو هو ڪالعدم جمون ڪشمير جوائنٽ عوامي ايڪشن ڪميٽيءَ 9 جون تي هڙتال جو اعلان ڪيو آهي

بقايا 35 ميمبر مقرر

محمد اسحاق کهڙو کي صوبائي اليڪشن اٿارٽي جو ميمبر مقرر ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ باقاعده نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي محمد اسحاق کهڙو جي مقرري سان صوبي ۾ چونڊن سان لاڳاپيل معاملن جي نگراني ۽ انتظامي عمل کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ ۾ مدد ملندي

بقايا 36 چتاءُ

"ڪاڪروچ جنتا پارٽي" جي باني ايپيجيٽ ڊيبڪي امتحاني جا پرچا ليڪ ٿيڻ خلاف هزارين شاگردن سان گڏ احتجاج ڪندي مرڪزي تعليم واري وزير ڌرميندر پرڌان کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب، ڊيبڪي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن وزير استعيفيٰ نه ڏيندو ته ملڪ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي احتجاج ۾ مشهور سماجي ڪارڪن سونم وانگچڪ به شرڪت ڪئي جڏهن ته ڪيترن ئي مظاهرين ڪاڪروچ وارا ماسڪ پاتا هئا. واضح رهي ته ڪاڪروچ جنتا پارٽي هڪ طنزيه سوشل ميڊيا مهم طور شروع ٿي جيڪا سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جي هڪ تڪراري بيان کانپوءِ مقبول ٿي هيءَ تحريڪ دعويٰ ڪري ٿي ته لکين نوجوان ۽ شاگرد حڪومت جي پاليسين، بيروزگاري ۽ تعليمي نظام خلاف ڏمريل آهن ڪاڪروچ پارٽي جي وڌندڙ مقبوليت کان ڊنل بي جي پي سرڪار ڪجهه ڏينهن اڳ پارٽي جو ايڪس اڪائونٽ معطل ڪيو هو جنهن کانپوءِ سياسي ۽ سماجي ڌرين طرفان حڪومت کي ڇتي تنقيد جو نشانو بڻايو ويو هو جنهن کانپوءِ تحريڪ جو نئون اڪائونٽ بيهر فعال ڪيو ويو ڪاڪروچ پارٽي اڳواڻ ايپيجيٽ ڊيبڪي جو چوڻ آهي ته هي رڳو هڪ آن لائن مهم نه پر نوجوانن جي مايوسي ۽ تبديلي جي خواهش جو اظهار آهي ۽ مستقبل ۾ اها تحريڪ وڌيڪ وڏي صورت اختيار ڪري سگهي ٿي.

بقايا 37 تياري شروع

گهٽتائي آڻڻ جي تياري شروع ڪري ڇڏي آهي. سرڪاري ذريعن موجب وفاق کان صوبن کي ملندڙ مالي حصي ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي، جنهن سبب سنڌ حڪومت کي ڪيترن ئي ترقياتي منصوبن لاءِ پنهنجو صوبائي حصو وڌيڪ فراهم ڪرڻو پوندو ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي ايندڙ مالي سال جو ترقياتي بجيٽ گذريل سالن جي ڀيٽ ۾ 20 کان 40 سيڪڙو تائين گهٽ ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ذريعن جو چوڻ آهي ته مالي وسيلن جي کوٽ سبب صوبائي حڪومت ترقياتي خرچن تي ضابطو آڻڻ لاءِ نئين حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي ان سلسلي ۾ سمورن صوبائي کاتن کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته هو ايندڙ بجيٽ لاءِ غير ضروري نوان ترقياتي منصوبا تجويز نه ڪن کاتن کي واضح طور ٻڌايو ويو آهي ته رڳو انتهائي ضروري ۽ عوامي ضرورتن سان لاڳاپيل اسڪيمون ئي بجيٽ جو حصو بڻايون وڃن. حڪومتي ذريعن موجب جاري (آن گوئنگ) ترقياتي منصوبن کي پهرين ترجيح ڏني ويندي ۽ انهن جي تڪميل لاءِ فنڊز مختص ڪيا ويندا. جڏهن ته نون منصوبن جي منظوري محدود پيماني تي ڏني ويندي خاص طور پاڻي جي فراهمي، نيڪال آب، صحت، تعليم، روڊن ۽ ٻين بنيادي ڍانچي سان لاڳاپيل اهم منصوبن کي ترجيح ملڻ جو امڪان آهي اقتصادي ماهرن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ترقياتي بجيٽ ۾ وڏي گهٽتائي ڪئي وئي ته صوبي ۾ نون ترقياتي منصوبن، روزگار جي موقعن ۽ عوامي فلاح جي ڪيترن ئي رٿائن تي اثر پئجي سگهي ٿو ٻئي طرف سنڌ حڪومت جو موقف آهي ته محدود وسيلن جي باوجود مالي نظم و ضبط برقرار رکندي اهم منصوبن کي مڪمل ڪرڻ ۽ عوامي خدمتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن واضح رهي ته گذريل ڪجهه سالن دوران سنڌ جو ساليانو ترقياتي پروگرام مسلسل وڌايو ويو هو پر موجوده مالي دٻاءَ وفاقي منتقلي ۾ امڪاني گهٽتائي ۽ وڌندڙ خرچن سبب هن ڀيري ترقياتي بجيٽ ۾ نمايان ردوبدل جو امڪان پيدا ٿي ويو آهي

بقايا 38 جاري

وارننگ جاري ڪري ڇڏي آهي موسميات کاتي موجب، سڀاڻي کان ملڪ جي مختلف شهرن ۾ هيٽ ويو جو خدشو آهي 8 کان 12 جون تائين ڪراچي ۾ موسم سخت گرم رهڻ جو امڪان آهي ۽ گرمي پد 40 کان 43 ڊگري سينٽي گريڊ جي وچ ۾ رهڻ جو خدشو آهي موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته 7 کان 12 جون تائين سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪجهه ضلعن ۾ گرمي پد 48 کان 51 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو جڏهن ته پنجاب جي ڪيترن ئي ضلعن ۾ به گرمي پد 44 کان 48 ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڃڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي موجب، خيبرپختونخواهه جي ميداني علائقن ۾ گرمي پد 41 کان 46 ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڃي سگهي ٿو موسميات کاتي شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته هو صبح 10 وڳي کان شام 4 وڳي تائين غير ضروري طور تي ٻاهر نڪرڻ کان پاسو ڪن

بقايا 39 چيڪ تقسيم

دورو، متاثر خاندانن سان تعزيت ۽ مالي امدادي چيڪ ورهايا وزير اعليٰ سنڌ جي اقليتي معاملن واري معاون خصوصي ۽ سنڌ اسيمبلي ميمبر ڊاڪٽر شام سندر اڏواڻي ڪوٽڙي شيو مندر دريالال ڪوٽڙي جو دورو ڪيو جتي مندر جي صدر پوجو مل ۽ ٻين معززن سندس آجيان ڪئي. دوري دوران ڊاڪٽر شام سندر اڏواڻي تازن افسوسناڪ واقعن کان متاثر خاندانن سان ملاقات ڪئي ساڻن دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ سنڌ حڪومت طرفان مالي امداد جا چيڪ ورهايا. امدادي چيڪ حاصل ڪندڙن ۾ مرحوم پون ڪمار جا وارث شامل هئا، جيڪو موبائل فون ڦر دوران ڦورن هٿان المناڪ طور قتل ٿي ويو هو سندس وارثن کي 5 لک رپين جو امدادي چيڪ ڏنو ويو

بقايا 40 مبتلا

حياتي وڃائي ويٺا آهن جن ۾ ڪي سالا الاهي بخش ۽ چار سالا سوهاڻا لاشاري شامل آهن علائقي واسين موجب ڪيترائي ٻيا ٻار پڻ بيماري ۾ مبتلا آهن ۽ سندن زندگيون خطري ۾ آهن ٻئي طرف صحت کاتي جي اي پي آءِ پروگرام بابت سنگين الزام سامهون اچي رهيا آهن مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته ٻارن کي موتمار بيمارين کان بچائڻ لاءِ ايندڙ ويڪسينن جي مناسب سنڀال نه پئي ڪئي وڃي جڏهن ته ويڪسين محفوظ رکڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ريفريجريٽر به بيڪار حالت ۾ ڪچري جي ڍير تي پيل آهن اهڙين خبرن سبب عوام ۾ ڳڻتي ۽ بيچيني وڌي رهي آهي شهرين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ويڪسينن جي فراهمي سنڀال ۽ استعمال بابت موثر نگراني ڪئي وڃي ها ته شايد ڪيترن ئي ٻارڙن جون حياتيون بچائي سگهجن ها. اوڙي جهڙي بيماري جو ڦهلاءُ صحت کاتي ۽ لاڳاپيل ادارن جي ڪارڪردگي بابت ڪيترائي سوال اٿاري رهيو آهي علائقي جي رهواسين سماجي تنظيمن ۽ والدين مطالبو ڪيو آهي ته ضلعي انتظاميه ۽ صحت کاتو فوري طور صورتحال جو نوٽيس وٺي، ويا تي ضابطو آڻڻ لاءِ هنگامي قدم کڻي متاثر علائقن ۾ طبي ٽيمون موڪلي ۽ ويڪسين پروگرام جي شفاف جاچ ڪرائي معصوم ٻارڙن جون زندگيون بچائڻ لاءِ هاڻي رڳو بيانن نه پر عملي قدمن جي سخت ضرورت آهي

بقايا 41 ڀاڄ

مريضن ۽ طبي عملي ۾ سخت خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ترجمان جناح اسپتال موجب ٻاهر وارڊ ۾ لڳل هوا ٿڌي ڪرڻ واري مشين ۾ لڳي جنهن تي اسپتال انتظاميا فوري ڪارروائي ڪندي لڳ ڀڳ اڌ ڪلاڪ اندر باهه تي ضابطو آڻي ورتو ترجمان ڊاڪٽر وقاص خان ٻڌايو ته واقعي ۾ ڪنهن به قسم جو جاني نقصان نه ٿيو آهي البت باهه سبب ڪجهه مشينري کي نقصان پهتو آهي اسپتال انتظاميا صورتحال تي فوري ضابطو آڻي معمول جون سرگرميون بيهر بحال ڪري ڇڏيون آهن

بقايا 42 فوت

ناري سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن شاهه لطيف ٽائون ٿاڻي جي حد شاهه لطيف ٽائون سيڪٽر 30 سي ۾ جمع بازار جي ويجهو گهر مان 15 سالن جي ناري شازيا ڌي مير محمد جو لاش مليو لاش کي ايڌي ايمبولينس جي ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي موچڪو ٿاڻي جي حد بلديا ٽائون جي علائقي سواچ علي محمد ڳوٺ ويجهو اٻڙو گودام جي لڳ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ 35 سالن جو محبوب ولد لونگ انصاري فوت ٿي ويو گلبهار ٿاڻي جي حد ناظم آباد جي علائقي سر سيد ٿاڻي جي ويجهو پل لڳ روڊ جي ڪناري تان نامعلوم شخص جو لاش مليو

بقايا 43 گرفتار

نوجوان کي گهرياتين سان گڏجي معافي وٺڻ جو حڪم ڏنو نوجوان خادم مستوئي پنهنجي گهرياتين سان گڏجي پاڪ ڪتاب کڻي وڏيري وٽ پهتو وڏيري معافي وٺڻ جو وڊيو رڪارڊ ڪيو جنهن ۾ واضح ڏسي سگهجي ٿو ته نوجوان خادم مستوئي ٻااثر وڏيري مورڙ کان معافي وٺي رهيو آهي جڏهن ته عورتون پنهنجا پوتيون لاهي وڏيري کان معافي وٺي رهيا آهن وڏيري پاران آئنده ڪڏهن به ڪيمنٽس نه ڏيڻ جو حڪم ڏيندي نوجوان کي معاف ڪري ڇڏيو

بقايا 44 گرفتار

پاران نروباغ روڊ تي مبينا مقابلي دوران زخمي حالت گرفتار ڪرڻ پوليس دعويٰ ڪئي آهي جوابدار کي ٽنگهه ۾ گولي لڳي کيس اسپتال منتقل ڪيو ويو ايس ايڇ او خانپور مهر برڪت پٽي موجب دعويٰ ڪئي ته جوابدار جي گرفتاري لاءِ گذريل ڏينهن پوليس ڇاپا هڻي رهي اڄ جوابدار نروع باغ روڊ تي جوابدار کي زخمي حالت ۾ مقابلي ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي

بقايا 45 شروع

ڪارادر جي قيام کي 100 سال مڪمل ٿيڻ جي موقعي تي ڪراچي ۾ سئو سالا (Centennial)تقريبن جي شاندار افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي تعليم ۽ خواندگي واري وزير سيد سردار علي شاهه خاص مهمان طور شرڪت ڪئي آغا خان ايجوڪيشن سروس پاڪستان جي اهتمام هيٺ منعقد ڪيل تقريب ۾ پاڪستان لاءِ اسماعيلي ڪائونسل جي صدر نزار نور محمد ميراوالا، آغا خان اسڪولز پاڪستان جي سي اي او امتياز مومن، جنرل مئنيجر ڊاڪٽر حنا ويلجي، تعليم جي ماهرن سماجي شخصيتن، اڳوڻن شاگردن، ڪميونٽي اڳواڻن ۽ وڏي انگ ۾ شاگردن شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه آغا خان اسڪول ڪارادر جي هڪ صديءَ تي پکڙيل تعليمي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته هي ادارو سنڌ جي تاريخي ۽ ممتاز تعليمي مرڪزن مان هڪ آهي جنهن گذريل سئو سالن دوران معياري تعليم، ڪردار سازي، قيادت جي تربيت ۽ سماجي ترقي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي هن چيو ته سنڌ ۾ اسماعيلي ڪميونٽي جي خدمتن جي تاريخ هڪ هزار سالن تي مشتمل آهي ۽ تعليم صحت توڙي سماجي ترقي جي شعبن ۾ سندن خدمتون انتهائي قابل قدر آهن هن چيو ته ڪراچي جي تاريخ ۽ ترقي کي سمجهڻ لاءِ انهن فردن ۽ برادرين جي خدمتن کي مڃتا ڏيڻ ضروري آهي جن هن شهر جي اڏاوت ۽ ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

ديفينس هائوسنگ اٿارٽي - ڪراچي

سيڪيورٽي اسٽاف جي ضرورت

ڊي ايڇ اي ڪراچي ۾ هيٺ ڏنل آسامين لاءِ هٿياربند فوج جي رٽائرڊ ۽ سويلين ماڻهن (جن جو ڪردار "مثالي" ۽ ميڊيڪل ڪيٽيگري AYE هجي) کان درخواستون گهربل آهن.

آسامي ۽ جو نالو	تجربو	عمر	تعليمي قابليت
سيڪيورٽي گارڊ (رٽائرڊ هٿياربند فوج)	(1) اڳوڻا هٿياربند فوج جا فوجي (آرمي، پي اين، پي اي ايف). (2) اڳوڻا سول هٿياربند فوج جا فوجي (ايف سي، رينجرز پي سي جي، ڊي ايس ايف). (3) اڳوڻا ASF / ANF جا فوجي. (4) اڳوڻا پاڪ پوليس سروس جا اهلڪار. (5) اڳوڻا DHA جا سيڪيورٽي گارڊ (55 سالن جي عمر تائين).	40 سالن تائين	ميٽرڪ يا ان کان مٿي
سيڪيورٽي گارڊ (سويلين ڪيٽيگري)	(1) ڪنهن به تنظيم ۾ سيڪيورٽي گارڊ جي طور تي گهٽ ۾ گهٽ 2 سالن جو تجربو (2) جسماني طور تي فٽ ۽ فعال (3) گهٽ ۾ گهٽ قد 5 فٽ 6 انچ	30 سالن تائين	ميٽرڪ يا ان کان مٽي

- درخواست فارم DHA جي ويب سائيٽ www.dhakarachi.org تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو مقرر فارم کان سواءِ ڪا به درخواست قبول نه ڪئي ويندي.
- مڪمل طور تي ڀريل درخواست فارم، CNIC, CV ۽ لاڳاپيل دستاويز (تعليم ۽ تجربو) جون تصديق ٿيل ڪاپيون، ڊوميسائل/پي آر سي ۽ ٻه عدد پاسپورٽ سائيز تصويرون سان گڏ هيٺ ڏنل پتي تي 16 جون 2026 تائين ڊاڪ جي ذريعي موڪليون وڃن:-
- مراعات: مفت کاڌو ۽ مفت سنگل رهائش.

ايڊيشنل ڊائريڪٽر HR برانچ
پاڪستان ديفينس آفيسرز هائوسنگ اٿارٽي
B/2، ايسٽ اسٽريٽ، فيز-1، DHA ڪراچي، 75500
www.dhakarachi.org
Telephone: 2158 (-589-589-111) :ٽيليفون

اميدوارن کي خبردار ڪيو ٿو وڃي ته هو هيٺ ڏنل پتي کان سواءِ ڪنهن ٻئي ذريعي کان ذاتي معلومات جي درخواستن تي غور نه ڪن:_ ٽيليفون: 021-99266884

سنڌي ايڊيشن
انچارج :مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 07 جون 2026ع

هرمز کان لبنان تائين:
شدت اختيار ڪندڙ وچ اوير جو بحران

فريد احمد

وچ اوير هن وقت تاريخ جي اڳري ٻواٽي تي آهي. جتي گذريل هڪ هفتي دوران ٿيل فوجي، سفارتي ۽ معاشي واقعن اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته خطي جي هوائن ۾ بارود جي بوءِ هاڻي وڌيڪ گهري ٿي چڪي آهي ۽ ڪنهن به وقت اها چڻنگ وڏو ڀڙڪو پڙڪائي پوري علائقي کي عالمي جنگ جي ور چاڙهي سگهي ٿي. وائٽ هائوس جي بند ڪمري کان وٺي نار جي پاڻين ۽ لبنان جي رت سان هاڻن محاذن تائين، طاقت جو توازن هر گذرندڙ گهڙيءَ سان بدلجي رهيو آهي. جتي هڪ طرف آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ هلندڙ ڏگهي ڇڪتاڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ پردي پٺيان هلندڙ ڳالهيون توڙي ظاهر ظهور سفارتڪاريءَ جون نازڪ ڪوششون جاري آهن. ته ٻئي طرف ڪويت ۽ بحرين جي حدن ۾ ميزائلن ۽ ڊرونز جي گجگوڙ خطي جي سلامتيءَ کي پامال ڪري ڇڏيو آهي.

هن بحران جي تازي لهر جي شروعات گذريل هفتي جي آخر ۾ واشنگٽن مان ٿي، جتي آمريڪي ميڊيا ۽ معتبر اخبار 'نيويارڪ ٽائمز' جي رپورٽ موجب صدر ڊونالڊ ٽرمپ جي صدارت ۾ وائٽ هائوس جي سچويشن روم اندر ايران جي معاملي تي ٻه ڪلاڪ ڊگهو انتهائي حساس اجلاس منعقد ٿيو هو. ان اعليٰ سطحي اجلاس جي بنيادي ايجنڊا ايران سان جاري عارضي جنگبنديءَ جي معاهدي ۾ واڌ جو فيصلو ڪرڻ هو. پر اندروني اختلافن ۽ حڪمت عمليءَ جي منجهارن سبب اهو اجلاس مڪمل طور تي بي نتيجو ختم ٿي ويو هو. جنهن ڪانپوءِ صدر ٽرمپ جي سفارتي حڪمت عمليءَ ۾ وڏو ڦيرو آيو ۽ هن پنهنجي صلاحڪارن تي واضح ڪري ڇڏيو ته آمريڪا هاڻي ايران خلاف پاڻ ڪنهن نئين جنگ جي شروعات نه ڪندو. جيستائين ايران پاران آمريڪي فوجين کي سڌو سنئون نشانو نه بڻايو وڃي. 'وال اسٽريٽ جنرل' موجب ٽرمپ انتظاميا فوجي جارحيت بدران سفارتي حل ۽ معاشي دٻاءَ کي ترجيح ڏئي رهي آهي ته جيئن جنگ کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪي سگهجي. جنهن دوران آمريڪي پارليامينٽ جي 'نمائندن واري هيٺئين ايوان' هڪ تاريخي قدم کڻندي صدر ٽرمپ جي ايران خلاف فوجي اختيارن کي محدود ڪرڻ جو ٺهراءُ پڻ منظور ڪري ورتو. جنهن جي حق ۾ 215 ۽ مخالفت ۾ 208 ووٽ آيا. ان فيصلي کانپوءِ هاڻي آمريڪي صدر ڪانگريس جي اڳواٽ منظوريءَ کانسواءِ ايران خلاف ڪنهن به قسم جي جنگي ڪارروائيءَ جي شروعات ڪرڻ جو مجاز ناهي رهيو ۽ سينيٽ ۾ پرڏيهي وزير مارڪو روبيو پرڏيهي لاڳاپن واري ڪميٽيءَ کي ٻڌايو ته ايران خلاف آمريڪا جون بنيادي فوجي ڪارروايون هاڻي ختم ٿي چڪيون آهن. ۽ هاڻي ڪنهن به ڪارروائيءَ جي نوعيت مڪمل طور تي دفاعي هوندي. جنهن جو مقصد سامونڊي لنگهه 'هرمز' مان گذرندڙ مالبردار جهازن کي تحفظ فراهم ڪرڻ آهي.

سفارتي ڳالهين پنيان هوڻ ته جنگي محاذن تي هلڪي ڦلڪي ڏي وٺ ٿيندي رهي پئي، پر انهي گهٽي شدت ان وقت اختيار ڪئي، جڏهن اربع ڏينهن ڪويت تي هيل تائين جو سڀ کان وڏو هوائي حملو ٿيو جتي ڪويت جي هٿياربند فوج موجب ملڪ جي فضائي دفاعي نظام چستي ڏيکاريندي حدن ۾ داخل ٿيندڙ 13 بيلسٽڪ ميزائلن ۽ 17 جارحاڻن ڊرونز کي هوا ۾ ئي تباهه ڪري ڇڏيو پر ان هوندي به انهن ميزائلن ۽ ڊرونز جو ڪاٻارو بين الاقوامي هوائي اڏي جي مسافر ٽرمينل ۽ ويجهن سفارتي مرڪزن تي ڪريو. جنهن سبب ايئرپورٽ جي عمارتن کي سخت نقصان پهتو ۽ اتي هنگامي حالت لاڳو ڪري جهازن جون اڏامون معطل ڪيون ويون. ان حملي جي نتيجي ۾ هڪ پارٽي شهري مارجي ويو جڏهن ته ايئرپورٽ عملي ۽ مسافرن سميت 63 کان وڌيڪ ماڻهو سخت زخمي ٿي پيا. جنهنجو الزام ايران تي هنيو ويو. جڏهن ته ايران پاران سخت سفارتي ترديد سامهون آئي ۽ ايراني پاسدارانِ انقلاب جي ترجمان حملي جي سڌي ذميواري قبولڻ کان انڪار ڪندي دعوي ڪئي ته ڪويت هوائي تي تباهي ايراني ميزائلن سبب نه. پر انهن کي روڪڻ جي ڪوشش دوران آمريڪي دفاعي نظام ۾ پيدا ٿيندڙ فني خرابيءَ جي ڪري ٿي. جڏهن ته 'آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ' ايران جي ان دعوي کي غلط قرار ڏيندي واضح ڪيو ته "ايران ڄاڻي واڻي رٿابنديءَ تحت ۽ بنا جواز غيرفوجي هوائي اڏي تي حملو ڪيو آهي." ان حملي جي جواب ۾ ڪويت حڪومت سخت سفارتي قدم کڻندي ٻن ايراني سفارتڪارن کي "ناپسنديده شخصيت" قرار ڏئي 24 ڪلاڪن ۾ ملڪ ڇڏڻ جو حڪم ڏنو جڏهن ته اهڙي طرح بحرين تي پڻ فائر ڪيل 3 بيلسٽڪ ميزائلن کي بحريني ۽ آمريڪي فوجن هوا ۾ تباهه ڪيو جنهن ڪانپوءِ بحرين پنهنجي شهرين تي ايران ۽ عراق جو سفر ڪرڻ تي مڪمل پابندي لاڳو ڪري ڇڏي.

ايران جي سپريم ڪمانڊر هڪ پيرو پيهر هرمز لنگهه کي پنهنجي بقا واري جنگ جو محور بڻايو. ايراني پاسدارانِ انقلاب جي سامونڊي فوج اعلان ڪيو ته سندن اجازت ۽ اڳواٽ سهڪاري حڪمت عمليءَ سان ئي ڪاروباري جهاز هرمز پار ڪري رهيا آهن. سپريم ليڊر جي صلاحڪار محسن رضائيءَ پڻ سخت لفظن ۾ خبردار ڪيو ته "ايران پنهنجي خلاف ڪنهن به قسم جي ناڪابنديءَ کي وڌيڪ برداشت نه ڪندو ڇو ته ايراني هٿياربند فوج جي صبر جي به هڪ حد ٿئي ٿي." ڇڪتاڻ ڀريل انهن گهڙين دوران آمريڪي فوج پڻ دعوي ڪئي ته هن آپريشن ايراني سامونڊي فوج کي سخت نقصان پهچايو آهي ۽ تازو ئي بوتسوانا جي جهنڊي واري هڪ اهڙي آئل ٽينڪر کي ناڪاره بڻائي ڇڏيو جيڪو چٽاءَ ڪن تي آڻڻ بدران خارگ ٻيٽ ڏانهن وڃي رهيو هو.

ڌرين ۾ ڇڪتاڻ ان وقت وڌيڪ وڌي وئي جڏهن ايراني خبر ايجنسي مطابق ايران جي سامونڊي فوج عمان جي پاڻين ۾ هڪ اهڙي آمريڪي سامونڊي جنگي جهاز تي ڪاميابيءَ سان حملو ڪيو آهي. جنهن تي ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر قائم هو ۽ جيڪو ايراني حدن جي ويجهو اچي رهيو هو. ايران جو موقف هو ته اهو قدم آمريڪي فوجن پاران ايراني ڪاروباري جهازن ۽ قشم ٻيٽ تي آمريڪي حملن جي پلاند ۾ کنيو ويو آهي. پر آمريڪي سينٽ ڪام ان ايراني دعوي کي رد ڪندي چيو ته سمنڊ ۾ موجود سمورا آمريڪي اثاثا ۽ اهلڪار محفوظ آهن ۽ سندن سامونڊي ڪارروايون بنا ڪنهن رنڊڪ جي جاري آهن.

ان دوران ايران آمريڪا ڇڪتاڻ لاءِ لبنان جي صورتحال ٻرنديءَ تي تيل هارڻ وارو ڪم ڪرڻ کي ويجهو ٿيندي ۽ مهذب دنيا کي ڏڪائيندي رهي. جتي اڄڪلهه سڀ کان وڌيڪ خونريز شڪل لبنان جي محاذ اختيار ڪئي آهي. اسرائيلي فوج ڏکڻ لبنان جي دفاعي حڪمت عمليءَ جي لحاظ کان اهم قلعي (Beaufort Castle) تي قبضو ڪري ورتو جنهن کي اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو تاريخي ڪاميابي قرار ڏنو ۽ فوج کي لبنان جي گاديءَ واري شهر بيروت تي قبضو ڪرڻ جو حڪم ڏنو چيو ته ڏکڻ لبنان ۽ بيروت تي قبضي تائين ڪارروايون جاري رهنديون. ڏکڻ لبنان جي شهر صور ۽ نبطيه ۾ اسرائيل جي سخت بمباريءَ ۽ ڊرون حملن جي نتيجي ۾ وڏو جاني نقصان ٿيو. هي اهو وقت هو جڏهن اڪثر ماڻهو ايران بابت مهٽاب انداز ۾ سوچڻ لڳا ته ايران ڪهڙي ڳجهي ڊيل ڪري اسرائيل کي بي لغام ڇڏيو آهي. نيٺ ايران پاران قدس فورس جي ڪمانڊر اسماعيل قاني سخت چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن لبنان تي اسرائيلي حملا بند نه ٿيا ته مزاحمتي محور باب المندب جي بحري ٽرئفڪ سان اهوئي ڪجهه ڪندو جيڪو هن وقت هرمز ۾ ٿي رهيو آهي.

ان دوران هڪ واقعو ٿيو جنهن بعد آمريڪي صدر ٽرمپ ۽ اسرائيلي وزير اعظم نيتن ياهو ۾ نهايت سخت ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن ۾ ٽرمپ طرفان نيتن ياهو کي گاريون ڏيڻ جون خبرون پڻ آيون آهن. ان کان اڳ آمريڪي 'سي آءِ اي' جي اڳوڻي سربراهه ليري جانسن پنهنجي پوڊ ڪاسٽ ۾ دعوي ڪئي ته ايران آمريڪا سان جاري ڳالهيون معطل ڪري ڇڏيون آهن ۽ هيل تائين ڳالهين جي بحاليءَ بابت ڪو نئون اعلان ناهي ڪيو ڇاڪاڻ ته ايران ايٽمي عدم ڦهلاءُ واري معاهدي (NPT) مان نڪرڻ تي غور ڪري رهيو آهي. هن اها به دعوي ڪئي ته "اسحاق ڊار واشنگٽن ۾ پنهنجي تازي ملاقات دوران آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو کي آگاهه ڪيو ته ايران وٽ هاڻي جوهري هٿيار موجود آهي جيڪو مبينا طور ڪنهن ٽئين ملڪ طرفان فراهم ڪيو ويو آهي. (ليري جانسن پنهنجي دعوي ۾ ان ملڪ جو نالو ظاهر نه ڪيو) ايران شايد ان هٿيار کي استعمال ڪرڻ بدران پنهنجي ايٽمي صلاحيت جو مظاهرو ڪرڻ چاهي ٿو ته جيئن دنيا کي اهو پيغام ڏئي سگهي ته هاڻي ايران سان به اتر ڪوريا وانگر ورتاءُ ڪيو وڃي ۽ مٿس وڌيڪ دٻاءُ نه وڌو وڃي." بهرحال پاڪستان اهڙين رپورٽن جي ترديد ڪئي آهي.

چيو وڃي ٿو ته ليري جانسن جي اهڙي دعوي بعد صدر ٽرمپ کي ڄڻ ڪڪ سُنگهي ويو. ايران طرفان لبنان ۾ اسرائيلي ظلمن تي سخت ردعمل ظاهر ڪرڻ ۽ پلاند ۾ اتر اسرائيل جي علائقن تي حملن جي ڌمڪي ڏيڻ دوران ٽياڪڙي ڪندڙ شخصيتن ذريعي آمريڪا کي ٻڌايو ويو ته ايران سان جنگبنديءَ ۾ لبنان به شامل آهي جيڪڏهن اسرائيل کي حملن کان نه روڪيو ويو ته جنگبندي ختم ٿي ويندي ان ڪانپوءِ 'ايگزيوس' (Axios) جي اسٽوري سامهون آئي. جنهن هلچل مچائي ڇڏي ان اسٽوريءَ تي پوري دنيا ۾ تمام گهڻو بحث ڪيو ويو. ايگزيوس مطابق جڏهن ٽرمپ فون ڪال ڪئي ته نيتن ياهو سان سندس سخت تلخي ٿي پئي. اها تلخي ان حد تائين وڌي وئي جو ٽرمپ نيتن ياهوءَ کي چيو ته "تون ته مڪمل طور تي چريو آهين." ان سان گڏهن تمام سخت لفظ استعمال ڪيا (گاريون ڏنيون) ۽ کيس ناشڪرو پڻ ڪوٺيو. ٽرمپ اهو به چيو ته "جيڪڏهن اڄ مان نه هجان ها ته تون جيل ۾ هجين ها. تنهنجي انهن سخت قدمن جي ڪري هر ماڻهو توکان نفرت ڪري رهيو آهي بلڪ تنهنجي ڪري هاڻي اسرائيل کان به نفرت ڪئي پئي وڃي."

سڀ کان نئين ۽ اهم ڳالهه اها ٿي ته ڊونلڊ ٽرمپ پاڻ نيتن ياهو سان ٿيل تلخ فون ڪال جي تصديق ڪئي ۽ اهو به مڃيو ته هو لبنان ۾ اسرائيلي ڪارروايون سبب نيتن ياهو کان پريشان ٿي ويو هو پر اهم ڳالهه اها آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل جي وچ ۾ ايران بابت بنيادي مقصد ساڳيو هجڻ باوجود، لبنان ۽ غزه بابت پاليسين ۾ اختلاف وڌيڪ نمايان ٿي رهيا آهن ان سان گڏ آمريڪا اندر اسرائيل بابت عوامي راءِ ۾ به واضح تبديلي اچي رهي آهي. هڪ تازي سروي مطابق هاڻي 60 سيڪڙو آمريڪي اسرائيل بابت نفرت ڀريو تاثر رکن ٿا، جڏهن ته حماس جنگ کان اڳ اها شرح 42 سيڪڙو هئي

ايران جي اندروني سياسي منظرنامي ۾ پڻ سخت تيزي آيل آهي جتي ايراني پارليامينٽ جي لڳ ڀڳ 90 ميمبرن سپريم ليڊر ۽ هٿياربند فوج جي نالي هڪ گڏيل خط لکي مطالبو ڪيو آهي ته ايراني ميزائلن جي رينج کي ترت ان حد تائين وڌايو وڃي جو اهي شهيد سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي جي قاتلن جي مرڪزي آفيسن کي سڌيءَ ريت نشانو بڻائي سگهن. ان خط ۾ پارليامينٽ ميمبرن 'رمضان جنگ' جي سمورن شهيدن جي رت جو پلاند وٺڻ کي پنهنجو ديني ۽ قومي فرض قرار ڏنو ۽ دشمن کي چتاءُ ڏنو ته 'اک جي بدلي سر' لاٿو ويندو.

ان پوري فوجي ڇڪتاڻ جي باوجود، سفارتڪاريءَ جي شطرنج جا مهرا پڻ مسلسل حرڪت ۾ رهيا، جتي آمريڪي صدر ڊونالڊ ٽرمپ 'ٽروٿ سوشل' تي دعوي ڪئي ته ايران سان ڳالهيون انتهائي تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيون آهن ۽ اهي يورينيم آمريڪا حوالي ڪرڻ تي ڳالهائي رهيا آهن. جيڪڏهن اهو معاهدو طئي ٿي ويو ته وچ اوير ۾ تيل جون قيمتون هڪدم هيٺ اچي وينديون ۽ هرمز لنگهه مستقل طور تي کلي ويندو. ان حوالي سان ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي پڻ تصديق ڪئي ته تهران ۽ واشنگٽن وچ ۾ اڻ سڌي طرح نياپن جو سلسلو جاري آهي. پر هن واضح ڪيو ته اسلام آباد يا جنيوا ڳالهين ۾ في الحال ڪا وڏي اڳڀرائي ناهي ٿي سگهي ۽ ايران اهڙو ڪو به معاهدو قبول نه ڪندو جنهن ۾ لبنان ۽ غزه جي مفادن کي نظرانداز ڪيو وڃي.

ٻئي طرف گذريل 24 ڪلاڪن دوران مختلف هنڌن تي ڳالهائيندي صدر ٽرمپ جي موقف مان ايران بابت گڏيل حڪمت عملي جو اظهار ٿيندو رهيو. جنهن ۾ هو ايران کي نه جهڪڻ تي غيرتمند ۽ بهادر قوم چوي ٿو. هڪ طرف سفارتي ڳالهين ۾ مثبت اڳڀرائيءَ جا امڪان تسليم ڪري ٿو ته ٻئي طرف واضح ڪري ٿو ته آمريڪا ڪنهن به معاهدي لاءِ مجبوري ۾ ناهي ۽ ضرورت پوڻ تي سخت دٻاءُ جو آپشن به موجود آهي

ان دوران اهو ضرور ٿيو آهي انهن 24 ڪلاڪن دوران

گذريل 24 ڪلاڪن دوران ايران ۽ آمريڪا هڪ ٻئي خلاف فائرنگ ۽ ميزائل/ڊرون حملن جا الزام هنيا آهن. ايران جي دعوي آهي ته هن عماني نار ويجهو آمريڪي جهازن ڏانهن تاهه ڏيندڙ ميزائل ۽ ڊرون فائر ڪيا. جڏهن ته آمريڪا جو چوڻ آهي ته ايران جي ڊرونز ۽ ميزائلن کي ناڪام بڻايو ويو ۽ ڪجهه کي روڪيو به ويو. ٻئي پاسي آمريڪا به جوابي ڪارروائي ۾ ايراني نگراني نظام کي نشانو بڻائڻ جي دعوي ڪري ٿو. مجموعي طور ٻنهي ملڪن جا بيان هڪ ٻئي جي ابتڙ آهن ۽ خطي ۾ ڇڪتاڻ برقرار آهي

وچ اوير جي صورتحال هن وقت انتهائي نازڪ موڙ تي آهي. جتي ايران، آمريڪا ۽ ٻين ڌرين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ مسلسل وڌي رهي آهي. جيتوڻيڪ سفارتي رابطا مڪمل طور ختم نه ٿيا آهن. پر زميني حقيقتن ۾ ميزائلن، ڊرونز ۽ جوابي دعوائن سبب خطو وڌيڪ غير مستحڪم ٿي ويو آهي. هرمز جهڙا اهم بحري رستا ۽ لبنان جو محاذ هن بحران کي وڌيڪ وسيع ڪري رهيا آهن. جنهن سان هي تڪرار رڳو ٻن ملڪن تائين محدود نه رهيو آهي. مجموعي طور صورتحال اهڙي رخ ۾ وڃي رهي آهي جتي جيڪڏهن سفارتڪاري ڪامياب نه ٿي ته خطي ۾ عدم استحڪام وڌيڪ وڌڻ جو خطرو برقرار رهندو.

---

10 جُون جي وفاقي بجيٽ:
انگن اکرن جي جادوگري چڙهي پوندي!

فريد احمد

ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي، بيروزگاري ۽ غربت عام ماڻهو جي زندگيءَ کي ان حد تائين پهچائي ڇڏيو آهي جو هن ويلن جي ماني، ٻارن جي تعليم ۽ علاج جهڙيون بنيادي ضرورتون هاڻي حق نه پر هڪ لڳاتار ۽ ٿڪائيندڙ عذاب بڻجي چڪيون آهن. حڪومت طرفان معاشي استحڪام ۽ بهتريءَ جون وڏيون دعوائون ڪيون وڃن ٿيون، پر بازارن جي ويرانين، ڳرن يوٽيلٽي بلن جي عذابن ۽ تيل جي اگهن ۾ واڌ هڪ بلڪل مختلف ۽ وڌيڪ خوفناڪ حقيقت سامهون آڻي ڇڏي آهي. سرڪاري ڪاغذن ۾ لکيل "سڀ ٺيڪ آهي" وارو راڳ عام ماڻهوءَ جي خالي رڌڻي تائين پهچندي ئي پساهه پورا ڪري، زميني حقيقتن جي اڳيان هڪ مذاق بڻجي وڃي ٿو. هاڻي جڏهن حڪومت 10 جون تي نئين وفاقي بجيٽ پيش ڪرڻ واري آهي. ته سوال اهو آهي ته ڇا هيءَ بجيٽ به هميشه وانگر رڳو هڪ مالي جادوگري هوندي يا سچ پچ عام ماڻهوءَ جي گهُٽيل ساهه کي بحال ڪندي؟

معيشت جي نالي تي جاري هن تماشي جو سڀ کان وڏو مظهر اهو آهي ته ملڪ کي بين الاقوامي مالياتي اداري (IMF) جي "ايڪسٽينڊڊ فنڊ فيسليٽي" (EFF) ۽ "ريزيليئنس اينڊ سسٽين ايبلٽي فيسليٽي" (RSF) جهڙن سخت ۽ عوام دشمن پروگرامن جي ڪڙي سهاري سان هلڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. عالمي ادارن مطابق معيشت ۾ "محدود بحالي" جا آثار آهن، پر مهانگائي، توانائي جا ڳرا خرچ ۽ قرضن جي جڪڙ جهڙا مامرا اڃا تائين بنيادي چئلينج بڻيل آهن. سرڪاري طور مهانگائيءَ جي شرح پلي 7 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ ٻڌائي عوام کي دلاسا ڏنا وڃن ۽ معاشي واڌ جي رفتار 3 کان 4 سيڪڙو وچ ۾ رهڻ جو امڪان ظاهر ڪيو وڃي، پر مجموعي سرڪاري قرض جيڪو جي ڊي پي جي 70 سيڪڙو تائين پهچي چڪو آهي، اهو معيشت جي پيرن ۾ پيل اهڙو لوهه جو زنجير آهي، جيڪو ملڪ کي ڪڏهن به خودمختيار ٿيڻ نٿو ڏئي.

اهو ئي سبب آهي ته ملڪ ۾ غربت هاڻي رڳو هڪ معاشي اصطلاح نه رهي آهي، پر هڪ سنگين سماجي بم بڻجي چڪي آهي. عالمي بئنڪ جي انگن اکرن مطابق پاڪستان جي لڳ ڀڳ 25 سيڪڙو آبادي سڌي ريت غربت جي ليڪ کان هيٺ سسڪي رهي آهي، پر اصل خوفناڪ تصوير انهن ماڻهن جي آهي، جيڪي غربت جي بلڪل ڪناري (Near Poverty) تي بيٺل آهن. جيڪڏهن انهن کي به شامل ڪيو وڃي ته اها شرح 40 کان 45 سيڪڙو تائين پهچي وڃي ٿي. ملڪ جي ساڍن 25 ڪروڙ کان وڌيڪ آباديءَ جي حساب سان ان جو مطلب اهو آهي ته 10 ڪروڙ کان وڌيڪ انسان يا ته غربت جي گهري کاهيءَ ۾ ڪري چڪا آهن يا ڪنهن به وقت ان ان ۾ ڪِري سگهن ٿا. اهي انگ اکر حڪومت جي ان "ڪارڪردگي" جا شاهد آهن ته معاشي دٻاءُ هاڻي ڪنهن مخصوص طبقي تائين محدود نه رهيو آهي. پر ملڪ جي اڌ آباديءَ کان سک جو ساهه کڻڻ وارو حق کسيو ويو آهي.

هن معاشي گهُٽ جي پويان ٻين ڪيترن ئي سببن سان گڏ قرضن جو اهو بار آهي، جيڪو هاڻي سهپ واري نه رهڻ واري حد تائين پهچي چڪو آهي. ملڪ جو مجموعي عوامي قرض لڳ ڀڳ 81 کرب رپين تائين پهچي چڪو آهي. جنهن جو في ماڻهو حساب لڳائجي ته ملڪ جو هر شهري، چاهي هو اسي سالن جو پوڙهو هجي يا اڄ جو نئون ڄاول ٻار، اڻ سڌي طرح ساڍن ٽي لک رپين جو مقروض بڻجي چڪو آهي. هن قرض جي سڀ کان ظالماڻي حقيقت اها آهي ته ان جو وياج ۽ اصل رقم حڪمرانن عيوض عوام کي ئي ڳرن ٽيڪسن، مهانگي پيٽرول ۽ بجلي جي بلن جي صورت ۾ پنهنجي کيسي مان ادا ڪرڻي پوي ٿي.

توانائيءَ جو شعبو ته هن سچي معيشت لاءِ مالي "بليڪ هول" بڻجي چڪو آهي، جتي نجي بجلي گهرن (IPPs) سان ڪيل بدنامِ زمانا ۽ ڊگهي مدي وارن معاهدن جي نتيجي ۾، بجلي پيدا ڪرڻ کان سواءِ به اربين رپيا ادا ڪرڻ واري شرط (Capacity Payments) سبب گردشي قرض 2.6 کرب رپين کان به وڌي چڪو آهي. هي جوئا جو اهو سٽاءُ آهي، جيڪو ملڪي خزاني کي ڳڙڪائي رهيو آهي ۽ ان جو سڄو ڪپاڙو غريب عوام مٿان ڪيرايو وڃي ٿو جنهن لاءِ بجليءَ جا اگهه هاڻي ڦرلٽ جو نمونو بڻجي چڪا آهن.

بجليءَ سان گڏ پيٽرول جون قيمتون به ملڪ ۾ مهانگائيءَ جي پوري نظام کي روز نئين ٻاهه ڏئي رهيون آهن. سال جي شروعات ۾ پيٽرول جي جيڪا قيمت 253 رپيا في ليٽر هئي، اها ڪجهه ئي هفتن ۾ وڌي 258 رپين تائين پهچي وئي ۽ پوءِ وارن مهينن ۾ عالمي مارڪيٽ جي لاهن چاڙهن ۽ علائقائي ڇڪتاڻ جو بهانو ٻڌائي اهي قيمتون 300 کان وڌائي 400 رپين کان مٿي ڪيون ويو ۽ هاڻي 377 رپيا في ليٽر جي وچ ۾ رکيون ويون آهن. ظاهري طور ڪجهه رپين جو هي اضافو ننڍو لڳي ٿو پر ملڪ ۾ جتي ٽرانسپورٽ ۽ سپلاءِ چين مڪمل طور تي تيل سان جڙيل آهي، اتي پيٽرول جو هڪ رپيو وڌڻ سان سائي ڀاڄي، دال، اٽو ۽ دوائن سميت زندگيءَ جي هر ضرورت واري شيءِ جي قيمت کي پر لڳي وڃن ٿا. انهن حالتن ۾ عوامي سطح تي اهو احساس هاڻي ڪاوڙ، نفرت ۽ مايوسيءَ جي شڪل اختيار ڪري رهيو آهي ته معاشي بار جي ورڇ بلڪل غير متوازن آهي. هڪ طرف عام شهريءَ کي هڪ هڪ پئسي لاءِ تڙپايو وڃي ٿو. ته ٻي طرف سرڪاري خرچ، ٻي مقصد وي آءِ پي پروٽوڪول، اربين رپين جي شاهاڻن گاڏين جي خريداري ۽ حڪومتي دورن جي چمڪ دمڪ ۾ ڪا به گهٽتائي نظر نٿي اچي. عوام پنهنجي اٽيين ۽ اوجاڳيل اکين سان ڏسي رهيو آهي ته "قناعت ۽ قرباني" جو درس صرف بکايل غريب لاءِ آهي. جڏهن ته اشرافيه جون مراعتون، مفت بجلي، مفت پيٽرول ۽ شاهاڻن خرچن جو سلسلو ساڳيءَ ريت جاري آهي. جيڪو حڪومت ۽ عوام وچ ۾ بي اعتماديءَ جي خال کي وڌيڪ گهرو ڪري رهيو آهي.

نئين وفاقي بجيٽ لاءِ حڪومت کي صلاح ڏجي ٿي ته انگن اکرن جي هن تباهيءَ مان نڪرڻ لاءِ ايندڙ بجيٽ رڳو هڪ مالي دستاويز نه. پر حڪمرانن لاءِ هڪ چئلينج هجڻ گهرجي. جيڪڏهن حڪومت سچ پچ معيشت کي سڌارڻ چاهي ٿي ته ان کي 10 جون جي بجيٽ ۾ هيٺين تجويزن تي سختي سان عمل ڪرڻو پوندو:

1. اشرافيه جي مراعتن کي هڪدم ختم ڪرڻ سڀ کان پهريون ۽ لازمي قدم آهي. بجيٽ ۾ حڪومتي وزيرن، صلاحڪارن ۽ بيوروڪريسي جي مفت بجلي، مفت پيٽرول ۽ وڏن پروٽوڪولن تي مڪمل پابندي لڳائي وڃي. قربانيءَ جي شروعات غريب جي کيسي بدران اشرافيه جي عياشين کان ٿيڻ گهرجي
2. اڻ سڌين ٽيڪسن ۾ گهٽتائي آڻي عام ماڻهوءَ کي رليف ڏنو وڃي. کاڌ خوراڪ سان لاڳاپيل عام واهپي وارين شين، اٽي، دالين، گيهه ۽ دوائن تان سيلز ٽيڪس مڪمل ختم ڪئي وڃي، ته جيئن مهانگائيءَ جي ماريل عوام کي فوري طور راحت ملي.
3. بجلي ۽ آءِ پي پيز (IPPs) جو معاملي ۾ توانائي سڌارا آندا وڃن. بجيٽ ۾ آءِ پي پيز سان ٿيندڙ ڪيپيسٽي پيمنٽس جي معاهدن تي نظرثاني لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ غريب واهپيدارن (جيڪي 200 کان 300 يونٽ تائين بجلي استعمال ڪن ٿا) لاءِ ٽيڪس مڪمل ختم ڪيا وڃن.
4. سڌي ريت لڳندڙ ٽيڪسن جو بار اميرن تي وڌو وڃي. وڏن واپارين کي ٽيڪس دائري ۾ آندو وڃي.
5. تعليم، صحت ۽ بينظير انڪم سپورٽ ۾ واڌ آندي وڃي. غريب ماڻهن کي پيرن تي بيهارڻ لاءِ ننڍيون ننڍيون صنعتون لڳائڻ سميت روزگار ۽ سماجي تحفظ جا موقعا وڌايا وڃن.
6. ترقياتي بجيٽ ۾ صحت ۽ تعليم جا فنڊ ٻيڻا ڪيا وڃن ۽ غربت جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل 10 ڪروڙ آبادي لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) جي وظيفي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي.

10 جون جي بجيٽ حڪومت لاءِ امتحان آهي. حڪومت جو روايتي موقف پنهنجي جاءِ تي آهي ته هي مشڪلاتون عارضي آهن ۽ معيشت جلد استحڪام ڏانهن موٽي ايندي. پر زميني حقيقت اها آهي ته عام شهري لاءِ هي معاشي عذاب هاڻي ڪو "عارضي مرحلو" نه. پر نسل ڪشي ۽ روزمره جو هڪ نهايت تلخ تجربو بڻجي چڪو آهي. 10 جون تي پيش ٿيندڙ وفاقي بجيٽ حڪومت لاءِ رڳو هڪ مالي دستاويز ناهي. پر عوام جو ٽٽل اعتماد بحال ڪرڻ جو اهم موقعو آهي. جيڪڏهن هن بجيٽ ۾ به اشرافيه جي مراعتن کي هٿ لائڻ بدران سچو بار غريبن جي ڪلهي تي رکيو ويو ۽ آءِ ايم ايف جي اشارن تي انگن اکرن جو نئون گورک ڌنڌو پيش ڪيو ويو ته ملڪ ۾ عدم اعتماد جي اها کاهي وڌيڪ گهري ٿي ويندي. جنهن کان پوءِ ڪنهن به معاشي استحڪام جو خواب ڪڏهن به ساڀيان نه ماڻي سگهندو. هاڻي فيصلو حڪومت کي ڪرڻو آهي ته اها آڱرين تي ڳڻڻ جيترن خاندانن جي عياشين کي بچائي ٿي يا 25 ڪروڙ عوام کي جيئڻ جو حق ڏئي ٿي.

فڪسڊ
ٽيڪس آسان اسڪيم: معيشت کي دستاويزي
بڻائڻ جي ڪوشش يا ماضي جي ناڪامين جو تسلسل؟

فڪسڊ ٽيڪس اسڪيم
معيشت دستاويزي بڻائڻ جي ڪوشش
يا ناڪامين جو تسلسل؟

ف _ ا

ملڪ ۾ ٽيڪس دائري کي وڌائڻ ۽ ريزڪي شعبي کي باقاعده نظام جو حصو بڻائڻ لاءِ حڪومت هڪ نئين پاليسي 'فڪسڊ ٽيڪس آسان اسڪيم' متعارف ڪرائي آهي. هن اسڪيم تحت اهي ننڍا دڪاندار جن جو ساليانو وڪرو 20 ڪروڙ رپين يا ان کان گهٽ آهي، انهن تي هاڻي صرف هڪ سيڪڙو فڪسڊ ٽيڪس لاڳو ڪئي ويندي. ناڻي واري وزارت جي دعوي آهي ته اهو قدم واپاري تنظيمن سان ڊگهي صلاح مشوري کان پوءِ کنيو ويو آهي. جنهن جو بنيادي مقصد ٽيڪس جي منجهائيندڙ نظام کي آسان بڻائي لکين غير رجسٽرڊ واپارين کي ملڪي معيشت جي دائري ۾ آڻڻ آهي.

ان ڏس ۾ دڪاندارن لاءِ هڪ سادو فارم متعارف ڪرايو پيو وڃي. جنهن ۾ اهي پنهنجي ساليانو آمدني يا وڪري جا تفصيل شامل ڪندا. ۽ ان مطابق هڪ سيڪڙو ٽيڪس ادا ڪندا. اسڪيم ۾ واپارين جي سهولت لاءِ اها شق به رکي وئي آهي ته هو پنهنجي بجلي يا فون بلن تي اڳ ۾ ڪٽيل ودهولڊنگ ٽيڪس کي هن فڪسڊ ٽيڪس سان ايڊجسٽ ڪري سگهن. پر جيڪڏهن هي ايڊجسٽمينٽ مڪمل ٽيڪس جي برابر ٿي وڃي، تڏهن به دڪاندار لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 25 هزار رپيا ساليانو ادا ڪرڻ لازمي هوندو.

حڪومت عوامي سطح تي هيءَ اسڪيم مڪمل طور تي رضاڪاراڻي قرار ڏني آهي، جنهن جو مطلب آهي ته دڪاندار چاهين ته هن نئين اسڪيم جو حصو بڻجن يا وري پراڻي ٽيڪس نظام ۾ ئي رهن. هن اسڪيم ۾ شامل ٿيندڙ دڪاندارن کي ايف بي آر طرفان هڪ خاص سجاٽپ پليٽ ڏني ويندي، جنهن تي دڪان جو نالو اين ٽي اين نمبر ۽ ڪيو آر (QR) ڪوڊ هوندو ته جيئن فيلڊ اسٽاف لاءِ مانيٽرنگ ۽ انسپيڪشن جو عمل آسان ٿي سگهي.

ٻئي طرف، هن اسڪيم کان ٻاهر رهندڙن لاءِ ڏنڊ مڙهڻ جو هڪ سخت نظام به تيار ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ڪو دڪاندار نه هن اسڪيم کي اختيار ڪري ٿو ۽ نه ئي باقاعده ٽيڪس نظام جو حصو بڻجي ٿو ته ان تي پهرين مهيني 10 هزار، ٻئي مهيني 25 هزار ۽ ٽئين مهيني 50 هزار رپين تائين ڏنڊ لڳي سگهي ٿو.

ايف بي آر جي انگن اکرن موجب ملڪ ۾ هن وقت لڳ ڀڳ 44 لک دڪاندار موجود آهن. جن مان 35 لک ننڍا ريٽيلر اڃا تائين ٽيڪس دائري کان مڪمل ٻاهر آهن. حڪومت جو ٽارگيٽ به اهو ئي وڏو غير دستاويزي طبقو آهي. جڏهن ته وڏا برانڊز ۽ شاپنگ مال اڳ ئي ٽيڪس دائري ۾ شامل آهن.

پر معاشي ماهر ۽ واپاري نمائندا هن اسڪيم جي ڪاميابيءَ تي اڳ ئي سنجيده سوال اٿاري رهيا آهن. واپاري تنظيمن جو چوڻ آهي ته ود هولڊنگ ٽيڪس جي ايڊجسٽمينٽ جو طريقو اڃا تائين غير واضح آهي، جنهن سبب دڪاندارن تي اضافي مالي بار پوڻ جو خدشو موجود آهي.

حڪومت جي ان قدم تي تنقيد ڪندڙن جو اهو به چوڻ آهي ته پاڪستان ۾ اڳ به ڪيترائي ڀيرا 'واپاري دوست اسڪيم' ۽ POS نظام جهڙيون پاليسيون متعارف ڪرايون ويون، پر اهي عملي طور ناڪام ٿي ويون. ريزڪي شعبو اڃا به وڏي حد تائين غير دستاويزي معيشت جو حصو آهي. جتي ٽيڪس قانونن کي مڪمل طور لاڳو ڪرڻ هميشه هڪ وڏو چئلينج رهيو آهي.

ماهرن مطابق اصل مسئلو صرف ٽيڪس جي شرح نه پر اعتماد جي کوٽ آهي. ننڍا دڪاندار اڳ ئي مهانگائي، بجلي جي بلن ۽ گهٽ ٿيندڙ خريداري قوت جي دٻاءَ هيٺ آهن. ان ڪري نئين ٽيڪس اسڪيم تي مزاحمت جو امڪان موجود آهي. ٻئي طرف حڪومت جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف (IMF) جي سخت شرطن تحت ٽيڪس آمدني وڌائڻ مجبوري بڻجي چڪو آهي.

هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ڇا هي فڪسڊ ٽيڪس اسڪيم به ماضي جي اعلانن وانگر صرف ڪاغذن تائين محدود رهندي يا واقعي پاڪستان جي ريزڪي شعبي کي هڪ پائيدار ٽيڪس نظام ۾ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهندي— ان جو حتمي فيصلو ايندڙ مهينن ۽ ان جي زميني نتيجن سان ئي ٿيندو.

ڏڙي لڳ وحشي مڙس هٿان نوجوان زال ڪهاڙين هٿي قتل، جوابدار ٿاڻي تي پيش، ڪيس داخل نه ٿيو

ڳوٺ اميد چانڊيو ۾ مڙس الطاف چانڊيو ڪهاڙين جا وار ڪري نوجوان زال 26 سالن جي زهره کي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو

ٻنون پوليس لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

جوابدار الطاف چانڊيو قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو، ڪجهه دير بعد جوابدار ٻنون ٿاڻي تي پهچي گرفتاري پيش ڪري ڇڏي

واقعو گهرو تڪرار ٿي سگهي ٿو يا ڪارنهن الزام هيٺ پيش آيو هجي، ان بابت گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

ڏڙو (ن ع) ڏڙي ويجهو اٻڙال جي ڳوٺ اميد علي چانڊيو ۾ افسوس ناڪ واقعو پيش آيو وحشي مڙس الطاف چانڊيو ڪهاڙين جا وار ڪري پنهنجي نوجوان زال 26 سالن جي زهره چانڊيو کي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو جوابدار الطاف چانڊيو پنهنجي 26 سالن جي زال زهره چانڊيو کي ڪهاڙين هٿي قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو ڪجهه دير بعد جوابدار ٻنون ٿاڻي تي پهچي گرفتاري پيش ڪري ڇڏي، ٻنون پوليس لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو ٻنون پوليس موجب قتل جو واقعو گهرو تڪرار ٿي سگهي ٿو يا ڪارنهن الزام هيٺ پيش آيو هجي، ان بابت گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون هوڏانهن علائقي ۾ عام چوڻ آهي ته جوابدار الطاف چانڊيو هميشه پنهنجي گهرواري تي شڪ ڪندو هو اطلاع آهن ته جوابدار مڙس پنهنجي زال کي ڪارنهن الزام هيٺ ڪهاڙين هٿي قتل ڪيو آهي آخري اطلاع تائين قتل واقعي جو اڃا تائين ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي.

ڏڙو وحشي مڙس هٿان بيدردي سان قتل ڪيل عورت جو لاش

حيدرآباد آل گلاس بينگل مزدورن پاران چوڙي فيڪٽرين جي تالا بندي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

چوڙي فيڪٽري مزدورن پاران حق نه ملڻ ۽ فيڪٽرين جي بندش خلاف احتجاج

حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري نعري بازي ڪئي وئي

تالابندي ڪري هزارين مزدورن کي فاقاڪشي ۾ مبتلا ڪيو ويو آهي: عمران سعيد

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آل گلاس بينگل چوڙي فيڪٽري مزدورن بنيادي حق نه ملڻ ۽ فيڪٽرين جي غيرقانوني بندش خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون عمران سعيد، نوشاد آرائين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعري بازي ڪئي. ان موقعي هنن چيو ته چوڙي ڌنڌي جي صنعت سان هزارين مزدور ڪيترن ڏهاڪن کان ڳنڍيل آهن ۽ محنت مزدوري ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالي رهيا آهن. هنن چيو ته چوڙي فيڪٽري مالڪ ۽ ليبرکاتو حيدرآباد ملي ڀڳت ڪري سرڪار پاران مزدورن لاءِ ملندڙ سهولتون هڙپ ڪري وڃن ٿا ۽ مزدورن کي رجسٽر نٿا ڪرائين. هنن چيو ته حيدرآباد ۾ چوڙي ڌنڌي جي ڪم ۾ مصروف مزدور رٽائرمينٽ جي پينشن، اي او بي آءِ، سوشل سڪيورٽي، رهائشي پلاٽ، فليٽس، نيائين جي ڏيج سميت ٻين سهولتن کان محروم آهن. هنن چيو ته جيڪڏهن ڪا به چوڙي فيڪٽري بند هجڻ تي فيڪٽري مالڪ چوڙي مزدورن کي قانون موجب اڌ پگهار ڏيڻ جو پابند هوندو آهي جڏهن ته ان قانون تي عملدرآمد جي ذميواري ليبرکاتي جي آهي پر ليبر کاتو چوڙي فيڪٽري مالڪن سان ٻٽ ٻڌيل آهي. هنن چيو ته چوڙي فيڪٽري مالڪن بلاجواز ڪارخانن جي تالابندي ڪري هزارين مزدورن کي فاقاڪشي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته چوڙي مزدورن کي بنيادي حق ڏياري انصاف ڪيو وڃي.

گمبٽ لڳ رڪشا ڪلٽي ٿيڻ سبب هڪ عورت فوت، مرد زخمي

گمبٽ (ن ع) گمبٽ لڳ جهنڊا شاخ اسٽاپ وٽ رڪشا ڪلٽي ٿيڻ سبب هڪ عورت فوت هڪ مرد زخمي گمبٽ لڳ پراڻي نيشنل هاءِ وي روڊ تي ڪوٽڏيجي کان راڻيپور ويندڙ جهنڊا شاخ اسٽاپ پرسان تيز رفتار رڪشا جو بريڪ فيل ٿيڻ سبب رڪشا ڪلٽي ٿي کاهي ۾ ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عورت اميدان مهراڻي موقعي تي فوت ٿي وئي جڏهن ته هڪ مرد عامر مهراڻي زخمي ٿي پيو فوتي عورت ۽ زخمي مرد کي حد جي پوليس گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد فوتي عورت جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو.

حيدرآباد ۾ پاور هائوسز جي رٽائرڊ ملازمن پاران پينشن ۾ واڌ لاءِ احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي مختلف پاور هائوسز جي رٽائرڊ ملازمن پينشن ۾ واڌ سميت مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون تاج محمد بجاراڻي، رحمت الله چاچڙ، فاروق نوناري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته سنڌ جي ڪوٽڙي، ڄامشورو ۽ ٻين پاور هائوسز مان رٽائرڊ ٿيل ساڍا 5 هزار رٽائرڊ ملازم مهانگائي سبب پريشان آهن. گذريل ڪجهه سالن کان مهانگائي آسمان تي پهچي آهي پر پينشن ۾ گهربل واڌ ناهي ڪئي وئي.

آمريڪا ۾ جسقم جو سعيد ميمڻ جي بازيابي، عورتن جي قتل ۽ مذهبي انتهاپسندي خلاف احتجاج

احتجاجي مظاهري ۾ صحافين، اديبن ۽ سياسي ڪارڪنن جي شرڪت

جسقم اڳواڻ حبيب پلو پاران سنڌ ۾ سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتن تي سخت تنقيد

شاعر حسن مجتبيٰ جو ڪاروڪاري جي واقعن ۽ عورتن جي قتل عام خلاف مؤثر پاليسي جو مطالبو

ورجينيا (رپورٽ: ضياء قريشي/سبين ميمڻ) ڪالم نگار سعيد ميمڻ جي بازيابي، سنڌ ۾ غيرت جي نالي تي عورتن جي وڌندڙ قتل عام ۽ مذهبي انتهاپسندي خلاف جيئي سنڌ قومي محاذ آمريڪا چيپٽر طرفان احتجاجي مظاهرو. جسقم اڳواڻ حبيب پلو چيو آهي ته پيپلزپارٽي کي مڙهي سنڌ کي غلام بڻايو ويو آهي عوامي مزاحمت وقت جي ضرورت آهي تفصيل موجب جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) آمريڪا چيپٽر طرفان ڪالم نگار سعيد ميمڻ جي اغوا سنڌ ۾ ڪارنهن الزام هيٺ عورتن جي قتل عام ۽ وڌندڙ انتهاپسندي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جنهن ۾ صحافين، اديبن، توڙي سياسي ڪارڪنن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي جسقم اڳواڻ حبيب پلو چيو ته هڪ سازش تحت پيپلزپارٽي کي سنڌ تي مڙهي تاريخي ڌرتي کي تباهه ۽ برباد ڪيو ويو آهي. هي ڌرتي جو انگ انگ وڪڻي رهيا آهن. مسلسل ظلم ۽ زيادتين سبب سنڌ بدترين غلاميءَ مان گذري رهي آهي هن چيو ته سنڌ ۾ هڪ طرف سنڌي ڪالم نگارن، اديبن ۽ سياسي ڪارڪنن کي اغوا ڪيو پيو وڃي ته ٻئي طرف مذهبي انتهاپسندي کي سازش تحت هوا ڏني پئي وڃي. جڏهن ته عورتن کي ڪارو ڪاري جهڙي ڪڌي رسم تحت قتل ڪري سنڌ کي مقتل گاهه بڻايو ويو آهي. جسقم اڳواڻ حبيب پلو چيو ته بلوچستان مان سنڌي ڪالم نگار سعيد ميمڻ جي اغوا کي مهينو مڪمل ٿيڻ تي آهي پر هن وقت تائين سندس آزادي لاءِ ڪي اپاءَ ناهن ورتا ويا، هن مطالبو ڪيو ته سعيد ميمڻ جي آزاديءَ لاءِ سنڌ حڪومت عملي قدم کڻي ۽ بلوچستان جي قومپرست ڌرين کي پڻ ان حوالي سان ڪي قدم کڻڻ گهرجن. جسقم اڳواڻ چيو ته سنڌ ۾ سوچيل سمجهيل سازش تحت مذهبي انتهاپسنديءَ کي هوا ڏني پئي وڃي، سنڌ صدين کان رواداري ۽ مذهبي ست ڀيد کان معاڻهين رهي آهي. سنڌ جي شعور کي ان سازش کي وائکو ڪرڻ کپي. نامياري شاعر حسن مجتبيٰ چيو ته سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جهڙي ڪڌي رسم تحت عورتن کي قتل ڪيو پيو وڃي ۽ سنڌ حڪومت ان خلاف ڪا واضح پاليسي لاڳو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي. حسن مجتبيٰ وڌيڪ چيو ته سنڌي ڪالم نگار سعيد ميمڻ جي آزادي لاءِ پڻ سنڌ حڪومت کي قدم کڻي ۽ سندس بازيابي کي يقيني بڻايو وڃي. احتجاج ۾ سينيئر صحافي فاروق سومرو، ضيا قريشي، ايم پي بي فيض بليدي، مير ڪيريو گوهر گهانگهرو، شعيب پلو ۽ سبين ميمڻ سميت ٻيا پڻ شريڪ ٿيا ۽ خيالن جو اظهار ڪيو.

SINDH REJECTS RELIGIOUS EXTREMISM
SINDH IS THE LAND OF PEACE, LOVE & RELIGIOUS HARMONY
ورجينيا آمريڪا ۾ جسقم پاران سعيد ميمڻ جي بازيابي، عورتن جي قتل ۽ مذهبي انتهاپسندي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سيهڙ ۾ راڻڻ جي صحافي ڊاڪٽر صفدر راجپوت جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

صحافي فدا جوڻيجو، نثار علي سرڪاڻي ۽ ٻين اسٽيشن سيهڙ روڊ تائين ريلي ڪڍي نعريبازي

صحافي صفدر راجپوت جي بيدردي سان قتل ڪيو ويو پر جوابدار اڃا تائين گرفتار ناهن ٿيا: مظاهرين

سيهڙ (رپورٽ: وقار علي هيسباڻي) سيهڙ ۾ راڻڻ جي صحافي ڊاڪٽر صفدر راجپوت جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو سخت نعريبازي قاتل گرفتار ڪرڻ جو مطالبو رپورٽ موجب فيض محمد آگرو اسٽاپ تي 15 ڏينهن اڳ صحافي ڊاڪٽر صفدر راجپوت کي نامعلوم هٿيارٻندن گولين هڻي قاتل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سيهڙ جي صحافين فدا جوڻيجو نثار علي سرڪاڻي علي جان چانڊيو وقار هيسباڻي وسيم علي سرڪاڻي جي اڳواڻي ۾ روشن بازار کان اسٽيشن سيهڙ روڊ تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ سياسي سماجي صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي صحافي صفدر راجپوت جي قاتلن جي گرفتاري ۽ پوليس جي نااهلي خلاف سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي مٿين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته 15 ڏينهن اڳ راڻڻ جي سينئر صحافي ڊاڪٽر صفدر راجپوت جي بيدردي سان قتل ڪيو ويو هو جنهن جو ڪيس داخل ٿئي 15 ڏينهن گذري ويا آهن پر ٺٽون ڳوٺ پوليس روايتي سستي جو مظاهرو ڪري صفدر جي قاتلن کي هن مهل تائين گرفتار ڪري نه سگهي آهي هنن آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته ڊاڪٽر صفدر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي صحافي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت قلم ڌڻين پاران احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

سيهڙ ۾ راڻڻ جي صحافي ڊاڪٽر صفدر راجپوت جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

فريدآباد لڳ ڳوٺ گهاڙي جاگير ۾ مال چاريندڙ پورهيت گرمي جي سٽ نه سهندي فوت

فريدآباد (ن ع) فريدآباد لڳ ڳوٺ گهاڙي جاگير ۾ مال چاريندڙ پورهيت گرمي جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو ڳوٺ گهاڙي جو رهواسي مال چاريندڙ 15 ورهين جو نينگر عرس ڪوسو مبينا طور جهنگ ۾ مال چاريندي بيهوش ٿي ڪري پيو اطلاع تي وارث پهچي نينگر کي کڻائي مقامي اسپتال پهتا ڊاڪٽر پاران نينگر فوت ٿي وڃڻ جي تصديق، نينگر جي فوت ٿيڻ جي اطلاع ملڻ تي سندس گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو نينگر مال چاريندي گرمي جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو

مرڪزي امام بارگاهه شريڪته الحسين اوڏيرولال اسٽيشن ۾ محرم الحرام بابت گڏجاڻي

اوڏيرولال (ن ع) مرڪزي امام بارگاهه شريڪته الحسين اوڏيرولال اسٽيشن ۾ ساليانه عشره محرم الحرام جي حوالي سان شيعا علماء ڪرام جي گڏجاڻي مولانا اختر علي قمي صديق سومرو جي صدارت ۾ ٿي گذري جنهن ۾ انهن جو چوڻ هو محروم الحرام جو مهينو اسلام جي تاريخ ۾ سڀني کان وڏو درد ڀريو مهينو آهي جيڪو امام حسين ع ۽ سندن وفادار ساٿين جي لازوال قربانين جي ياد سان ڀريل آهي محرم الحرام جا ڏيهاڙا پر امن مسلڪي اهم آهنگي ملڪي، مذهبي عقيدت سان ملهائڻ لاءِ هي گڏجاڻي ٿي آهي انشا الله محرم الحرام جا ڏيهاڙا ملڪي ادارن وفاقي ۽ سنڌ حڪومت جي تعاون سان پيغامي امن ۽ ملڪي مفادن تحت ملهائڻ جو عهد ڪيو ويو ان موقعي تي انهن وڌيڪ چيو ته چاهي محرم الحرام جا ڏيهاڙا هجن ۽ امن امان قائم رکڻ جو سوال هجي، يا ملڪي سرحدن تي دشمن کي منهن ڏيڻ هجي، ته پاڪ فوج جا جوان هر وقت تيار هوندا آهن ۽ پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندا آهن محرم ۾ اهي عزادارن جي سيڪيورٽي لاءِ رستن تي بيٺا هوندا، ۽ ملڪي مفاد جي ڳالهه اچي ته سرحد تي سيني ڏاڍي ڪري بيهندا اهو ئي ته حقي حب الوطني آهي، جو ثبوت آهي جنهن ملڪ لاءِ پنهنجي جانين جو نذرانو ڏئي دشمن کي شڪست ڏني آهي آخر ۾ پاڪ فوج ملڪي سلامتي ۽ شهدا لاءِ دعا گهري وئي

ميهڙ ۾ پبلڪ لائبرري شاگردن لاءِ بند هجڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

شاگردن ۽ سول سوسائٽي 35 ڏينهن به احتجاجي مظاهرو جاري رکيو

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ۾ اڳوڻو ايم پي اي مرحوم عبدالعزيز جوڻيجو جي نالي سان منسوب ڪيل پبلڪ لائبرري جو 7 مهينا اڳ افتتاح ڪرڻ بعد لائبرري شاگردن لاءِ بند هجڻ خلاف شاگردن سول سوسائٽي جي اڳواڻن پاران وڪيل پنهل ڪوسو، سليم پيرزادو، زرياب سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 35 ڏينهن به پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو جاري رکيو مظاهرين چيو ته 7 مهينا اڳ ميهڙ جي پبلڪ لائبرري جو نالو تبديل ڪري ڪي اين شاهه جو اڳوڻو ايم پي اي مرحوم عبدالعزيز جوڻيجو جي نالي سان جوڙيل ان لائبرري جو ڪي اين شاهه جي ايم پي اي زبير جوڻيجو ۽ ٻين افتتاح ڪيو ۽ افتتاح جي ٻن ڏينهن بعد ان لائبرري کي شاگردن ۽ شاگرديائين لاءِ بند رکيو ويو آهي هنن چيو ته سوشل ويلفيئر ۽ ميهڙ جي انتظاميه لائبرري ۾ اسٽاف جي کوٽ، سياسي مداخلت هجڻ سميت نالي جي اعتراض جو جواز ڄاڻائي پبلڪ لائبرري کي بند رکيو ويو آهي جيڪو نه صرف ميهڙ شهر ۾ تعلقي جي لکين شاگردن سان ظلم ڪيو ويو آهي هنن چيو ته اسين شاگرد ۽ شاگرديائيون پبلڪ لائبرري جي بندش خلاف 35 ڏينهن کان سراپا احتجاج بڻيل آهن پر اڃا تائين ڪنهن به چونڊيل نمائندن، سوشل ويلفيئر، ضلعي ۽ تعلقي انتظاميه اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن هنن کي اسان جي شاگردن جو احتجاج نظر نه ٿو اچي، اسين مطالبو ڪيون ٿا ته جلد کان جلد لائبرري کي کولي شاگردن جي بيچيني دور ڪئي وڃي جيستائين لائبرري نه کلندي اسان جو احتجاج جاري رهندو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 07 جُون 2026ع

فڪس ٽيڪس اسڪيم: اهم قدم يا نئون تجربو!

حڪومت پاران ننڍن دڪاندارن لاءِ فڪس ٽيڪس اسڪيم متعارف ڪرائڻ جو اعلان ملڪ جي معاشي ۽ ٽيڪس ڍانچي ۾ هڪ اهم تبديلي طور ڏٺو پيو وڃي، پاڪستان جهڙي ملڪ ۾، جتي سالن کان ٽيڪس وصولين جو دائرو محدود رهيو آهي ۽ بار بار ساڳين طبقن تي ٽيڪس جو وزن وڌندو رهيو آهي، اتي لکين ننڍن واپارين کي ٽيڪس نيٽ ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش يقيناً وڏي اهميت رکي ٿي، پر سوال اهو آهي تہ ڇا اهو قدم حقيقت ۾ معيشت کي دستاويزي بڻائيندو يا وري اڳين تجربن وانگر محدود نتيجا ڏيندو؟ پاڪستان جي معاشي مسئلن ۾ هڪ وڏو مسئلو ٽيڪس جو غير متوازن نظام رهيو آهي، ملڪ جي آبادي ڪروڙن ۾ آهي، ڪاروبار جا هزارين مرڪز آهن پر ٽيڪس ڏيندڙن جو تعداد محدود آهي، نتيجي طور حڪومت بار بار پگهاردار طبقي، صنعتن ۽ اڳ ۾ رجسٽرڊ ڪاروبارن تي وڌيڪ بار وجهندي رهي آهي، اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن 30 کان 40 لک ننڍن دڪاندارن کي نظام جو حصو بڻايو وڃي ٿو تہ اهو نہ صرف سرڪاري آمدني ۾ اضافو آڻي سگهي ٿو پر معيشت کي وڌيڪ شفاف بہ بڻائي سگهي ٿو

هن اسڪيم جو هڪ اهم پاسو ان جي سادگي آهي، حڪومت جو چوڻ آهي تہ جن دڪاندارن جو ساليانو ٽرن اوور 20 ڪروڙ رپين تائين هوندو اهي هن نظام ۾ اچي سگهندا. واپارين کي اختيار بہ ڏنو ويو آهي تہ هو پراڻي ٽيڪس نظام ۾ رهڻ چاهين تہ رهي سگهن ٿا. اهو لچڪدار رويو ڪاروباري برادريءَ لاءِ حوصلا افزائي جو سبب بڻجي سگهي ٿو چاڪاڻ تہ پاڪستان ۾ پيچيده قانون ۽ ڏکيا ٽيڪس طريقا هميشہ واپارين لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻجندا آهن. حڪومت پاران دڪاندارن کي سڃاڻپ واري پليٽ، ڪيو آر ڪوڊ سسٽم ۽ عام آڊٽ کان ڇوٽ جهڙيون سهولتون ڏيڻ جو اعلان بہ قابل غور آهي. پاڪستان ۾ واپارين جي وڏي شڪايت رهي آهي تہ ٽيڪس اختيارين جي بيجا مداخلت ۽ غير ضروري آڊٽ ڪاروبار تي منفي اثر وجهن ٿا. جيڪڏهن ڪيو آر ڪوڊ ذريعي انسپيڪٽرن جي داخلا ۽ چيڪنگ جو نظام شفاف بڻجي ٿو تہ اهو ڪرپشن، هراساني ۽ اختيارن جي غلط استعمال کي گهٽائي سگهي ٿو پر ان سان گڏ ڪجهہ سنجيده سوال بہ موجود آهن. ڇا 20 ڪروڙ رپين تائين ٽرن اوور رکندڙ ڪاروبار واقعي ننڍا دڪاندار آهن؟ ڇا فڪس ٽيڪس نظام مختلف نوعيت جي ڪاروبارن لاءِ منصفاڻو ثابت ٿيندو؟ مثال طور هڪ ئي ٽرن اوور رکندڙ بہ مختلف ڪاروبار منافعو مختلف ڪمائي سگهن ٿا، پوءِ ڇا ٻنهي لاءِ هڪجهڙو ٽيڪس مناسب هوندو؟ اهڙا سوال عملدرآمد دوران ضرور سامهون ايندا.

ناڻي وزير محمد اورنگزيب چوڻ آهي تہ 'ٽيڪس شرح وڌائڻ بدران ٽيڪس نيٽ کي وڌايو ويندو معاشي لحاظ کان درست سوچ سمجهي وڃي ٿي، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪامياب ٽيڪس نظام جو بنياد وڌيڪ ماڻهن کي نظام ۾ آڻڻ تي رهيو آهي، نہ ڪي صرف موجوده ٽيڪس ڏيندڙن تي وڌيڪ بار وجهڻ تي، پاڪستان کي بہ اهڙي پاليسي اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي.' ساڳئي وقت حڪومت کي اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ ٽيڪس وصولي رڳو قانونن سان نہ ٿي وڌي پر عوامي اعتماد سان وڌي ٿي. جيڪڏهن ماڻهو ڏسن تہ سندن ڏنل ٽيڪس عوامي سهولتن، تعليم، صحت ۽ انفراسٽرڪچر تي خرچ ٿي رهيو آهي تہ رضاڪارانہ طور تي بہ ٽيڪس ادائيگي ۾ اضافو اچي سگهي ٿو فڪس ٽيڪس اسڪيم معيشت لاءِ نئين آزمائش آهي، جيڪڏهن ان کي شفاف، سادو ۽ منصفاڻو بڻايو ويو تہ اها معيشت جي دستاويزي ٿيڻ ۽ آمدني وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي پر جيڪڏهن پراڻين روايتن موجب پيچيدگيون، بيجا مداخلت ۽ غير يقيني صورتحال برقرار رهي تہ اهو فيصلو بہ ٻين معاشي پاليسين وانگر محدود اثرن تائين رهجي سگهي ٿو

لطيفي لات —— شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

ڪَا جَا ڪُنَ ڪَرِينِ، پِنيءَ پُڻِ جُهڻِ پَاڻَ ۾،
آڏِيءَ اُنْهِينءَ آبَ ڪي، اَڪِيُون اَڪِرِينِ،
تَوڙِي تِڪُون ڏِينِ، تَہ اَڄَ اَنِ ڪي نَہ لَهَي.

ڪا جا= ڪا اهڙي. /ڪُنَ ڪَرِين= درياهي پاڻي جا چڪردار گرداب پاڻ ۾ ڪن ٿا. / پِنيءَ= پوئين پهر جنهن مهل رات نري ٿي /پڻ جهڻ= جهٽو ڳالهائڻ، سر ۾ سُس، ڦُس. /انهيءَ آب= ان پاڻي کي /اَڪِرِين= سڪن، تانگهين /توڙي= جيتوڻيڪ. / تِڪُون=وڏا ڏِڪ، وڏيون ڳيتون /ڏِين=پرين /اَنِ کي=انهن اکين جي (سر-سهڻي، مرتب ٻانهون خان شيخ)

سهڻي درياهہ جي چڪردار ڪُنن تي چٽر ڪندي، ڪين ٽوڪيندي چئين پئي تہ 'اوهين رات جي پوئين پهر ۾ پاڻ منجهہ مون کي ٻوڙي مارڻ جي جيڪا سازشي سر ۾ پيا ڪيو اها تہ اجائي آهي، ڇاڪاڻ تہ منهنجون اکيون اُن پاڻي لاءِ جتي اوهان سازش سٽيو پيا آڌيءَ رات جو گهڙڻ لاءِ اتاوليون آهن، ان لاءِ سڪن ٿيون، تاڳهين پيون، سندن اها اکين محبوب ميهار سان ملڻ لاءِ، ان سان رهاڻيون ڪرڻ لاءِ آهي. تنهن ڪري بار بار، گهڙيءَ گهڙيءَ اچن ٿيون تہ بہ سندن اها پيار جي، محبت جي جيڪا اڄ آهي، تانگهہ آهي، جيڪا چڪ آهي اها پوري ٿي نہ ٿي ٿئين'!!

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

امن سان گڏ انصاف بہ ٿيڻ گهرجي!

منظور ڪوسو

سنڌ ۾ امن امان جون حالتون ڪافي سالن کان بگڙيل آهن روڊ رستا، وستيون واهڻ ڳوٺ توڙي شهر ڪٿي بہ ماڻهن جي جان ۽ مال محفوظ ڪين آهي سنڌ جتي ٻين مسئلن جي اوڙاهہ ۾ سڙي پئي آتي اهو مسئلو بہ سڀ کان وڌيڪ ماڻهن لاءِ خوف ۽ پريشاني جو سبب بڻيل آهي ڪا ڪل ناهي تہ ڪٿي ڪو واٽ ويندي مسڪين ماڻهو ڪٽيو وڃي، ڦريو وڃي يا ماريو وڃي جيڪڏهن اهڙن واقعن جي انصاف پري جانچ ٿئي ها ۽ ڌاڙيل گرفتار ڪيا وڃن ها تہ ڏوهن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ مڙئي ناٻر اچي وڃي ها پر ڪڏهن بہ ڪا حقيقي ايف آئي آر درج نہ ٿي ۽ نہ ئي ڪڏهن ڌاڙيل گرفتار ٿيا يا متاثرن کي انصاف مليو.

ها! جيڪڏهن ڪنهن ڦرلٽ جي معاملي ۾ ڪو سياسي يا عوامي دٻاءُ وڌي ويو تہ سامان تہ واپس ملندو پر ڌاڙيل قانون حوالي نہ ٿيندا سياسي مصلحتن ۽ چشم پوشي بہ امن امان جي حالتن کي گهڻو خراب ڪيو آهي جنهن جي سزا عام ماڻهو ڀوڳي رهيو آهي جيڪڏهن ڪو اغوا ٿئي ٿو تہ بہ غريب جو ٻچو، ڦرلٽ جو شڪار بہ مسڪين ماڻهو ٿئي ٿو حڪومت پهرين سرينڊر پاليسي تحت ڌاڙيلن سان رعايتون ڪري پر ان ماءُ جي درد جو ازالو نہ ٿي ڪري سگهي جنهن جو اولاد پيٽ جي باهہ اجهائڻ لاءِ واٽ ويندي اغوا ڪيو ويو هجي يا قتل ڪيو ويو هجي ماڻهن پنهنجا گهر گهاٽ وڪڻي تباهہ حال ۽ بي گهر ٿي ڌاڙيلن جي چنبي مان پنهنجا ٻچڙا آزاد ڪرايا، ونيون بيواهہ ٿيون، ٻچا يتيم ٿيا، مائرون روئي روئي اکين جو نور وڃائي ويٺيون ايڏي وڏي درد جي پلصراط جو شايد ڪنهن کي ڪو احساس هجي امن امان قائم ڪرڻ لاءِ جون 2024ع ۾ صدرِ پاڪستان آصف علي زرداري جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي اجلاس، اعلي عدالتن جا فيصلا ۽ حڪم ناما، پوليس آفيسرن جي مٽ سٽ، حڪومتي ترجمانن جي ايم اين اي ۽ ايم پي اي جون پريس ڪانفرنسون، دانهون، فريادون تہ ڪچي ۾ بي رحم فوجي آپريشن ڪري رياست جي رٽ قائم ڪئي وڃي ۽ غير قانوني ڀاري هٿيار جيڪي سنڌ پوليس جي بلٽ پروف بڪتربند گاڏين کي بہ تباهہ پيا ڪري ڇڏين سي هٿيار هٿ ڪيا وڃن صوبي جا لنگهہ گهٽ گهيڙ بند ڪيا وڃن جيئن غير قانوني هٿيار ڌاڙيلن تائين نہ پهچن پر سڀ ڳالهيون بي سود ثابت ٿيون! پوليس سرڪار کان شڪايت ڪئي تہ ڌاڙيلن وٽ جديد هٿيار آهن جنهن ڪري اسان انهن جو مقابلو ڪري نہ ٿا سگهون 2024ع جي سلياني بجيٽ ۾ امن امان لاءِ 160 ارب کان وڌيڪ رقم رکي وئي ۽ ملٽري گريڊ جا جديد هٿيار خريد ڪرڻ لاءِ 2 ارب 79 ڪروڙ 60 لک رپيا رکيا ويا ۽ گاڏين جي خريداري لاءِ 3 ارب 56 ڪروڙ 90 لک رپيا رکيا ويا ۽ اهو سلسلو ٻين بجيٽن ۾ بہ جاري رهيو پر پوءِ بہ ڏٺوسين تہ ڏينهون ڏينهن امن امان جي حالت خراب ٿيندي پئي وئي اغوا ڦرون، قتل قبائلي جهيڙا هر قسم جي بدامني سنڌ کي گهيري ورتو آپريشن ڌاڙيلن جي گهرن کي باهيون ڏيڻ ڀرون حملا وغيره پر ماڻهو ۽ روڊ رستا محفوظ نہ ٿيا. آخرڪار رياست امن امان قائم ڪرڻ لاءِ تر جي بااثر ڀوتارن جي تعاون سان طاقت جي استعمال کان پاسو ڪندي هڪ امن ڀريو رستو اختيار ڪيو اِها پاليسي متعارف ڪرائي وئي تہ 'اچو هٿيار ڦٽا ڪيو. رضاڪارانہ طور پيش ٿيو ۽ باقي زندگي وڃي پنهنجن ٻچڙن سان گڏ سکون ۽ آرام سان گذاريو' ڀلي توهان خلقت جو سڪون مرڻ گهڙيءَ تائين ڦٽائي ڇڏيو هجي ڪائي ڳالهہ ناهي!

آڪٽوبر 2025ع ۾ شڪارپور پوليس لائين ۾ وزير داخلا ۽ اعليٰ پوليس آفيسرن جي موجودگيءَ ۾ هڪ شاهي تقريب منعقد ڪئي وئي ڌاڙيل جن تي لکين رپيا انعام رکيل هو نرڙ تي ٽوپيون رکي، شهپر وٽيندا ريڊڪارپيٽ تي واڪ ڪندا آيا، ڪنهن وي آئي پي مهمانن جيان انهن کي پروٽوڪول ۾ آندو ويو، ائين پئي لڳو ڄڻڪ پاڻ کي رضاڪارانہ قانون اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ نہ پر ڪو ايوارڊ وٺڻ آيا هجن. ان ڪانپوءِ ائين سمجهيو پئي ويو تہ شايد هاڻي تر ۾ امن ٿي ويندو، ڪي قدر ڏوهن ۾ ناٻر ضرور ايندو پر وري ڪڏهن ڀهراڙين ۾ تہ ڪڏهن شهرن ۾ ڏوهن جا سلسلا جاري رهيا. هاڻي 2025ع وارو فارمولو وري 2026ع ۾ آزمايو پيو وڃي، شڪارپور ايس ايس پي آفيس ۾ 5 جون تي سرينڊر پاليسي تحت ميلو مچايو ويو، جنهن ۾ 60 ڌاڙيل جن جي سرن تي لکين ڪروڙين رپيا انعام رکيل هو، ڦرلٽ ۽ قتل سميت سنگين ڏوهن ۾ گهربل هئا سي پاڻ کي ناهي نوڪي هاري سينگاري آئنده شريفانہ زندگي گذارڻ جو عزم ظاهر ڪيو پر ڪن دوستن چيو تہ اِهي ٽڪ پٽڻ لاءِ اچي پوليس آڏو پيش پيا آهن ڪمزور ايف آئي آرون ۽ شاهديون نہ هئڻ برابر، سو هي ڪجهہ ڏينهن جيل ۾ رهندا، کائڻ پيئڻ سگريٽ، چانهہ ۽ پاڻي جي مڪمل سهولت سان ۽ پوءِ شهرن ۾ آزاد گهمندا وتندا ڪچي ۾، دريائن جي پيٽن ٻيلن ۽ جهنگن ۾ اهڙا مڇر ٿا ٿين جو جهنگ جون بلائون بہ رڙيون ڪري ڀڪي ڏانهن نڪري اينديون آهن آتي ڌاڙيلن جو رهڻ اُن ماحول جي بنسبت جيل تہ انهن لاءِ ٽڪ پچڻ ۽ آرام ڪرڻ جي هڪ مناسب جاءِ آهي ڪو بي قصور غريب معمولي چوري جي ڪيس ۾ بہ جيل پهتو تہ جيل جو عملو اها ڪندس جهڙڪ وزيرستان مان ڪو دهشتگرد ڪين هٿ اچي ويو هجي، پر هنن جا جيلن ۾ بہ ٺٺ آهن هڪ دوست تبصرو ڪندي چيو تہ 'ماڻهو ماريو، ڦر ڪيو، ڌاڙا هڻو، معصوم ٻار اغوا ڪيو ۽ سنڌ سرڪار جي سرينڊر پاليسي تحت شهر ۾ پٽڪا پائي ڇڳا مڙس ٿي گهمو' بهرحال ماڻهن کي امن گهرجي پوءِ جيڪڏهن اربين روپين جي بجيٽ سان نہ سهي تہ افهام تفهيم سان ئي سهي پر امن گهرجي ۽ ان سان گڏ متاثرين سان پڻ انصاف ٿيڻ گهرجي هي ڪو ڪڪڙ ٻڪري چوريءَ جي ڪيس ۾ پنهنجي سر تي لکين ڪروڙين رپيا انعام رکي سرينڊر ڪرڻ ڪونہ آيا آهن پر هي سنگين ڏوهن ۾ گهربل آهن هڪ طرف امن تہ ٻئي پاسي ماڻهن سان انصاف بہ ٿيڻ گهرجي ۽ خطرناڪ هٿيار جن سان هنن نہ فقط عام ماڻهو ماريا ۽ ڦريا پر ڪيئي پوليس جا جوان ۽ آفيسر بہ شهيد ٿيا، آهي هٿيار بہ ڌاڙيلن کان واپس ورتا وڃن تڏهن ئي چئي سگهبو تہ ڌاڙيلن سرينڊر ڪيو آهي نہ تہ هن لڳندڙ سرينڊر ميلي مان عوام ڪا بي معنيٰ ۽ مطلب بہ ڪڍي سگهي ٿو

پهريون صنعتي انقلاب (ٻاڦ واري انجڻ کان جديد دنيا تائين)!

ايڊووڪيٽ حق نواز ميمڻ

اڄ جڏهن دنيا مصنوعي ذهانت (Artificial Intelligence - AI)، روبوٽڪس (Robotics)، بگ ڊيٽا (Big Data) ۽ جديد ڊجيٽل ٽيڪنالاجي (Digital Technology) جي دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي، تڏهن اهو سوال پيدا ٿئي ٿو تہ انسان هن مقام تائين ڪيئن پهتو؟ ڇا اهي سڀ تبديليون اوچتو وجود ۾ آيون آهن يا انهن جي پويان صدين تي پکڙيل ڪو سفر بہ موجود آهي؟ تاريخ جا ورق ورائڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ اڄ جو ٽيڪنالاجي دور هڪ ڊگهي ارتقائي عمل جو نتيجو آهي، جنهن جي شروعات لڳ ڀڳ اڍائي سؤ سال اڳ هڪ اهڙي ايجاد سان ٿي، جنهن نہ صرف پيداوار جا طريقا تبديل ڪيا، پر انساني تهذيب جي رُخ کي بہ نئون موڙ ڏنو. اها ايجاد ٻاڦ واري انجڻ (Steam Engine) هئي ۽ تاريخ ۾ هن دور کي (First Industrial Revolution) يعني پهريون صنعتي انقلاب (1760ع - 1840ع) سڏيو وڃي ٿو، جنهن جو بنياد ٻاڦ واري انجڻ ۽ مشيني پيداوار تي پيو.

صنعتي انقلاب کان اڳ دنيا جي معيشت جو بنياد زراعت، دستڪاري ۽ محدود پيماني جي واپار تي هوندو هو. گهڻا ماڻهو ڳوٺن ۾ رهندا هئا ۽ پنهنجي روزمرهہ جون شيون هٿ سان تيار ڪندا هئا. ڪپڙو اُڻڻ، اوزار ناهڻ ۽ ٻين شين جي پيداوار ننڍن ورڪشاپن يا گهرن تائين محدود هئي. پيداوار جي رفتار سست ۽ مقدار محدود هوندو هو، جنهن ڪري وڌندڙ آبادي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ مشڪل ٿيندو پئي ويو. اهڙي پسمنظر ۾ نون طريقن ۽ نئين ٽيڪنالاجيءَ جي ضرورت شدت سان محسوس ٿيڻ لڳي. هتي هڪ اهم سوال اهو بہ پيدا ٿئي ٿو تہ آخر پهريون صنعتي انقلاب برطانيا (Britain) ۾ ئي ڇو شروع ٿيو؟ تاريخدانن موجب ان جا ڪيترائي سبب هئا. برطانيا وٽ ڪوئلو (Coal) ۽ لوهہ (Iron Ore) جهڙا قدرتي وسيلا وڏي مقدار ۾ موجود هئا. ان کان علاوه سامونڊي واپار، سياسي استحڪام، مضبوط مالي ادارا ۽ سائنسي تحقيق لاءِ سازگار ماحول پڻ موجود هو. پر حقيقت اها آهي تہ صرف وسيلا ترقي جي ضمانت ناهن هوندا. دنيا جي ٻين علائقن وٽ بہ قدرتي وسيلا هئا، پر برطانيا کي جيڪا برتري حاصل هئي، سا علم، تحقيق ۽ ايجادن جي حوصلا افزائي سبب ٿي اهوئي سبق اڄ بہ ترقي پذير ملڪن، خاص طور تي پاڪستان لاءِ انتهائي اهم آهي. پهرين صنعتي انقلاب جو سڀ کان اهم ڪردار ٻاڦ واري انجڻ ادا ڪيو. جيتوڻيڪ ٻاڦ جي طاقت بابت تجربا اڳ بہ ٿيندا رهيا هئا، پر اسڪاٽش موجد جيمز واٽ (James Watt) ان کي وڌيڪ ڪارائتو ۽ عملي بڻايو. هن ايجاد سان انسان پهريون ڀيرو اهڙي طاقت حاصل ڪئي، جيڪا نہ ٿڪجي، نہ آرام گهري ۽ نہ موسم جي محتاج هجي. نتيجي طور ڪارخانا مسلسل هلڻ لڳا ۽ پيداوار ۾ غيرمعمولي اضافو ٿيو. ٻاڦ واري انجڻ سان گڏ ڪارخانيداري نظام (Factory System) جنم ورتو. اڳ جيڪي شيون گهرن يا ننڍن ورڪشاپن ۾ تيار ٿينديون هيون، سي هاڻي وڏن ڪارخانن ۾ مشينن ذريعي ٺهڻ لڳيون. خاص طور تي ڪپڙي جي صنعت (Textile Industry) ۾ وڏيون تبديليون آيون. اسپننگ جيني (Spinning Jenny)، واٽر فريم (Water Frame) ۽ پاور لوم (Power Loom) جهڙين ايجادن ڪپڙي جي پيداوار کي نئين سطح تي پهچائي ڇڏيو. نتيجي ۾ شيون سستيون ٿيون، پيداوار وڌي ۽ مارڪيٽن جو دائرو وسيع ٿيو. صنعتي انقلاب جو اثر صرف ڪارخانن تائين محدود نہ رهيو. ٽرانسپورٽ (Transport) جي شعبي ۾ بہ بنيادي تبديليون آيون. ٻاڦ تي هلندڙ ريل گاڏيون (Steam Locomotives) ۽ جهاز (Steamships) متعارف ٿيا، جن سفر ۽ واپار کي نئين رفتار ڏني. اڳ جيڪي فاصلا هفتن يا مهينن ۾ طئي ٿيندا هئا، سي هاڻي ڏينهن ۾ مڪمل ٿيڻ لڳا. مختلف علائقا هڪ ٻئي سان ڳنڍجڻ لڳا ۽ عالمي واپار جو نئون دور شروع ٿيو.

صنعتي انقلاب جو هڪ اهم نتيجو شهري آباديءَ ۾ واڌ پڻ هو. ڪارخانن ۾ روزگار جي نون موقعن سبب لکين ماڻهو ڳوٺن مان شهرن ڏانهن منتقل ٿيڻ لڳا. مانچسٽر (Manchester)، برمنگهم (Birmingham) ۽ ليورپول (Liverpool) جهڙا شهر صنعتي مرڪز بڻجي ويا. ان ترقيءَ سان گڏ ڪيترائي سماجي مسئلا بہ پيدا ٿيا. مثال طور مزدورن کي ڪيترائي ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندو هو، پگهار گهٽ هوندي هئي ۽ ڪم ڪندڙ حالتون اڪثر غير محفوظ هونديون هيون. جڏهن تہ عورتن ۽ ٻارن کان بہ سخت محنت ورتي ويندي هئي، جنهن بعد مزدورن جي حقن بابت تحريڪن جو وجود عمل ۾ آيو معاشي نقطہءِ نظر کان ڏٺو وڃي تہ پهريون صنعتي انقلاب جديد سرمائيداري نظام (Capitalism) جي واڌ ويجهہ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پيداوار وڌڻ سان ڪاروبار وڌيا. سيڙپڪاري (Investment) ۾ اضافو ٿيو ۽ نوان معاشي طبقا وجود ۾ آيا. برطانيا جلد ئي دنيا جي سڀ کان وڏي صنعتي ۽ واپاري طاقت بڻجي ويو. مشهور اقتصادي مورخ ڊيوڊ لينڊس (David Landes) لکي ٿو تہ صنعتي انقلاب مغربي دنيا جي معاشي برتري جو بنياد بڻيو. جڏهن تہ ايرڪ هابس بام (Eric Hobsbawm) ان کي انساني تاريخ جي سڀ کان اثرائتين تبديلين مان هڪ قرار ڏئي ٿو. هر وڏي تبديلي وانگر هن انقلاب جا منفي پهلو بہ هئا. ڪوئلي جي وڏي استعمال سبب ماحولياتي آلودگي وڌي وئي، صنعتي شهرن ۾ دونهون، گدلاڻ ۽ صحت جا مسئلا عام ٿيڻ لڳا. دولت جو وڏو حصو ڪارخانن جي مالڪن وٽ گڏ ٿيڻ لڳو، جڏهن تہ مزدور طبقو گهڻو وقت سخت معاشي حالتن کي منهن ڏيندو رهيو. ان ڪري ڪجهہ ماهر صنعتي انقلاب کي ترقي ۽ عدم مساوات (Inequality) جو آغاز پڻ قرار ڏين ٿا. اڄ جڏهن پاڪستان پنهنجي معاشي ۽ صنعتي مسئلن سان وڙهي رهيو آهي، تڏهن پهريون صنعتي انقلاب اسان کي هڪ اهم سبق ڏئي ٿو. قومن جي ترقي صرف قدرتي وسيلن سان نہ ٿيندي آهي پر سائنسي تحقيق (Scientific Research)، فني تعليم (Technical Education)، جدت (Innovation) ۽ نئين ٽيڪنالاجيءَ کي قبول ڪرڻ سان ٿيندي آهي. برطانيا جي ڪاميابيءَ جو راز صرف ڪوئلو يا لوهہ نہ هو، بلڪ علم ۽ تحقيق تي اعتماد هو. پاڪستان لاءِ بہ مستقبل جي ترقيءَ جو رستو يونيورسٽين، تحقيقاتي ادارن ۽ جديد ٽيڪنالاجي ۾ سيڙپڪاري مان گذري ٿو. تاريخ جو مطالعو ٻڌائي ٿو تہ جيڪي قومون وقت جي تبديليءَ کي سمجهن ٿيون ۽ نون خيالن کي قبول ڪن ٿيون، اهي اڳتي وڌن ٿيون. جڏهن تہ تبديليءَ کان ڊڄندڙ قومون پوئتي رهجي وڃن ٿيون. پهرين صنعتي انقلاب انسان کي مشيني دور ۾ داخل ڪيو، ٻئي ۽ ٽئين صنعتي انقلاب ان سفر کي اڳتي وڌايو ۽ اڄ دنيا هڪ نئين دور جي در تي بيٺل آهي.

ورسيءَ جي مناسبت سان

سنڌي قوم جو عظيم رهنما رسول بخش پليجو!

شمن اوٺو مهراڻوي

سنڌ جي مٽي خوشنصيب آهي جنهن رسول بخش پليجي صاحب جهڙي عظيم شخصيت پيدا ڪئي هن پنهنجي پوري زندگي پورهيت انقلاب لاءِ جدوجهد ڪندي گذاري پليجي صاحب جي جدوجهد جي پاسن کي ڏسبو تہ هڪ ئي وقت زبردست مقرر، ليکڪ، سياستدان ۽ وڪيل هجڻ سان گڏوگڏ ڪالاباغ ڊيم جو سخت مخالف هو، جنهن چاهيو ٿي تہ ڪابہ قوم تڏهن ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿي جڏهن پنهنجي ديس جي حقن ۽ ننگن لاءِ ميدان عمل ۾ سرگرم هجي ۽ پوءِ اها قوم سرخرو ٿي سگهي ٿي رسول بخش پليجي سنڌ جي قومي سياست ۾ نئون روح ڦوڪيو، يقينن قوم ان کي فخر سان ياد ڪري ٿي علمي ادب، علمي سياست ۽ فلسفي تي گهرائيءَ سان مطالعو ۽ مشاهدو ڪري مستقبل جي predictionجو فن صرف پليجي صاحب وٽ هو ڪيس خبر هئي تہ منفي سياست صرف منفيت جا نتيجا ڏيندي ۽ ڪيس خبر هئي تہ جيسين سياسي طور تي پورهيتن هارين شاگردن ۽ عورتن کي سياست ۾ شامل نہ ڪبو تہ ويتر اقتدار جي نشي ۾ غش اهي سياستدان سنڌ ۽ سنڌي قوم کي نقصان ڏيندا ان ڪري هن هارين شاگردن ۽ عورتن جا محاذ جوڙي ڪين اڳواڻي ڏني ۽ 'سنڌياڻي تحريڪ' جهڙي منظم تنظيم جو بنياد وڌو.

سنڌياڻي تحريڪ هن وقت ايشيا کنڊ جي عورتن جي منظم تنظيم آهي پليجي صاحب جي شخصيت ۽ فڪر ۾ اهو واضح آهي تہ هن شخص اصولن، قاعدن ۽ ڊسيپلين واري سياست ڪري سنڌي قوم کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان ۾ ڪامياب ويو. سنڌ ۾ سياسي پڙهائيءَ جو رجحان جو ڪريڊٽ صرف پليجي وڌو هو ڇو تہ هن سمجهيو ٿي تہ جيستائين سنڌي قوم وٽ علمي نظريو ۽ فڪر نہ هوندو، تيستائين اها قوم مٿين ڪلاس وٽ يرغمال بڻيل هوندي، ان ڪري هن پڙهڻ ۽ پروڙڻ جو فن نہ صرف سيکاريو پر ان تي عمل بہ ڪرايو. سنڌ جي سياست ۾ ڄٽواڪيءَ جو اثر رسوخ رهيو آهي پڃ ڊاهہ ٿيندي ٿي تنظيمون ٽٽنديون آهن پر پليجو ان عمل جي خلاف هو هن پنهنجي پارٽيءَ جون ذميواريون هيٺين ڪلاس جي پورهيتن کي ڏنيون ۽ نتيجي سندس سياسي مورچا مضبوط رهيا. شايد اهوئي سبب آهي جو سائين جي ايم سيد هڪ هنڌ لکيو آهي تہ 'جڏهن عزيزم پليجي صاحب سنڌي عوام جي قومي اتحاد پاران ڪراچي حيدرآباد ۽ سکر ۾ ڪالاباغ ڊيم ۽ ٻهارين خلاف لکين ماڻهن جا جلسا ڪرايا، تڏهن مون کي بہ اونداهيءَ ۾ روشنيءَ جا ڪرڻا نظر آيا' واقعي بہ پليجي صاحب وٽ ڏاهپ هئي علم هو جنهن جو هن مثبت انداز ۾ استعمال ڪيو هيڏي وڏي جدوجهد، ڪمٽمينٽ ۽ جاکوڙ سبب سندس فڪر سان سلهاڙيل ڪارڪن ڪيس 'قائد انقلاب' ۽ 'استاد' جو لقب ڏين ٿا. اها حقيقت آهي تہ هن عظيم انسان جي فڪري واٽ مشعل راهہ آهي تہ وقت جي ضرورت بہ.

رسول بخش پليجي جو پورهيو زنده رهڻو آهي سندس جدوجهد نئين نسل لاءِ نيابو آهي تہ پنهنجي ڌرتي قوم ۽ ڏتڙيل ماڻهن لاءِ حقيقي معنيٰ ۾ جدوجهد جي پهرين مورچي تي سپاهي ٿي بيهي سرمائيدار نظام ۽ رجعت پرستيءَ کي نيست ۽ نابود ڪري پنهنجا وسيلا ۽ ڌرتي يرغمال ٿيڻ کان بچايون.

مظهر لغاري پليجي صاحب لاءِ ڪيڏو نہ خوب لکيو آهي تہ:

تو ۾ ئي ٻوليءَ جي سونهن کي ڏسجي،
شفاف آئينو، نڪور ٻنهہ تج آهين.
ڪوئي سُورج، مَکي تاريخ سپاٽي هوندي،
راند جي توسان دشمني ٿي جوي، سچ آهين!

ايندڙ بجيٽ، وڌندڙ مهانگائي ۽ پريشان ماڻهو!

قاسم خاصخيلي

مهانگائيءَ جا سور ڪنهن کان بہ ڳجها ناهن مهانگائي هاڻ هڪ اهڙو موذي مرض بڻجي چڪو آهي جنهن جو شايد علاج دريافت ئي ناهي ٿيو، سال بہ سال وڌندڙ هن مرض کي ختم ڪرڻ جو دعوائون تہ سامهون اچن ٿيون. پاليسيون بہ ٺهن ٿيون پر عملي طور هن مرض جو ڪير بہ علاج ڪرڻ ۽ ڳولڻ جي يا تہ ڪوشش نٿو ڪري يا ان جي پويان ڪي شاطر ذهن بيٺل آهن جيڪي اِهو نٿا چاهين تہ اسان کي ڪو گهاٽو پوي ۽ جن کي شايد ان هٿرادو نموني پيدا ڪيل مهانگائيءَ مان سٺو سٺون فائدو ملي رهيو آهي تڏهن تہ ان ڏاڍڻ مهانگائيءَ جا پويان پير ٿيڻ بدران تباهيءَ واري طوفان وانگر پير سدائين اڳتي وڌندا رهن ٿا جيئن تہ هيءُ جون جو مهينو هلي رهيو آهي وفاقي توڙي چئني صوبن جي بجيٽ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ اچي رهي آهي ملڪ ۾ هر سال جيڪا بجيٽ اچي ٿي ان بابت هڪ پاسي سدائين اِها دعويٰ ڪئي ويندي آهي تہ هيءَ بجيٽ عوام دوست آهي بهتر بجيٽ پيش ڪئي وئي آهي پر ٻئي پاسي وري ڪنهن پڪي راڳ وانگر حڪمرانن واتان اِهو سُر بہ ٻڌڻ لاءِ ملندو آهي تہ ملڪ نازڪ موڙ مان گذري رهيو آهي. اسان تي آئي ايم ايف جو دٻاءُ آهي، معاشي صورتحال خراب آهي، هيترا هزار ارب قرض چڙهي ويو آهي آهي ۽ اُن قسم جون ڳالهيون ڪري عوام کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪري ان مٿان هر سال مختلف شين جي صورت ۾ ٽيڪسن جو بہ بار وڌو ويندو آهي جنهن سان سڌي سنئين عام ماڻهوءَ جي زندگي متاثر ٿئي ٿي بجلي جا بل ڏسون، گئس جا بل ڏسون، پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهہ ڏسون يا زندگيءَ جي عام واهپي جون شيون يا هر طرح جو بلڊنگ مٽيريل، ڪير ڍهي ڪاسميٽڪس، ڪپڙو ۽ دوائون وغيره ڏسون تہ انهن ۾ رڳو ٽيڪس لڳل نظر ايندا آهن هڪ مزدور جيڪو ست سؤ يا اٺ سؤ روپيا ڏهاڙي ڪمائي ٿو اهو اٽي ڪڻڪ، پتي کنڊ، گيهہ ملڇيس کان وٺندي لوڻ مرچ تي بہ ٽيڪس ڀري ٿو جيڪڏهن هو مزدوري ڪرڻ لاءِ هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي وڃي ٿو تہ اتي اچڻ وڃڻ جو ڀاڙو ٽوڙ ڪرايو بہ ڀري ٿو نتيجي ۾ هو پنهنجي گهر هٿين خالي ئي پهچي ٿو هڪ مزدور پنهنجي معصوم ٻارن جون ننڍڙيون خواهشون بہ پوريون نٿو ڪري سگهي شيءِ وٺي ڏيڻ بہ وس ۾ نٿو رهي، رات جو رُکي سُکي تي گذارو ڪري ٿو، ڪٿي گهمڻ ڦرڻ بہ نٿو وڃي سگهي ڪنهن ڀاءُ، برادر يا دوست جي شادي غمي ۾ وڃڻ لاءِ بہ پريشان رهي ٿو، پيو تہ ڇڏيو پر هو پنهنجي ڪنهن گهر ڀاتي جي بيماري يا ٻي ايمرجنسي کي بہ منهن نٿو ڏئي سگهي انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن مجبورن ڪٿان ڪجهہ هزار قرض بہ کڻي ٿو تہ اُهو لاهڻ لاءِ وري الڳ اذيتن جو شڪار بڻجي ٿو وڃي جيڪڏهن ڪو ننڍو سرڪاري ملازم آهي تہ ان جي بہ ايتري پگهار ناهي جنهن سان هو مهانگائيءَ جو پورائو ڪري سگهي جيڪڏهن ننڍي گريڊ جو ڪو ريٽائر ملازم آهي تہ ان جي پينشن بہ تمام گهٽ آهي جنهن سان هُو زندگيءَ جو گاڏو ڌڪڻ جي قابل ناهي رهيو، ان ڪري حڪومتي سطح تي مهانگائي کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪي جامع قدم کڻڻ گهرجن ايندڙ بجيٽ ۾ مزدور طبقي لاءِ خاص پيڪيجز جو اعلان ڪرڻ سان گڏ ننڍن سرڪاري ملازمن ۽ گهٽ گريڊ جي ريٽائر ٿيل پينشنرن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ وڌيڪ واڌارو ڪرڻ سميت انهن جي ميڊيڪل ۽ ٻين الائونسن ۾ بہ گهٽ ۾ گهٽ سؤ سيڪڙو اضافو ڪرڻ جو اعلان ڪري حڪومت کي بيروزگاري ۽ مهانگائي جي خاتمي تي بہ مسلسل لاڳيتو ڪم ڪرڻ گهرجي ملڪ ۾ هٿرادو طور پيدا ڪيل مهانگائي سميت ذخيره اندوزن خلاف سخت قانون متعارف ڪرائڻ گهرجن ان سان گڏوگڏ منافعي خوري جي خاتمي ۾ ڪردار ادا ڪري لاڳاپيل ذميوار ادارن جي ملازمن کي انهن تي سخت نظر رکڻ جو حڪم ڏنو وڃي مارڪيٽن ۾ اوچتا ڇاپا هڻي بنا ڪنهن رعايت جي سيڙهي ذخيره اندوزن، منافعي خورن ۽ هٿرادو مهانگائي ڪندڙ واپارين خلاف بہ قانوني ڪارروايون يقيني بڻايون وڃن جنهن سان گهٽ ۾ گهٽ مهانگائي گهٽ تہ بہ ٿي تہ ڀلا ايترو ٿي سگهي ٿو جو گهوڙي جي ٻوڙ وانگر اڳتي وڌندڙ مهانگائي جو ڪجهہ لغام ڇڪجي سگهي ٿو جنهن سان مزدور طبقو بہ سک جو ساهہ کڻي سگهي ٿو ۽ ناجائز منافعي خوري کي پڻ ٺپجو اچي سگهي ٿو.

(شخصيتون) ———— اڄوڪو ڏينهن ...... 07 جُون

رسول بخش پليجو



اڄ سنڌ جي انقلابي سياسي اڳواڻ، دانشور ۽ قانوندان رسول بخش پليجي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن انمول انسان جو جنم 1930ع ۾ ٺٽي ضلعي جي شهر جنگشاهيءَ ويجهو ڳوٺ منگر خان پليجو ۾ علي محمد پليجي جي گهر ۾ ٿيو هو ٺٽي سنڌ مدرسة الاسلام ۽ مسلم لا ڪاليج ۾ پڙهيو ۽ قانون جي سند حاصل ڪيائين سندس شمار ملڪ جي ساک وارن وڪيلن ۾ ٿيندو هو هن ون يونٽ خلاف هلندڙ هلچل ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو 1968 ۾ جڏهن سائين جي ايم سيد بزم صوفياءِ سنڌ جو بنياد وڌو تہ پليجو صاحب انهيءَ بزم جو سيڪريٽري چونڊيو ويو 1970ع ۾ هن نئين پارٽي 'عوامي تحريڪ' جو بنياد رکيو، جنهن جو پاڻ جنرل سيڪريٽري ٿيو انهيءَ تحريڪ جون ڪيترين ئي ذيلي تنظيمون جوڙيون ويون، جن ۾ هاري تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ، سنڌي مزدور تحريڪ، سجاڳ ٻار تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ ۽ ٻيون تنظيمون شامل آهن پليجي صاحب ۽ سندس عوامي تحريڪ هميشہ سنڌ جي مفادن جي حق ۾ ۽ سنڌ جي خلاف ٿيندڙ ويساهہ گهاتين خلاف ڀرپور آواز اٿاريو. ووٽرلسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپرائڻ، ڪالاباغ ۽ ٿل ڪئنال خلاف جدوجهد، ايم آر ڊي تحريڪ، ڪاروڪاري ۽ جرڳا سسٽم ختم ڪرڻ واري تحريڪ ۽ ٻين سنڌ جي مفادن سان لاڳاپيل مسئلن خلاف جدوجهد ۾ هن جي ڪردار ۽ جدوجهد کي سنڌ جو سلام آهي 1970ع ۾ هن 'تحريڪ' رسالو بہ شروع ڪرايو، جنهن تي وقت جي حڪمرانن ڪيترائي ڀيرا بندش وڌي هن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ هڪ لساني تنظيم پاران هلندڙ دهشتگرديءَ جي کليل لفظن ۾ مذمت ڪئي هو هڪ بهترين اديب، دانشور ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي عوام جو سچو ساٿي ۽ اڳواڻ هو هن ڪيترائي ڪتاب تحرير ڪيا، جيڪي سنڌي ادب ۽ تاريخ جو وڏو سرمايو آهن هن عظيم انسان 7 جون 2018ع تي وفات ڪئي

نواب الهداد خان لغاري صوفي

نواب الهداد خان لغاري نواب ولي محمد خان لغاريءَ جو ٽيون نمبر پٽ هو هن جو جنم 27 رمضان 1238هہ مطابق 7 جون 1823ع تي ٿيو هن کي فارسيءَ جي تعليم ڏيارڻ لاءِ خاص معلم مقرر ڪيا ويا، پاڻ اڃا ٽن سالن جو ننڍڙو ٻار هو جو سندس والد وفات ڪئي هن جي روزمرهہ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ مير نصيرخان ٽالپر هن لاءِ ماهانہ وظيفو مقرر ڪيو 1843ع ۾ سنڌ ۾ انگريزن جي فتح کان پوءِ اهو وظيفو بند ٿي ويو، ان ڪري هن ڪجهہ وقت انتهائي غربت ۾ گذاريو 1944ع ڌاري مدد جي لاءِ نواب بهاول خان داؤدپوٽي وٽ لنگهي ويو جنهن سندس مالي مدد ڪئي نواب الهداد خان عمر جي آخري حصي ۾ سيوهڻ تعلقي جي ڳوٺ ڪوٽ لاشاريءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي هو هڪ سٺو شاعر پڻ هو ۽ هن جا مولود گهڻو مشهور ٿيا شاعريءَ ۾ صوفي تخلص استعمال ڪندو هو. مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي ڪتاب 'ياد رفتگان' ۾ لکيو آهي تہ نواب الهداد خان لغاريءَ ڪوٽ لاشاريءَ ۾ 30 نومبر 1882ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

عبدالغفار صديقي

اڄ مشهور تعليمي ماهر عبدالغفار صديقيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن 7 جون 1939ع ۾ سنڌ جي مشهور شهر ڀٽ شريف ۾ مخدوم نجم الدين صديقيءَ جي گهر جنم ورتو، ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان نوشهري فيروز مان پاس ڪيائين اڳتي هلي بي اي، ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول ٽيچر طور ڪئي ان بعد اسڪولن جو سپروائيزر، بيٽ آفيسر، سبجيڪٽ اسپيشلسٽ، ملان اسڪولن جو چيف ڪوآرڊينيٽر، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر، سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ تعليمي کاتي جو ڊپٽي سيڪريٽري رهيو. ٻين بہ اهم عهدن تي ڪم ڪيائين پاڻ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشوري جو ميمبر ۽ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپورميرس جي اڪيڊمڪ ڪائونسل جو ميمبر پڻ رهيو. پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي مختلف پروگرامن ۾ بہ حصو وٺندو هو 1999ع ۾ رٽائر ٿيو ۽ پهرين جولاءِ 2020ع تي دم ڏنيءَ جي حوالي ڪيائين

ياسمين چانڊيو

اڄ نئين ٽهيءَ جي نامور ليکڪا ياسمين چانڊيو پنهنجي سالگرهہ ملهائي رهي آهي هنجو جنم اڄوڪي ڏينهن تي لاڙڪاڻي جي لاهوري محلي ۾ ٿيو سندس جنم کان ڪجهہ سال پوءِ سندس ڪٽنب لاڙڪاڻو ڇڏي قمبر شهر ۾ وڃي آباد ٿيو ان ڪري ياسمين ابتدائي تعليم انهي شهرن مان حاصل ڪئي اڳتي هلي سندس خاندان ڪراچي اچي وسايو. ان ڪري ياسمين اڄڪلهہ ڪراچيءَ ۾ رهي ٿي ياسمين کي ننڍي هوندي کان ئي ڪتابن پڙهڻ جو شوق هو ۽ 1990ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن اڃا چوٿين ڪلاس جي شاگردياڻي هئي تہ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيائين جيئن تہ سندس ڀاءُ ارباب چانڊيو عوامي تحريڪ سان لاڳاپيل هو، ان ڪري ياسمين بہ سنڌياڻي تحريڪ جو حصو بڻجي وئي هن جي پهرين ڪهاڻي 1995ع ۾ 'روزاني عوامي آواز' ۾ ڇپجي پڌري ٿي ان بعد سندس ڪهاڻيون لاڳيتو سنڌي ادبي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻجنديون رهيون آهن ڪهاڻين سان گڏ ڪلام ۽ تاثر بہ لکندي رهي آهي ۽ شاعريءَ سان بہ شوق رکي ٿي سندس بہ ڪتاب 'نظم آهي زندگي' (شاعري) ۽ 'پاندارو' (ڪهاڻيون) ڇپجي چڪا آهن

قلندر بخش صوفي

هن صوفي بزرگ جو جنم 25 جنوري 1889ع ڌاري ڳوٺ صوفي فقير تعلقي عمرڪوٽ ۾ ٿيو قرآن شريف گهر ۾ ئي پڙهيو ۽ سنڌي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ابتدائي فارسي تعليم مولوي عبدالرحيم سمي متياريءَ واري کان حاصل ڪيائين وڌيڪ فارسيءَ جي تعليم ميان محمد هاشم ٽکڙائيءَ کان حاصل ڪيائين هو ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ پڻ پڙهيو هو شروع ۾ ضلعي لوڪل بورڊ جو صدر ۽ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر بہ ٿيو پر پنهنجي خودسر ۽ سخت طبيعت سبب جلدئي سياست کان جدا ٿي ويو. حضرت شاهہ عنايت صوفي سندس مرشد هو پنهنجي عظيم مرشد جي ڏسيل واٽ ۽ اصولن جو سخت پابند ۽ وڏي استقلال وارو ماڻهو هو خدمت خلق ۽ سخاوت سندس شيوو هو ڪامريڊ مير محمد ٽالپر پنهنجي ڪتاب 'ايا منهن ڪارا منهن' ۾ لکي ٿو تہ ان زماني ۾ هڪ پوليس انسپيڪٽر ڪلو خان ڪوسو عمرڪوٽ جو ويٺل هو جيڪو وڏو ڦهري هو ۽ سندس ظلم جا وڏا داستان پڌرا هئا ڪن غريبن صوفي قلندر بخش وٽ انهيءَ ڪلو ڪوسي جي مٿن ڪيل ظلم جا داستان بيان ڪيا. صوفي صاحب ڪلو ڪوسي کي سزا طور هڪ پنجري ۾ بند رکيو ان کان علاوه پاڻيءَ واري کاتي جي هڪ OSDجي ڳالهہ ڪن ٿا تہ اهو غريبن کي پاڻيءَ کان سڪائيندو هو غريبن جي دانهن تي صوفي صاحب ان کي پوري جي پيٽ ۾ ڳچيءَ سوڌو پورائي ڇڏيو هو وقت جي ڪامورن هن کي هڪ سازش تحت 7 جون 1930ع تي شهيد ڪرائي ڇڏيو.

حاجي نواز علي شاهہ

هيءُ انگريزن جي دور جو هڪ قادرالڪلام شاعر هو پاڻ ڳڙهي ياسين تعلقي جي ڳوٺ ايلاس جو رهواسي هو ننڍي هوندي کان ئي سندس طبيعت جو لاڙو شاعريءَ طرف رهيو. سندس گهڻو ڪلام بيتن ۾ جيل آهي رومانوي ڪلام سان گڏ مذهبي ڪلام بہ چڱي موچاري تعداد ۾ چيائين عمر جي پڇاڙڪي حصي ۾ جڏهن حج ادا ڪري موٽيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي شان ۾ گهڻو شعر چيائين هن 7 جون 1946ع تي وفات ڪئي

پليڏنو بهتر

هن ناميارى شاعر جو جنم تعلقي موري ضلعي نوشهري فيروز جي ڳوٺ مناهيءَ ۾ 13 آگسٽ 1921ع تي ٿيو هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ پرائمري اسڪول جي استاد طور قوم جي نونهالن جي علم جي آبياري ڪئي هن 1956ع ڌاري باقاعدي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي شاعريءَ ۾ محمد خان غنيءَ جهڙي ڪهنہ مشق شاعر کان اصلاح وٺندو هو هو موري ۽ آسپاس وارن شهرن ۾ منعقد ٿيندڙ مشاعرن ۾ شوق سان شرڪت ڪندو هو شاعريءَ ۾ 'نماڻو' ۽ 'بهتر' تخلص استعمال ڪندو هو هن 7 جون 1977ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو


مختيار اثر

حزب الله ميمڻ



اڄ سنڌي ادب ۽ ثقافت جي سڄڻ حزب الله ميمڻ جي شهادت جو ڏينهن آهي هن انمول انسان جو جنم 25 سيپٽمبر 1944ع تي فقير جي پڙ حيدرآباد ۾ ٿيو هن جي والد حاجي عبدالڪريم ميمڻ جو شاهي بازار ۾ 'حاجي عبدالڪريم اينڊ سنز' جي نالي سان اجرڪ، ٽوپين گربين ۽ لونگين وغيره جو دڪان هو. هن مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول مان پاس ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ ايم اي (سائڪالاجي) جون سندون حاصل ڪيون هن سنڌ لا ڪاليج مان ايل ايل بي جي سند پڻ حاصل ڪئي هو 1974ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سائڪالاجيءَ واري شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري ايسوسيئيٽ پروفيسر جي عهدي تائين پهتو هن کي سنڌي ادب ۽ ثقافت سان عشق جي حد تائين محبت هئي هن جي پنهنجي هڪ ذاتي لائبريري هئي جنهن ۾ 10 هزارن کان مٿي ڪتاب موجود هئا هن وٽ هزارن جي تعداد ۾ سڪندراعظم کان وٺي ٽالپر دور جا ناياب سڪا، حڪمرانن جا تاج ۽ ٻيون ناياب شيون موجود هيون ڪجهہ تعصب پرستن ۽ سنڌ جي ثقافت جي دشمنن جي لاءِ هو اک جو ڪنڊو بڻجي ويو هنن پهريائين ستر واري ڏهاڪي ۾ سندس انهيءَ خزاني کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي 1990ع وارن فسادن دوران هو اهو سڄو خزانو لٽي ويا ۽ انهيءَ واقعي کان 10 ڏينهن پوءِ 7 جون 1990ع تي هن انمول انسان کي بہ شهيد ڪري ڇڏيائون

ممتاز علي پنڊ

ممتاز علي پنڊ پنهنجي دور جو مشهور شاگرد اڳواڻ هو هو 27 سيپٽمبر 1966ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ ميهنيهن خان پنڊ ۾ ڄائو هن پرائمريءَ جا پنج درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا ۽ ان کان پوءِ ٻارهين درجي تائين دادوءَ ۾ پڙهيو. اڳتي هلي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام مان ايم ايس سي جي سند حاصل ڪيائين هن سياست جي شروعات سنڌي شاگرد تحريڪ ۾ شموليت سان ڪئي زرعي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران هو انهيءَ سياسي تنظيم جو جنرل سيڪريٽري ۽ صدر رهيو اڳتي هلي سنڌي شاگرد تحريڪ جو مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو 1990ع ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ ڇڏي پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو گروپ) ۾ شامل ٿيو ۽ 1997ع وارين عام چونڊن ۾ انهيءَ پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي صوبائي اسيمبليءَ جي چونڊ وڙهيو پر ڪٽي نہ سگهيو تاريخ 7 جون 1998ع تي ٽنڊي الهيار ويجهو هڪ ٽريفڪ حادثي ۾ سندس روح جو پکي پرواز ڪري ويو

سيد ويڌل شاهہ جهانيان

اڄ حيدرآباد جي مخدوم جهانيان خاندان جي گاديءَ نشين سيد ويڌل شاهہ جي ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي شفيع چانڊيئي پنهنجي ڪتاب 'سڄڻ ساهہ پساهہ' ۾ سيد ويڌل شاهہ جي ولادت جي تاريخ 14 جنوري 1920ع لکي آهي هن بزرگ کي علم، ادب، تاريخ، مذهب ۽ شاهہ جي ڪلام تي عبور حاصل هو کين سنڌيءَ سان گڏ اردو، فارسي ۽ عربي ٻولين تي عبور حاصل هو انگريزي بہ رواني سان ڳالهائيندا هئا هٺ ۽ هوڏ سان کين نفرت هوندي هئي سندن واسطو اهل تشيع سان هو ۽ محرم جي ڏينهن ۾ مجلسون پڙهندا هئا پاڻ انجمن اماميہ سنڌ، انجمن حيدري قدم گاهہ مولا علي ۽ دادن شاهہ ڪربلا جا سرگرم ميمبر ۽ سرپرست هئا 1960ع ڌاري پاڻ گنوينتر ٺاهڻ ڪميٽيءَ جا چيئرمين ٿيا ۽ گنوينتر جو نالو بدلائي حسين آباد رکيائون هن بزرگ 7 جون 2007ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو هاڻ سندس فرزند زوار نقوي جهانيان خاندان جو گاديءَ نشين آهي

جمن دري بلوچ



اڄ مشهور اديب ۽ استاد مرحوم جمن دري بلوچ جي وفات جو ڏينهن آهي هو 8 سيپٽمبر 1959ع تي ٽنڊي الهيار ضلعي جي ڳوٺ مسو بوزدار جي هڪ غريب گهر ۾ پيدا ٿيو هن ننڍي هوندي ئي هاري ڪري، محنت مزدوري ڪئي ۽ ڀاڄيون وڪڻي پنهنجي ڪٽنب جو پيٽ پاليو ۽ گڏوگڏ ايم اي (اسلامي ڪلچر) تائين تعليم حاصل ڪئي هڪ اٽي جي چڪيءَ تي ۽ ان بعد ناڪي منشيءَ طور پنهنجي عملي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيائين اڳتي هلي پرائمري استاد مقرر ٿيو ۽ سڄي عمر پنهنجي محنت ۽ سچائيءَ سان قوم جي نونهالن کي علم جي زيور سان آراستہ ڪيائين هو ترقي ڪري هاءِ اسڪول ٽيچر مقرر ٿيو ۽ مختلف اسڪولن جو هيڊ ماسٽر پڻ رهيو هو هميشہ پٽڪو ٻڌندو هو ان ڪري 'پٽڪي وارو استاد' جي نالي سان مشهور هو 1980ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ سنڌي ادبي سنگت ٽنڊي الهيار سان لاڳاپيل رهيو هن غزل، هائيڪا ۽ ٻين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي هو 7 جون 2019ع تي ان سفر تي روانو ٿي ويو، جتان ڪو بہ نہ موٽيو آهي

اسپتال ساماڻو پهچايو جتي ڪٿي جوڳي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

نوجوان وزير علي لاشاري قتل ۽ علي رضا هيسباڻي زخمي، مقتول نوجوان وزير لاشاري راڌڻ جي پرسان ڳوٺ علي حسن لاشاري جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي جيڪو پنهنجي مامي شهزادو هيسباڻي وٽان پرڻيل هو، ساهرن سان گڏ ڳوٺ مڏباهو ۾ رهندو هو باقراڻي ٿاڻي اين سي داخل جوابدار گهر خالي ڪري فران ڪابہ گرفتاري عمل ۾ نہ آئي رپورٽ موجب ؛ باقراڻي ٿاڻي جي حد ڳوٺ مڏباهو ۾ معمولي ڳالهه تان هيسباڻي ۽ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ڌنڌن لٺين ۽ خنجر جو سرعام استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ هيسباڻي برداري ڌرجو 25 ورهين جو نوجوان وزير علي ولد صوبدار لاشاري ۽ علي رضا هيسباڻي خنجر لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ وارث ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي ڪٺائي ويا جتي نوجوان وزير لاشاري جي حالت نازڪ هئڻ سبب ڊاڪٽرن علاج لاءِ ڪراچي ريفر ڪيس جيڪو ڪراچي نهندي رستي ۾ زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويوهوڏانهن اهڙي واقعي جو اطلاع ملڻ بعد حد جي ٿاڻي باقراڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي واقعي بابت تفصيل معلوم ڪيا ۽ مقتول نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ڏوڪري اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن تہ مقتول نوجوان وزير لاشاري بابت ٻڌايو پيو وڃي تہ هو راڌڻ جي پرسان ڳوٺ علي حسن لاشاري جو رهواسي آهي جيڪو پنهنجي مامي شهزادو هيسباڻي وٽان پرڻيل هو پنهنجي ساهرن سان گڏ رهندو هو اهڙي واقعي جي اين سي باقراڻي ٿاڻي تي جوابدار سرفراز چانڊيو ۽ ٻين جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي جوابدار گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا آهن ڪابہ گرفتاري عمل ۾ نہ آئي آهي هوڏانهن ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي علي رضا هيسباڻي ٻڌايو تہ معمولي ڳالهه تان سرفراز چانڊيو ۽ ٻين جوابدارن گهر تي حملو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ مان ۽ منهنجو ڀڻيٽ وزير علي لاشاري سخت زخمي ٿي پيا، بعد ۾ ڀڻيٽ وزير علي لاشاري زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو آهي هوڏانهن ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ باقراڻي پوليس ٻڌايو تہ معمولي ڳالهه تان هيسباڻي ۽ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيس جنهن ۾ هيسباڻي ڌرجو 25 ورهين جو نوجوان وزير علي ولد صوبدار لاشاري ۽ علي رضا هيسباڻي خنجر لڳڻ سبب قتل ٿي ويو آهي اهڙي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ڏوڪري اسپتال ڪٺائي وئي، پوليس مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپو هنيو ويو پوليس جي پهچڻ کان اڳ جوابدارن گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا هئا.

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

عورت خالده چانڊيو موقعي تي فوت ٿي وئي هئي جڏهن تہ سنڌس مڙس سول اسپتال خيرپور ۾ زيرعلاج هو جيڪو پڻ فوت ٿي ويو آهي

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

۽ متاثر ٿيل ڳوٺ ۾ طبي ڪيمپ قائم ڪري اڙڻي جي ويا ۾ مبتلا معصوم ٻارن کي اڙڻي کان بچاءُ جا ٽڪا لڳائي وڌيڪ معصوم ٻارن جي حياتيون ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃن

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

هجڻ ڪري اسان کي تعلقا اسپتال ڪنڊيارو ڏانهن روانو ڪيو آهي ٻي طرف پوليس ٻنهي ڌرين مٿي جيهڙو جو ڪيس داخل ڪري ورتو آهي ٻي طرف ملاح برادري جي ماڻهن غلام حسين ملاح ۽ ذوالفقار علي ملاح تعلقا اسپتال اڳيان احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو آهي تہ جمالي برادري جي ماڻهن اسان کي هرو ڀرو تنگ ڪري جيهڙو ڪيو آهي اسان جي عورتن کي غلط اشارا ڪرڻ تان منع ڪرڻ تي جمالي برادري جي 10 کان وڌيڪ ماڻهن لٺين ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪري اسان جي ڪن نوجوانن کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو آهي . اسان سنڌس زيادتين جي جمالي برادري جي معززين کي بار بار دانهون ڏنيون پر جمالي برادري هٺ بجائي اڄ اسان سان بي گناهہ جيهڙو ڪيو آهي اسان کي اڳ پڻ ڌمڪيون ڏيندي رهيا انصاف ڪري حملو ڪندڙ ٻاڦر جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ٻي طرف جمالي برادري جي غلام مصطفيٰ جمالي موجب اسان جي ڳوٺ وچ ۾ اسان جي واهہ مٿي ڪچي پل رکيل آهي جنهن لنگهڻ تان ملاح برادري جي ماڻهن کي روڪڻ تان ملاح برادري جي ماڻهن اسان جي نوجوانن کي پوندا ڏنا جواب ۾ اسان جي ڇوڪرن پڻ پوندا ڏنا تہ جيهڙو ٿي پيو باقي عورتن کي غلط اشارڪرڻ وارو الزام اجايو آهي

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

مبينا طور ڏوڪرڻ عيوض ڪيلي جي باغن ۽ ٻاڦر زميندارن کي اضافي پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي، جڏهن تہ شاخ جي پوڇڙ وارن علائقن تائين پاڻي پهچڻ ئي بند ٿي ويو آهي آبادگارن موجب چار شاخ جي هيٺين حصي ۾ بيٺل فصل پاڻي نہ ملڻ سبب سڪي رهيا آهن جنهن ڪري ڪين لکين رپين جي نقصان جو خدشو آهي هنن دعويٰ ڪئي تہ پاڻي جي کوٽ سبب زرعي سرگرميون متاثر ٿي رهيون آهن جڏهن تہ ذميوار عملدار سنڌن شڪايتن تي ڪو بہ ڌيان نٿا ڏين مقامي ماڻهن جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ ايريگيشن کاتي جي ڪجهہ عملدارن جي سرپرستي هيٺ پاڻي جي ورچ ۾ مبينا بي ضابطگيون معمول بڻجي ويون آهن سنڌن الزام آهي تہ معمولي پگهارن تي ڪم ڪندڙ ڪجهہ عملدار مختصر عرصي ۾ وڏي مالي حيثيت حاصل ڪري چڪا آهن جنهن بابت بہ شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي متاثر آبادگارن هارين ۽ سماجي ڌرين سنڌ حڪومت، سيڪريٽري ايريگيشن ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ چار شاخ تي پاڻي جي ورچ واري نظام جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي هنن خاص طور تي داروغي سرويئر ۽ ايس ڊي او ايريگيشن مسو سب ڊويزن کي فوري طور هٽائي شفاف انڪوائري ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي آبادگارن خبردار ڪيو آهي تہ جيڪڏهن سنڌن جائز خدشن جو نوٽيس نہ ورتو ويو تہ هو احتجاجي تحريڪ هلائڻ تي مجبور ٿيندا هنن مطالبو ڪيو تہ پاڻي جي ورچ ۾ انصاف يقيني بڻائي شاخ جي پوڇڙ تائين پاڻي پهچايو وڃي تہ جيئن هزارين ايڪڙن تي بيٺل فصل تباهہ ٿيڻ کان بچي سگهن هنن مطالبا ڪيا آهن تہ چار شاخ تي پاڻي جي ورچ بابت اعليٰ سطحي جاچ ڪرائي وڃي

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

احتجاجي ريلي ڪڍي وئي آهي، ريلي ۾ جسقم، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، پاڪستان تحريڪ انصاف، پ ٽ الف سميت متاثر استادن ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، قومي ڪارڪنن بينر ۽ ڳاڙها جهنڊا هٿ ۾ کڻي سخت گرمي ۾ ڊي ايس پي آفيس جي گيٽ آڏو ڌرڻو هنيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن ڪامريڊ اڪبر ملاح، اياز عمراڻي، عبدالحڪيم ٻوڙدي، شاهد هاليپوٽو نثار سولنگي، استاد نثار اوٺو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ جي وڏي وزير جي چونڊ تڪ سيوهڻ ۾ ڪافي وقت کان بدامني عروج تي پهتل آهي جنهن ۾ موٽر سائيڪل جي ڦر موبائيلون ڦرڻ، گهرن ۾ ڌاڙا روز جو معمول بڻيل آهن جنهن عوام جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون آهن، شهرين ۽ زائرين سان گڏ هاڻي اسڪول ۽ ڪاليجن جي استادن کان بہ موٽرسائيڪلون ڦر ٿيڻ عام ڳالهہ بڻجي چڪي آهي جنهن ۾ استاد نثار اوٺو ۽ پروفيسر رفيق لاڪو پڻ متاثرن ۾ شامل آهن پر سيوهڻ پوليس گذريل هڪ مهيني کان شهرين کان ٿيل ڦرلٽ جو ڪو بہ نوٽيس نہ ورتو آهي ۽ نہ ئي سامان واپس ڪرائي سگهي آهي، پوليس جي پراسرار خاموشي مان ثابت ٿئي ٿو تہ پوليس ڌوڙاري ماڻهن سان ٻڌ بڻيل آهي ۽ ڪين قلندر جي نگري اندر ڌوهہ ڪرائڻ جو لائيسنس ڏنو ويو آهي جيڪو مذمت جوڳو عمل آهي، هنن مطالبو ڪيو تہ جلد ڦر ٿيل گاڏيون ۽ موبائيل فونون ۽ ٻيو سامان واپس نہ ڪرايو ويو تہ محرم الحرام جي عشري بعد بدامني خلاف ڀرپور احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

۽ پهتي ۽ رحم زندگي جي راند هارائي ويٺي

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

ڪيس داخل ڪرايو آهي، جڏهن تہ هيل تائين سنڌس خاندان جي مختلف ڀاتين خلاف اٺ (8) ايف آءِ آرون داخل ڪيون ويون آهن جن کي هن مڪمل طور ڪوڙو ۽ بي بنياد قرار ڏنو.پريس ڪانفرنس دوران مسمات عليشا لنڊ وڌيڪ الزام لڳايو تہ چاڻايل پوليس اهلڪار مبينا طور پنهنجي اثر رسوخ جو ناجائز استعمال ڪري رهيو آهي ۽ ڪيس ڪجهہ ماڻهن جي حمايت پڻ حاصل آهي، جنهن سبب سنڌس خاندان مسلسل ذهني دٻاءَ ۽ خوف جو شڪار آهي هن چيو تہ پوليس جو هڪ حصو بہ مبينا طور سنڌس پٺڀرائي ڪري رهيو آهي، جنهن ڪري ڪين انصاف حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.عورتن جو چوڻ هو تہ سنڌن خاندان کي مختلف طريقن سان هراسان ڪيو پيو وڃي ۽ ڪوڙن ڪيسن ذريعي ڪين دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي هنن مطالبو ڪيو تہ معاملي جي اعليٰ سطح تي شفاف جاچ ڪرائي حقيقتون سامهون آنديون وڃن.مسمات عليشا لنڊ ۽ سنڌس گهرڀاتين صوبائي گهرو وزير آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ۽ انساني حقن جي تنظيمن جي اڳواڻن کي اپيل ڪئي تہ هو معاملي جو نوٽيس وٺي اي ايس آءِ يوسف ناريجي خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪن سنڌن خاندان خلاف داخل مبينا ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن ۽ خاندان کي جاني ۽ مالي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

ڀهاني سان آيل نينگرين دڪاندار کي بيوقوف بڻائي دڪان ۾ پيل ساڍا چار لک رپيا چوري ڪري فرار ٿي ويون آهن انهي سلسلي ۾ دڪان مالڪ محبوب ميمڻ ٻڌايو تہ هو پنهنجي دڪان تي موجود هو تہ ان دوران نامعلوم ڇوڪرين چارجنگ ڪيبل جي خريداري جي ڀهاني سان ڳالهين ۾ لڳائي دڪان ۾ پيل ساڍا چار لک رپيا چوري ڪري فرار ٿي ويون آهن شڪ پوڻ تي بروقت مذڪوره ڇوڪرين جو پيڇو ڪيو ليڪن هو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون ان چيو تہ اهڙو اطلاع پوليس کي پڻ ڏنو آهي معاملي جي جاچ ڪري لڳين رپين جي ٿيل چوري واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي ٻي طرف ٿيل واردات واري اطلاع تي ايس ايڇ او ميرپوربٺورو صفدر سولنگي بروقت پهچي دڪان مالڪ کان تفصيل معلوم ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي پوليس ٻڌايو تہ موبائيل شاپ تان ٿيل چوري واردات ۾ ملوث نينگرين ۽ ان جي سهولتڪارن جا سي سي فوٽيج هٿ ڪري ورتا آهن جلد ملوث گينگ قانون جي گرفت ۾ هوندي واضح رهي تہ ڪجهہ سال اڳ پڻ سجاول شهر مان پڻ ساڳئي طريقي سان ڇوڪرين ذريعي لکين رپيا موبائيل شاپ تان چوري ڪيا ويا هئا ٻئي طرف محبوب ميمڻ جي دڪان تان ٿيل ڦور جي واردات بابت سابق ناظم سرپرست اعليٰ شهري اتحاد ميرپوربٺورو فقير محمدعلي خواجا صدر ڏاڏا اسماعيل شورو نائب صدر سائين قادر ميمڻ واپاري ايسوسيئشن جو سرپرست اعليٰ ٽائون ڪاميٽي جو ڪائونسلر حاجي حبيب الله ميمڻ صدر عبدالغفور ميمڻ انفارميشن سيڪريٽري نرمل نظير ڪٽي صحافي امتياز سومرو خالد ڪٽي ايس ٽي پي اڳواڻ عبدالغني ملاح جئي سنڌ محاذ جو ضلعي صدر نعمان شورو قربان ڪاڙڪ ۽ دڪان تي پهچي حال احوال ورتو ۽ پنهنجي تعاون جو يقين ڏياريو ۽ پوليس انتظاميا سان رابطو ڪري فورن جوابدار گرفتار ڪري رڪوري ڪرائڻ لاءِ زور ڀريو ٻئي صورت ۾ شهري اتحاد ۽ واپاري ايسوسيئشن گڏجاڻي ڪري حڪمت عملي ذاتي اڳيان جو لاعمل جو اعلان ڪندا

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

اڄ ڪيس مبينا طور باهہ ڏئي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، مسمات سميره ڪوسو صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ گذريل هڪ سال کان مڙس ۽ سنڌس مائٽ مٿس تشدد ڪندا رهيا آهن سنڌس چوڻ موجب واقعي وقت سنڌس ڏهہ مهينن جي نياڻي بہ هنج ۾ هئي باهہ لڳڻ سبب سنڌس ڪپڙا سڙي ويا ۽ هڪ ٽنگ بہ متاثر ٿي آهي هن وڌيڪ چيو تہ سنڌس دانهن ۽ رڙين تي والده رضيه ڪوسو ۽ پاڙيسري پهچي ويا، جن ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پر جوابدارن مبينا طور سنڌس والده کي پڻ تشدد جو نشانو بڻايواحتجاج ڪندڙ عورتن جو چوڻ هو تہ هو واقعي جي دانهن ڪٺي پوليس اسٽيشن پهتا، پر پوليس سنڌن رپورٽ داخل ڪرڻ بدران ڪين موٽائي ڇڏيو هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

ڪنهن بہ ريت آن سازش کي ڪامياب ٿيڻ نہ ڏينداسون ۽ سنڌ ورهائڻ واري ترميم ۾ حصو وٺندڙ اسيمبلي ميمبرن جي گهر تي نہ رڳو ڌرا ڪنگينداسون پر انهن جو گهيراءُ ڪيو ويندو سنڌ جي وحدانيت تي واري ڪنهن بہ ريت سنڌ جا غيرت مند برداشت نہ ڪندا . سنڌو درياءَ تي نوان ڪينال ڪڍيا ويا تہ ٻيهرلوءِ کان بہ وڌي مزاحمت ڪنداسون.سنڌ منشيات خلاف آپريشن ڪوبہ ڊرامو آهي منشيات جي ڪاروبار ۾ حڪمران ڌر جا ماڻهو ۽ پوليس آفيسر سڌي يا اڻ سڌي ريت ملوث آهن منشيات جي ڪاروبار سبب نوجوان نسل تباهہ ٿي رهيو آهي . وفاق ڪول ٽيڪس جي مد ۾ سنڌ مان ڪروڙين روپيہ ٽيڪس وصول ڪري ٿو پر سنڌ جا روڊ رستا کنڊرات بڻيل آهن ۽ روڊ حادثا روز جو معمول بڻيل آهن هنگورجا ۾ جسقم جي مرڪزي اڳواڻن پنهل ساريو .مجيب پيلار . ڪرم ساميٽيو ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي وڌيڪ چيو آهي تہ سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال خراب آهي ماڻهن جي جان مال محفوظ ناهن حڪمران پنهنجي عياشين ۾ پورا آهن جن وڌيڪ چيو تہ بلاول ڀٽو زرداري گلگت بلتستان ۾ ٿر جي ڪوئلي بابت ڪوڙ هڻي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ حڪومت انتقامي ڪارروائي ڪندي جسقم چيئرمين رياض چانڊيو جو پمپ کي ڊاهيو ويو آهي سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪرڻ تي آن کي انتقام جو نشانو بڻايو پيو وڃي . ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو جيڪڏهن 28 ترين جي ذريعي سنڌ جي ٽوڙيو ويو تہ سڀ کان پهريان سنڌ جا قومپرست متحده ۽ منظم ٿي روڊن تي ايندا ۽ حڪمرانن کي سخت مزاحمت جو منهن ڏسڻو پوندو هن چيو راڻيپور ۾ منشيات فروشن جي آڙ ۾ سموري ڳوٺ جي ساڙڻ نا انصافي آهي جنهن جي مذمت ڪيون ٿا .

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

پوليس ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي شهر جي گنٽس آفيس لڳ موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻندن پاران ڳوٺاڻي مزمل حسين ڪبر ولد نثار احمد ڪبر کي يرغمال بڻائي سنڌس کان 2 لک رپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا واقعي جي سيٽارجا ٿاڻي تي جوابدارن خلاف اين سي داخل ڪرائي وئي آهي، جڏهن تہ متاثر ڳوٺاڻي واقعي خلاف احتجاج ڪندي ايس ايس پي خيرپور کان گهر ڪئي آهي تہ جوابدار گرفتار ڪري ڦر ٿيل رقم واپس ڪرائي وڃي

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

تاريخي تقريب ڪوٺائي وئي تقريب جو سرو هو اسان جي زمين اسان جو مستقبل تقريب جي صدارت سنڌ جي ناميار ڏاهي اديب پروفيسر آدم ٻٽ ڪئي مهمان خاص سنڌ يونيورسٽيءَ جا اڳوڻا استاد ۽ ناليوارا براڊ ڪاسٽر پروفيسر ڊاڪٽر محمود مغل هئا اعزازي مهمانن ۾ فهيم نوناري، پرڏيهي مهمان اسٽيفان سماجي ڪارڪن ۽ پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو جي نياڻي رابيل ڏاريجو ماحول دوست ۽ وڻن جو دوست حاڪم چانڊيو هئا. تقريب ۾ ماحول جي بهتريءَ لاءِ ڪم ڪندڙ مختلف شخصيتن استادن اديبن شاگردن صحافين توڙي سماجي ڌرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ تازو ئي وفات ڪري ويل ناليواري سائنسدان پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو کي سائنسي، علمي ۽ ماحول دوست خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪئي وئي جڏهن تہ وڻ دوست ۽ ماحول دوست صحافي حاڪم چانڊيو کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي پروفيسر آدم ٻٽ چيو تہ "اڄ اسان 5 جون تي ماحوليات جي بچاءَ جو عالمي ڏهاڙو ملهائي رهيا آهيون پر اسان جو هڪ محسن اڄ اسان ۾ نہ آهي ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو رڳو سائنسدان نہ هو هو سنڌ جو 'ماحولياتي وڪيل' هو هن 30 سال سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سائنسي علم پڙهائي ثابت ڪيو تہ سائنس جي علم کان سواءِ سنڌ جي ترقي ممڪن نہ آهي سنڌس مشن کي پورو ڪرڻ لاءِ اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ڏاريجي صاحب کي خراج ٿا پيش ڪيون ٻيو اسان جي وچ ۾ حاڪم چانڊيو ويٺو آهي هي ڪو سياستدان ڪامورو نہ آهي تنهن هوندي بہ اڪيلي سر وڻ پوکي رهيو آهي "مهمان خاص پروفيسر ڊاڪٽر محمود مغل ڳالهائيندي چيو "مان پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو منهنجو وڏو ۽ ڪليگ رهيو سنڌس لکيل 60 کان وڌيڪ سائنسي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي وڏو اثاثو آهن اڄ ڏيلٽا مري رهيو ۽ اسان ڊاڪٽر کي قبر ۾ سمهاري ڇڏيو سنڌس مشن اڌورو آهي اسان کي گهرجي تہ اهو مشن پورو ڪريون ٻيو تہ حاڪم چانڊيو کي ڏسو ماحول کي بچائڻ لاءِ پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو جي نقش قدم تي هلي رهيو آهي فهيم نوناري ڳالهائيندي چيو تہ "ڄامشورو 5 يونيورسٽين جو شهر آهي ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو نہ رڳو انهن يونيورسٽين جو پر سنڌ جو فخر هو هن اسان کي سيکاريو تہ سائنس رڳو ليب ۾ نہ درياءَ جي ڪپ تي ٿئي ٿي' افسوس جو سنڌس تجويزن تي عمل نہ ٿيو اڄ جيڪڏهن اسان سنڌس ڳالهہ ٻڌي ها تہ ڏيلٽا آباد هجي ها ۽ حاڪم چانڊيو هي اسان سڀني لاءِ آئينو آهي اسان AC۾ ويهي ماحول تي ليڪچر ڏيون ٿا، هي 45° C ۾ وڻ لڳائي ٿو مان اعلان ٿو ڪريان تہ حاڪم چانڊيو سان گڏ وڏ کان وڏ وڻ لڳايا ويندا " سماجي ڪارڪن ۽ پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو جي نياڻي رابيل مرتضيٰ ڏاريجو ڳالهائيندي چيو تہ "مان ڊاڪٽر علي مرتضيٰ جي ڌيءَ هجڻ سان گڏ ان جي شاگرديائي رهي آهيان سر چوندو هو؛ ڀيٽ، ڊگريءَ سان گڏ ذميواري بہ کڻ' بابا اسان کي فيلڊ ۾ وٺي ويندو هو ماحوليات عورتن جو بہ مسئلو آهي' پر اڄ هو هن قسم جي تقريب ۾ ناهن حاڪم چانڊيو پاران وڻ پوکڻ جي ڪري اسان جي علائقي جو گرمي پد گهٽجڻ جي اميد آهي صحافي حاڪم چانڊيو ڳالهائيندي چيو تہ تقرير نہ ٿو ڄاڻان. مان رڳو ايترو ڄاڻان ٿو تہ وڻ ٿڌڪاءُ ڏئي ٿو ميوو ڏئي ٿو آڪسيجن ڏئي ٿو ڊاڪٽر ڏاريجو صاحب وڏو ماڻهو هو هو قلم ذريعي پنهنجين تحريرن ذريعي وڙهيو جيستائين ساهہ آهي وڻ لڳائيندو رهندس سائنسي ناول لکندس جيڪو ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو جي جنم ڏينهن 2 سيپٽمبر 2026 تي شايع ڪيو ويندو سنڌ جي ملازمن جي تنظيم سيوا جي صدر ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ سنڌ يونيورسٽي ڪالوني جي سيڪريٽري محمد علي گهانگهرو ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو سنڌ يونيورسٽي جو استاد ۽ آئون ملازم هجڻ ڪري ويجهو تعلق رهيو ڊاڪٽر سچو ماڻهو هو اسان جا حڪمران ڪوڙا آهن جن سنڌس ڪم جو قدر نہ ڪيو هن چيو تہ سيوا حاڪم چانڊيو کي 'ماحول جو مجاهد' جو لقب ڏئي ٿي" سماجي اڳواڻ روشن برهماڻي ڳالهائيندي چيو تہ "اسان ڊاڪٽر ڏاريجو سان گهڻ ڪچهريون ڪيون سنڌس ڪتاب پڙهيا آهن. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو جي نالي ماحولياتي سينٽر قائم ڪيو وڃي صداقت سمون چيو تہ "مان ڊاڪٽر ڏاريجو سائين ڪيترين ئي ڪچهريون ڪيون جيڪي رڪارڊ تي آهن آخري انٽرويوءَ ۾ هن چيو هو؛ صداقت، منهنجي مرڻ ڪانپوءِ لکجانءِ تہ مان سنڌو لاءِ روئندو هئس؛ اڄ مان روئي رهيو آهيان صحافيءَ جو قلم ٿي سنڌس علم آهي ۽ حاڪم چانڊيو سان گڏ آهيان هي واحد ماڻهو آهي جنهن ڪڏهن پئسا نہ گهريا، رڳو چيائين؛ 'ٻوٽا پوکيو' پروفيسر محمد جڙيل سانگي ڳالهائيندي چيو تہ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو اهو سُجاڻ شخص هو جنهن وڻ مان واٽ ڪڍي ڏيکاري پر اسان سنڌس ان واٽ تي نہ هلياسين هاڻي وڻ اسان کي ڳڙڪائي رهي آهي سماجي تنظيم ايرڊ زون جي اڳواڻ پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو جي پٽ زاهد مرتضيٰ ڏاريجو ڳالهائيندي چيو تہ بابا سائنس جي علمن ۾ وڏو ڪم ڪيو ۽ پنهنجون تحريرون سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي سنڌي ٻوليءَ ۽ سائنسي علم کي شاهوڪار بڻايو سنڌ سائنس سوسائٽي جي عمارت ۽ اداري کي خودمختياري ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪيو جنهن ۾ سائنس صحافي حاڪم چانڊيو بہ سهڪاري رهيو ۽ حاڪم چانڊيو سنڌس مشن تي هلي پيو پاڻ جاڳي ٿو ۽ اسان کي جاڳائي ٿو ٻنهي جو مقصد هڪ سائي سنڌ، سهڻي سنڌ خوشحال سنڌ آهي اچو تہ ٻنهي جي مشن کي ڪامياب ڪريون نوجوان ليکڪ انجنيئر لطيف گاد پنهنجي تقرير ۽ تحرير پيش ڪندي چيو تہ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو ۽ منهنجي خاندان جو هڪ شهر لاڙڪاڻي سان تعلق رهڻ ڪري پراڻو تعلق آهي ڏک سک ۾ ڏک رهيا آهيون ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو ٻاراڻي رهي کان ڪتابن جي دنيا مان اسريو ۽ آخري گهڙي تائين لکڻ پڙهڻ سان ڪمپيوٽر ۽ سائنس جڙيل رهيو ڏک اهو آهي تہ هن عظيم انسان جي قابليت مان وسوارن فائدو نہ ورتو تقريب کي چانڊوکي ادبي سٿ جي اڳواڻ ۽ ليکڪ اسير امتياز محمد يوسف جويو ظفر مرتضيٰ ڏاريجو اڪبر لاشاري ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

ملامن جي پگهارن ۾ واڌ ڪري استادن سان بي چيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ اسان جو هي پرامن احتجاج ڪراچي سي ايم هائوس طرف ويندو

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

جي معاشي زندگي جو اهم سهارو آهي سڄي سال جو گذر سفر هن فصل سان وابستہ هوندو آهي پر پاڻي جي غير منصفاڻي ورچ ۽ هٽرادو ڪوٽ سبب آبادگار سخت پريشان آهن اڳواڻن چيو تہ حڪومت ۽ لاڳاپيل آبپاشي عملدار پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائين بي صورت ۾ ساريال جو فصل سخت متاثر ٿيندو ۽ آبادگارن کي ڪروڙين رپين جو نقصان برداشت ڪرڻو پوندو هنن وڌيڪ چيو تہ آبادگارن سان ٿيندڙ هي ناانصافي ۽ ظلم ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪيو ويندو هنن حڪومت سنڌ، آبپاشي کاتي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ سجاول ضلعي ۾ پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ فوري طور ختم ڪري مقرر حصي موجب پاڻي فراهم ڪيو وڃي تہ جيئن آبادگارن ۽ هارين کي وڏي معاشي نقصان کان بچائي سگهجي هنن خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن سجاول ضلعي کي ترت پاڻي فراهم نہ ڪيو ويو تہ آبادگار ۽ عوام احتجاجي تحريڪ هلائڻ ۽ ڌرڻا هڻڻ تي مجبور ٿي ويندا، جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي ٿيندي

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

ايس پي جيڪب آباد کي گذارش آهي تہ اسان جي احتجاج جو نوٽيس وٺي اوباش نوجوانن خلاف ڪاروائي ڪري انصاف فراهم ڪري اهڙي احتجاج کان پوءِ ايس ايس پي فيضان علي واقعي جو فوري طور نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او سول لائين کي حڪم جاري ڪيو تہ نينگر کي تنگ ڪندڙ اوباش نوجوانن خلاف فوري طور ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

ايندڙ قافلا رات ئي نڪرڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو سنڌياڻي ثقافتي گروپ طرفان سنڌ جي ڏاهي مفڪر کي سلامي ڏني ويندي ناميارى آرٽسٽ شيما ڪرماڻي پنهنجي فن وسيلي رسول بخش پليجو کي ڀيٽا پيش ڪندي ثقافتي رنگن، قومي گيتن ۽ آرٽ وسيلي دنيا جي مظلوم طبقن جي سگهاري آواز رسول بخش پليجو کي ڀيٽا پيش ڪئي ويندي ورسي جلسي عام ۾ سنڌ ۽ پاڪستان جي سياسي سماجي تنظيمن جا اڳواڻ اديب، دانشور وڪيل شاعر ليکڪ ۽ هر مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ شرڪت ڪندا. ورسي جلسي عام جي صدارت عوامي تحريڪ جو مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري ڪندو پختونخواہ ملي عوامي پارٽي جو سربراهہ ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جو صدر محمود خان اڇڪزئي، نيشنل پارٽي سربراهہ ۽ بلوچستان جو اڳوڻو وزير اعليٰ مالڪ بلوچ ، ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو سيڪريٽري جنرل امداد قاضي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو صدر سيد زين شاهہ عوامي جمهوري پارٽي جو صدر سراج سيال عوامي ورڪرز پارٽي جو صدر ايڊووڪيٽ اختر حسين، عوامي ورڪرز پارٽي (مارڪسٽ) جي وفاقي سيڪريٽري جنرل بخش ٿلهو سرائيڪستان قومي اتحاد جو سربراهہ خواجا غلام فريد ڪوريجا، پاڪستان سرائيڪي پارٽي جي چيئرپرسن نخبہ تاج لانگاهہ پختونخوا نيشنل عوامي پارٽي جو سربراهہ خوشحال خان ڪاڪڙ مزدور ڪسان پارٽي جو اڳواڻ تيمور رحمان سرائيڪي لوڪ سانجهہ اڳواڻ رئوف ڪلاسرا حقوق خلق پارٽي جو اڳواڻ فاروق طارق، پاڻي ماهر ڊاڪٽر حسن عباس، عوامي تحريڪ جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ساجد حسين مهيسر مرڪزي سينيئر نائب صدر نور احمد ڪاتيار مرڪزي نائب صدر ستار رند، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمره سمون سنڌي هاري تحريڪ جو مرڪز صدر غلام مصطفيٰ چانڊيو عوامي تحريڪ جو مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي عبدالقادر راڄڙ لال جروار ماهنور ملاح ، ايڊووڪيٽ سرواڻ جتوئي ايڊووڪيٽ راحيل پنو سنڌي مزدور تحريڪ جو مرڪزي آرگنائيزر خالق گندرو سنڌي گرلس اسٽوڊنٽس تحريڪ جي مرڪزي صدر ڪائنات هاليپوٽو سنڌي شاگرد تحريڪ جو مرڪزي آرگنائيزر اعزاز گائينچو سجاڳ ٻار تحريڪ جو مرڪزي آرگنائيزر سرمد سائينداد خاصخيلي سرور باري، شاهہ محمد مري، ناميارو اديب جامي چانڊيو ناليوارو ليکڪ ۽ محقق نصير ميمڻ ناليوارو صحافي وسعت الله خان نظير لغاري، عابده لغاري، دودو چانڊيو 4 مارچ جي شاگرد جدوجهد جو سورمو ۽ ناميارو قانوندان مسعود نوراني شهاب اوسٽو سماجي اڳواڻ خدا ڏنو شاهہ ايڊووڪيٽ ڪاظم حسين مهيسر ايڊووڪيٽ ابيرا اشفاق ايڊووڪيٽ اسرار چانگ ، شاهہ مير مري، سرور باري، فرزانہ باري، انيس هارون دستگير ڀٽي حامد ميين حسن عباس ۽ علي احمد ڪرد سميت مختلف سياسي سماجي اڳواڻ ۽ ادبي شخصيتون شرڪت ڪنديون

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

رسول بخش پليجو صاحب تحريڪ جدوجهد جو نالو هو رسول بخش پليجو صاحب سنڌ جي سياست ۽ مزاحمت جي علامت هو ڪالاباغ ڊيم جي خلاف سنڌ سميت بلوچستان پختونخوا سرائيڪي پٽي ۽ پنجاب جي ترقي پسند ماڻهن کي متحد ڪيو ضياءَ جي آمريت خلاف ايم آر ڊي تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جمهوريت جي بحالي لاءِ عورتن سميت سنڌ جي عوام کي منظم ڪيواشرف پليجي چيو تہ رسول بخش پليجي درياهہ تي ڏاڙي، پاڻي غير قانوني پرڏيهين، مهاجر صوبي، ون يونٽ، زمينن جي نيلامي، عالمي طاقتن جي ايجنٽ ايم ڪيو ايم پيپلز پارٽي جي ڪرپشن، ڪالاباغ ڊيم خلاف بي مثال تاريخي تحريڪون هلائي لازوال ڪاميابيون حاصل ڪيون. اشرف پليجي چيو تہ رسول بخش پليجي ڪشمور کان ڪارونجهر تائين ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر وڃي عورتن، هارين، مزدورن ،شاگردن ٻارن کي بيدار ڪري سنڌ ۽ مظلوم عوام جي حقن لاءِ شاندار جدوجهدن ڪيون.

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

جوابدار عمير پٽي کي گرفتار ڪيو ويو آهي پوليس موجب ٻنهي ڀينرن جي اغوا جو ڪيس لڳ ڀڳ ڏهہ ڏينهن اڳ سنڌن والد نصير پٽي جي فرياد تي وومين ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو هو ايف آءِ آر موجب ٻنهي نياڻين جي شادي 29 مارچ 2026ع تي طئي ٿيل هئي جڏهن تہ 24 مارچ تي هو تياري لاءِ بيوٽي پارلر وڃڻ دوران بستان مان اغوا ٿي ويون پوليس جديد جاچ ۽ ڳجهي اطلاع تي ڪراچي جي علائقي لالو کيٽ ۾ ڇاپو هڻي ٻنهي ڀينرن کي بازياب ڪرائي ورتو ۽ ڪيس ۾ نامزد هڪ جوابدار عمير پٽي کي گرفتار ڪيو ويو بازيابي ڪانپوءِ ٻنهي ڀينرن کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جتي عدالت سنڌن بيان ريڪارڊ ڪرڻ، تحفظ ۽ وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ ٻن ڏينهن تائين سيف هائوس منتقل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيس ٻئي طرف عدالت گرفتار جوابدار عمير پٽي کي ٻن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي تہ جيئن واقعي بابت وڌيڪ جاچ مڪمل ڪري سگهجي. پوليس موجب ڪيس ۾ نامزد ٻين جوابدارن رفيق پٽي ۽ تنجيل پٽي جي گرفتاري لاءِ ڪارروايون جاري آهن ۽ ڪين جلد قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

آهن پر ڪافي پڇا ڳولا ڪرڻ جي باوجود ملي ناهي سگهيو هن چيو تہ والد گهرو معاملن تان ڪاوڙجي نڪتو جنهن بعد واپس ناهي آيو هن پوليس اختيارين کان گهر ڪئي تہ والد جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

ڪجهہ غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي چوريون ڪندو هو جنهن جا ڪيترائي پيرا هن پاڻ پنهنجي ڪيسي مان هرجاڻا ڀري ڏنا هئا تہ جيئن معاملو وڌي نہ سگهي، هن ٻڌايو تہ پاڻتي جي اهڙين حرڪتن کان تنگ اچي ڪجهہ سال اڳ هن نٽون ڳوٺ ٿاڻي تي سنڌس خلاف اين سي پڻ داخل ڪرائي هئي، جنهن بعد نديم هتان لڏي ڪنڊڪوٽ هليو ويو ۽ اتي رميش نالي اوڏ سان گڏ رهڻ لڳو ضمير اوڏ وڌيڪ انڪشاف ڪندي چيو تہ ڪنڊڪوٽ مان ئي رميش جي ڪنهن پاڻتي کي اغوا يا غائب ڪيو ويو آهي، جنهن جا وارث شڪ جي بنياد تي هتي اسان وٽ نٽون ڳوٺ آيا هئا، هن چيو تہ مون وارثن جي آڏو پاڪ ڪلام قرآن شريف تي صفائي ڏيندي واضح ڪيو آهي تہ اسان جو ان معاملي سان ڪو بہ تعلق ناهي، نديم کي رميش پاڻ لڪايو آهي ۽ ان کي ئي سڄي حقيقت جي خبر آهي متاثر خاندان وس وارن کان گهر ڪئي آهي تہ معاملي جي شفاف جاچ ڪري ڪين بيگناهہ تنگ ڪرڻ بند ڪيو وڃي ۽ اصل جوابدارن کي سامهون آڻي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

۽ ثمراڻي برادري پاران شهر سخت احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي ۽ شهرين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو بعد ۾ ڪنب پوليس موقعي تي پهچي ڌرڻو ختم ڪرايو ۽ حالت کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.جهيڙي سبب شهر جو ماحول جنگي ميدان جو منظر پيش ڪندو رهيو جڏهن تہ ڪاروباري مرڪز بند ٿيڻ سبب شهرين ۾ شديد خوف ۽ هراس پکڙجي ويوٻي طرف شهرين ۽ سماجي اڳواڻن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ واقعي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مستقبل ۾ اهڙن ناخوشگوار واقعن جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

راڄ واهہ ڪيترن ئي ڏينهن کان اوچتو آبپاشيءَ کاتي پاران پاڻي بند ڪرڻ سبب ۽ چار واهہ ڪڙيو واهہ ، امام واهہ ۽ پاڻي گهٽ هجڻ ڪري پاڻي واهڻ جي پوڇڙي تائين پهچي ناهي سگهيو جنهن سبب سارين جو بيچارو پوکجي ناهي سگهيو ۽ نہ ئي چڻ ٿي سگهي آهي جڏهن هزارين ايڪڙن تي پوکيل سارين جي فصل سميت ڪمند جوئر جنتر مڪائي جو فصل سوڪهڙي جو شڪار ٿي ويو آهي جڏهن تہ لاڙ جي سڀ کان وڌيڪ ايٽ ڏيندڙ ساريالو فصل جي پوکائي سخت متاثر ٿي رهي آهي جنهن سبب آبادگارن هارين ۾ مايوسي جي لهر ڇانئيل آهي انهيءَ سلسليءِ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي محمد هارون شيخ ابو بڪر ڪچي محمد عمر نوحاڻي ۽ ٻين پاڻيءَ جي هٽرادو ڪوٽ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي تہ لاڙ جي غريب عوام کي هٿ وٺي سنڌن معاشي قتل عام ڪيو پيو وڃي جڏهن تہ خريف جي مند شروع ٿي وئي آهي پر هتي جي واهڻ شاخن۾ پاڻي ناهي هڪ تہ مهانگائي جو عذاب آهي تيل قيمتن۾ اضافي سبب في ايڪڙ سارين جي پوکائي ٿي ڊبل خرچ اچي رهيو آهي جڏهن تہ وقت سر پاڻي نہ ڏئي زراعت کي هٿ سان تباهہ ڪيو پيو وڃي هنن مطالبو ڪيو تہ جلد کان جلد لاڙ پٽيءَ کي پاڻي ڏنو وڃي ۽ آبپاشيءَ کاتو سنڌ جي پوڇڙ جي لاڙ پٽيءَ تائين پاڻيءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري.ٻئي طرف آبادگارن هارين محمد ابراهيم شاهد علي نوحاڻي اصغر خاصخيلي ميهار نوحاڻي ظهير احمد ٽومڙيو مختيار علي مگنهار شمن علي مگنهار شاهو ڪولهي ڪانجي ڪولهي ۽ ٻين چيو تہ آبپاشيءَ کاتي جي انتظامي لاپرواهيءَ سبب هڪڙي شاخن ڏاردڪو شاخ راڄ واهہ ڪجهہ ڏينهن پاڻيءَ ڇڏڻ بعد وري بند ڪيو ويو آهي جنهن سبب نہ سارين جو بيچارو پوکجي سگهيو آهي ۽ پوکيل فصل سوڪهڙي جو شڪار آهي جڏهن تہ چار واهہ ڪڙيو واهہ امام واهہ جي پوڇڙي ۾ پاڻي نہ پهچي رهيو آهي جنهن سبب پوڇڙي وارن علائقن۾سارين جي پوکائي متاثر ٿيڻ سان گڏ پوکيل فصل پاڻي نہ ملڻ ڪري سوڪهڙي جو شڪار آهي جڏهن تہ هارين ۽ آبادگارن سنڌ حڪومت ۽ صوبائي وزير وزير آبپاشيءَ کان مطالبو ڪيو آهي لاڙ پٽيءِ۾پاڻيءَ جي هٽرادو ڪوٽ جو سخت نوٽيس ورتو وڃي ۽ فوري طور تي سمورن واهڻ شاخن جي پوڇڙ تائين پاڻي پهچايو وڃي هارين ۽ آبادگارن جو مهانگائي اڳهرڻي جٺين جنجال ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ وقت سر پاڻي نہ ملڻ جي صورتحرلاڙ پٽيءِ چانورن جي پيداوار متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي پاڻي پهچائي لکين هارين آبادگارن مان مايوسي ختم ڪئي وڃي

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ راڻيپور پوليس منشيات خلاف آپريشن ڪيو فائرنگ ۾ هڪ پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويو پوليس منشيات وارن جا گهر تہ ڊاٿا پر منشيات خلاف ڪميلين وارن جا گهر ڊاهي پٽ ڪيا راڻيپور پوليس اسان جي گهرن مان ڦرلٽ ڪري 50 تولا سون 150 کان وڌيڪ جانور لکين رپيا ڪيش 300 بورين ڪڻڪ 50 بورين سارين ۽ گهرن ۾ پيل قيمتي سامان ڪٽي ٽريڪٽرن کي باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيو ۽ پندرهن کان وڌيڪ گهرن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو ۽ ٻين گهرن مان ڦرلٽ ڪري ڪيميڪل هاري ساڙي ڇڏيو اسان جي معصومن جي مٿان هن وقت ڇت ناهي هن سخت گرمي ۾ وڻن هيٺان زندگي بسر ڪري رهيا آهيون پوليس منشيات فروشن کي گرفتار ڪري نہ سگهي آهي ۽ نہ انهن جا گهر ڊاٿا آهن پر پوليس بيگناهہ ڳوٺاڻن جو سامان ڪٽي گهر ڊاهي ڇڏيا آهن اسين چيف جسٽس پاڪستان وزير اعليٰ سنڌ گهرووزير کان مطالبو ڪيون ٿا تہ جوڊيشل انڪوائري ڪاميٽي مقرر ڪئي وڃي بي گناهہ ماڻهن جي ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي بي صورت ۾ اسان شريف ڳوٺاڻا ايس ايس پي خيرپور آڏو سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

بروهي ۽ دوست محمد پٽ محمد ابراهيم بروهي کي مبينہ مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي پوليس پاران جاري ڪيل بيان ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي پوليس معمول موجب گشت دوران مَل ڦاٽڪ طرف وڃي رهي هئي تہ ڏوهہ جي ارادي سان بيٺل نياز احمد، دوست محمد، عرفان سونو بروهي سميت 8 جوابدارن پوليس مٿان فائرنگ شروع ڪري ڏني ۽ پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ بہ جوابدار نياز بروهي ۽ دوست محمد بروهي زخمي ٿي ڪري جڏهن تہ سنڌن ساٿي موقعي تان فرار ٿي ويا جنهن بعد پوليس عملدارن ٻنهي زخمي جوابدارن کي گرفتار ڪري سول اسپتال ڪٺائي پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمين کي طبي امداد ڏني وئي هوڏانهن گرفتار ٻنهي جوابدارن مٿان حد جي صدر ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو واضع رهي تہ گرفتار جوابدارن مٿان صدر سول لائين سميت مختلف ٿاڻن تي اڳ بہ ڪيس داخل ٿيل آهن

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

نوجوان وزير علي لاشاري قتل ۽ علي رضا هيسباڻي زخمي، مقتول نوجوان وزير لاشاري راڌڻ جي پرسان ڳوٺ علي حسن لاشاري جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي جيڪو پنهنجي مامي شهزادو هيسباڻي وٽان پرڻيل هو، ساهرن سان گڏ ڳوٺ مڏباهو ۾ رهندو هو باقراڻي ٿاڻي اين سي داخل جوابدار گهر خالي ڪري فران ڪابہ گرفتاري عمل ۾ نہ آئي رپورٽ موجب ؛ باقراڻي ٿاڻي جي حد ڳوٺ مڏباهو ۾ معمولي ڳالهه تان هيسباڻي ۽ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ڌنڌن لٺين ۽ خنجر جو سرعام استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ هيسباڻي برداري ڌرجو 25 ورهين جو نوجوان وزير علي ولد صوبدار لاشاري ۽ علي رضا هيسباڻي خنجر لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ وارث ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي ڪٺائي ويا جتي نوجوان وزير لاشاري جي حالت نازڪ هئڻ سبب ڊاڪٽرن علاج لاءِ ڪراچي ريفر ڪيس جيڪو ڪراچي نهندي رستي ۾ زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويوهوڏانهن اهڙي واقعي جو اطلاع ملڻ بعد حد جي ٿاڻي باقراڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي واقعي بابت تفصيل معلوم ڪيا ۽ مقتول نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ڏوڪري اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن تہ مقتول نوجوان وزير لاشاري بابت ٻڌايو پيو وڃي تہ هو راڌڻ جي پرسان ڳوٺ علي حسن لاشاري جو رهواسي آهي جيڪو پنهنجي مامي شهزادو هيسباڻي وٽان پرڻيل هو پنهنجي ساهرن سان گڏ رهندو هو اهڙي واقعي جي اين سي باقراڻي ٿاڻي تي جوابدار سرفراز چانڊيو ۽ ٻين جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي جوابدار گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا آهن ڪابہ گرفتاري عمل ۾ نہ آئي آهي هوڏانهن ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي علي رضا هيسباڻي ٻڌايو تہ معمولي ڳالهه تان سرفراز چانڊيو ۽ ٻين جوابدارن گهر تي حملو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ مان ۽ منهنجو ڀڻيٽ وزير علي لاشاري سخت زخمي ٿي پيا، بعد ۾ ڀڻيٽ وزير علي لاشاري زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو آهي هوڏانهن ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ باقراڻي پوليس ٻڌايو تہ معمولي ڳالهه تان هيسباڻي ۽ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيس جنهن ۾ هيسباڻي ڌرجو 25 ورهين جو نوجوان وزير علي ولد صوبدار لاشاري ۽ علي رضا هيسباڻي خنجر لڳڻ سبب قتل ٿي ويو آهي اهڙي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ڏوڪري اسپتال ڪٺائي وئي، پوليس مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپو هنيو ويو پوليس جي پهچڻ کان اڳ جوابدارن گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا هئا.

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

تاريخي تقريب ڪوٺائي وئي تقريب جو سرو هو اسان جي زمين اسان جو مستقبل تقريب جي صدارت سنڌ جي ناميار ڏاهي اديب پروفيسر آدم ٻٽ ڪئي مهمان خاص سنڌ يونيورسٽيءَ جا اڳوڻا استاد ۽ ناليوارا براڊ ڪاسٽر پروفيسر ڊاڪٽر محمود مغل هئا اعزازي مهمانن ۾ فهيم نوناري، پرڏيهي مهمان اسٽيفان سماجي ڪارڪن ۽ پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو جي نياڻي رابيل ڏاريجو ماحول دوست ۽ وڻن جو دوست حاڪم چانڊيو هئا. تقريب ۾ ماحول جي بهتريءَ لاءِ ڪم ڪندڙ مختلف شخصيتن استادن اديبن شاگردن صحافين توڙي سماجي ڌرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ تازو ئي وفات ڪري ويل ناليواري سائنسدان پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو کي سائنسي، علمي ۽ ماحول دوست خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪئي وئي جڏهن تہ وڻ دوست ۽ ماحول دوست صحافي حاڪم چانڊيو کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي پروفيسر آدم ٻٽ چيو تہ "اڄ اسان 5 جون تي ماحوليات جي بچاءَ جو عالمي ڏهاڙو ملهائي رهيا آهيون پر اسان جو هڪ محسن اڄ اسان ۾ نہ آهي ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو رڳو سائنسدان نہ هو هو سنڌ جو 'ماحولياتي وڪيل' هو هن 30 سال سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سائنسي علم پڙهائي ثابت ڪيو تہ سائنس جي علم کان سواءِ سنڌ جي ترقي ممڪن نہ آهي سنڌس مشن کي پورو ڪرڻ لاءِ اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ڏاريجي صاحب کي خراج ٿا پيش ڪيون ٻيو اسان جي وچ ۾ حاڪم چانڊيو ويٺو آهي هي ڪو سياستدان ڪامورو نہ آهي تنهن هوندي بہ اڪيلي سر وڻ پوکي رهيو آهي "مهمان خاص پروفيسر ڊاڪٽر محمود مغل ڳالهائيندي چيو "مان پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو منهنجو وڏو ۽ ڪليگ رهيو سنڌس لکيل 60 کان وڌيڪ سائنسي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي وڏو اثاثو آهن اڄ ڏيلٽا مري رهيو ۽ اسان ڊاڪٽر کي قبر ۾ سمهاري ڇڏيو سنڌس مشن اڌورو آهي اسان کي گهرجي تہ اهو مشن پورو ڪريون ٻيو تہ حاڪم چانڊيو کي ڏسو ماحول کي بچائڻ لاءِ پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو جي نقش قدم تي هلي رهيو آهي فهيم نوناري ڳالهائيندي چيو تہ "ڄامشورو 5 يونيورسٽين جو شهر آهي ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو نہ رڳو انهن يونيورسٽين جو پر سنڌ جو فخر هو هن اسان کي سيکاريو تہ سائنس رڳو ليب ۾ نہ درياءَ جي ڪپ تي ٿئي ٿي' افسوس جو سنڌس تجويزن تي عمل نہ ٿيو اڄ جيڪڏهن اسان سنڌس ڳالهہ ٻڌي ها تہ ڏيلٽا آباد هجي ها ۽ حاڪم چانڊيو هي اسان سڀني لاءِ آئينو آهي اسان AC۾ ويهي ماحول تي ليڪچر ڏيون ٿا، هي 45° C ۾ وڻ لڳائي ٿو مان اعلان ٿو ڪريان تہ حاڪم چانڊيو سان گڏ وڏ کان وڏ وڻ لڳايا ويندا " سماجي ڪارڪن ۽ پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو جي نياڻي رابيل مرتضيٰ ڏاريجو ڳالهائيندي چيو تہ "مان ڊاڪٽر علي مرتضيٰ جي ڌيءَ هجڻ سان گڏ ان جي شاگرديائي رهي آهيان سر چوندو هو؛ ڀيٽ، ڊگريءَ سان گڏ ذميواري بہ کڻ' بابا اسان کي فيلڊ ۾ وٺي ويندو هو ماحوليات عورتن جو بہ مسئلو آهي' پر اڄ هو هن قسم جي تقريب ۾ ناهن حاڪم چانڊيو پاران وڻ پوکڻ جي ڪري اسان جي علائقي جو گرمي پد گهٽجڻ جي اميد آهي صحافي حاڪم چانڊيو ڳالهائيندي چيو تہ تقرير نہ ٿو ڄاڻان. مان رڳو ايترو ڄاڻان ٿو تہ وڻ ٿڌڪاءُ ڏئي ٿو ميوو ڏئي ٿو آڪسيجن ڏئي ٿو ڊاڪٽر ڏاريجو صاحب وڏو ماڻهو هو هو قلم ذريعي پنهنجين تحريرن ذريعي وڙهيو جيستائين ساهہ آهي وڻ لڳائيندو رهندس سائنسي ناول لکندس جيڪو ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو جي جنم ڏينهن 2 سيپٽمبر 2026 تي شايع ڪيو ويندو سنڌ جي ملازمن جي تنظيم سيوا جي صدر ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ سنڌ يونيورسٽي ڪالوني جي سيڪريٽري محمد علي گهانگهرو ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو سنڌ يونيورسٽي جو استاد ۽ آئون ملازم هجڻ ڪري ويجهو تعلق رهيو ڊاڪٽر سچو ماڻهو هو اسان جا حڪمران ڪوڙا آهن جن سنڌس ڪم جو قدر نہ ڪيو هن چيو تہ سيوا حاڪم چانڊيو کي 'ماحول جو مجاهد' جو لقب ڏئي ٿي" سماجي اڳواڻ روشن برهماڻي ڳالهائيندي چيو تہ "اسان ڊاڪٽر ڏاريجو سان گهڻ ڪچهريون ڪيون سنڌس ڪتاب پڙهيا آهن. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو جي نالي ماحولياتي سينٽر قائم ڪيو وڃي صداقت سمون چيو تہ "مان ڊاڪٽر ڏاريجو سائين ڪيترين ئي ڪچهريون ڪيون جيڪي رڪارڊ تي آهن آخري انٽرويوءَ ۾ هن چيو هو؛ صداقت، منهنجي مرڻ ڪانپوءِ لکجانءِ تہ مان سنڌو لاءِ روئندو هئس؛ اڄ مان روئي رهيو آهيان صحافيءَ جو قلم ٿي سنڌس علم آهي ۽ حاڪم چانڊيو سان گڏ آهيان هي واحد ماڻهو آهي جنهن ڪڏهن پئسا نہ گهريا، رڳو چيائين؛ 'ٻوٽا پوکيو' پروفيسر محمد جڙيل سانگي ڳالهائيندي چيو تہ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو اهو سُجاڻ شخص هو جنهن وڻ مان واٽ ڪڍي ڏيکاري پر اسان سنڌس ان واٽ تي نہ هلياسين هاڻي وڻ اسان کي ڳڙڪائي رهي آهي سماجي تنظيم ايرڊ زون جي اڳواڻ پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو جي پٽ زاهد مرتضيٰ ڏاريجو ڳالهائيندي چيو تہ بابا سائنس جي علمن ۾ وڏو ڪم ڪيو ۽ پنهنجون تحريرون سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي سنڌي ٻوليءَ ۽ سائنسي علم کي شاهوڪار بڻايو سنڌ سائنس سوسائٽي جي عمارت ۽ اداري کي خودمختياري ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪيو جنهن ۾ سائنس صحافي حاڪم چانڊيو بہ سهڪاري رهيو ۽ حاڪم چانڊيو سنڌس مشن تي هلي پيو پاڻ جاڳي ٿو ۽ اسان کي جاڳائي ٿو ٻنهي جو مقصد هڪ سائي سنڌ، سهڻي سنڌ خوشحال سنڌ آهي اچو تہ ٻنهي جي مشن کي ڪامياب ڪريون نوجوان ليکڪ انجنيئر لطيف گاد پنهنجي تقرير ۽ تحرير پيش ڪندي چيو تہ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو ۽ منهنجي خاندان جو هڪ شهر لاڙڪاڻي سان تعلق رهڻ ڪري پراڻو تعلق آهي ڏک سک ۾ ڏک رهيا آهيون ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو ٻاراڻي رهي کان ڪتابن جي دنيا مان اسريو ۽ آخري گهڙي تائين لکڻ پڙهڻ سان ڪمپيوٽر ۽ سائنس جڙيل رهيو ڏک اهو آهي تہ هن عظيم انسان جي قابليت مان وسوارن فائدو نہ ورتو تقريب کي چانڊوکي ادبي سٿ جي اڳواڻ ۽ ليکڪ اسير امتياز محمد يوسف جويو ظفر مرتضيٰ ڏاريجو اڪبر لاشاري ۽ ٻين خطاب ڪيو

SINDH INSTITUTE OF PHYSICAL MEDICINE & REHABILITATION

Admission POSTGRADUATE July 2026

Physical Medicine & Rehabilitation (PMR)

FCPS-II (Fellowship from CPSP, Pakistan)

- Certificate of Passing FCPS part-I in General Medicine or General Surgery
- MBBS Degree +1 year House Job
- Valid PMC / PMDC Registration

Last date for submission of application form is

Saturday, 20th June 2026

Interviews will be conducted on

Wednesday, 24th June 2026

For further queries contact on
Email: pg@sipmr.edu.pk,
postgraduate@sipmr.edu.pk
Phone +92-21-99216213-14.

What makes PM&R stand out?

A Physical Medicine & Rehabilitation (PMR) physician (physiatrist) specializes in a broad range of multidisciplinary rehabilitation services. Rehabilitation medicine training includes musculoskeletal, neurological, pediatric, amputee, cardiopulmonary, autism, interventional rehabilitation (pain management, spasticity management), nerve conduction studies, and electromyography.

Department of
PostGraduate Studies, SIPM&R

Domiciles of all Provinces

Application form can be downloaded from website: **www.sipmr.edu.pk** & must be submitted at Department of Postgraduate Studies Additional Executive Director Office along with all required documents of eligibility & pay order of Rs. 3000/- only in favor of Fees Collection SIPMR, National Bank of Pakistan, Income Tax Building Branch, Karachi.

Candidates in Government service should apply through proper channel with an advance copy, to Administration, SIPM&R with NOC from Govt. of Sindh.

No TA/DA will be paid neither accommodation will be provided to any candidate.

INF-KRY/2281/26

باقراڻي لڳ هيسباڻي ۽ چانڊيا برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، نوجوان قتل، هڪ زخمي

ڳوٺ مڏباهو ۾ معمولي ڳالهه تان ٿيل جهيڙي ۾ لٺين، ڏنڊن ۽ خنجرن جو آزادانه استعمال

هيسباڻي ڌر جو وزير علي لاشاري قتل ۽ علي رضا هيسباڻي زخمي ٿيو، نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل

مقتول جي وارثن پاران قتل جو ڪيس داخل، جوابدار فرار، پوليس پاران ڇاپا هڻڻ جو سلسلو جاري

باقراڻي (رپورٽ: خدا بخش ابڙو) باقراڻي لڳ ڳوٺ مڏباهو ۾ معمولي ڳالهه تان هيسباڻي ۽ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ڏنڊن لٺين ۽ خنجر جو سرعام استعمال هيسباڻي ڌر جو 25 ورهين جو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

راڻيپور: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

خيرپور ۾ زهر پيئڻ خودڪشي جي ڪوشش ڪندڙ نوجوان فوت

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ زهر پيئندڙ نوجوان ب دم ڏئي ڇڏيو خيرپور جي واپڊا ڪالوني ۾ نوجوان زال مڙس پاران زهر پي آپگهات جي ڪوشش ڪندڙ نوجوان جاويد چانڊيو ب فوت ٿي ويو ياد رهي ته گذريل ڏينهن شام جو نوجوان جوڙي هڪ ٻئي سان ناراض ٿي عورت خالده چانڊيو ۽ سندس مڙس وحيد چانڊيو زهر پي ڇڏيو جنهن ۾

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٿٽون ڳوٺ: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

ڪمال ديرو ۽ پرپاسي ارڙي بيماري، معصوم نينگر فوت، ڪيترائي مبتلا

ڳوٺ پريل سرگاڻي ۾ 8 مهينن جو نينگر تعمور سرگاڻي فوت ٿي ويو

ڪيترائي ٻارڙا موذي مرض ۾ ورڪوڙيل آهن، صحت کاتو ٽيم موڪلي: رهواسي

ڪمال ديرو(ن ع) ڪمالديرو پرسان ڳوٺ پريل سرگاڻي ۾ ارڙي وبا جي صورت اختيار ڪري ورتي پوري علائقي ۾ پکڙجي وئي ارڙي جي وبا ۾ 8 مهينن جو نينگر تعمور سرگاڻي فوت فوتي نينگر جي وارثن موجب معصوم ٻار کي وقت سر ارڙي جا حفاظتي ٽڪا نه لڳڻ سبب ٻار فوت ٿيو مختلف هنڌن تان پڻ علاج به ڪرايو ويو پر هو صحتياب نه ٿي سگهيو ڳوٺاڻن موجب هن وقت ڳوٺ پريل سرگاڻي ۾ ڪيترائي ٻار ارڙي جي وبا ۾ مبتلا آهن سنڌ جي صحت واري وزير سيڪريٽري صحت ۽ ڊي ايڇ او نوشهروفيروز فل فور نوٽيس وٺي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ بدامني خلاف شهرين ۽ سجاڳ ڌرين جو احتجاجي مظاهرو، ڊي ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو

جسقم جي تي مختلف تنظيمن پاران ڏمال چوڪ کان ڊي ايس پي آفيس تائين ريلي ڪڍي وئي

وڏي وزير جي چوڻ تڪ بدامني عروج تي آهي جنهن عوام جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون آهن: اڳواڻ

اڳواڻن پاران ڦر ٿيل مال واپس نه ٿيڻ جي صورت ۾ عاشوره بعد احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ جو اعلان

سيوهڻ(رپورٽ: اعجاز سولنگي) سيوهڻ ۾ وڌندڙ بدامني جي لهر خلاف جسقم بشير خان گروپ جي اعلائيل سڏ تي مختلف سياسي سماجي تنظيمن پاران ڪالهه ڏمال چوڪ کان ڊي ايس پي آفيس تائين

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو لڳ ڏهن سالن جي نياڻي کي نانگ ڪکڻ سبب فوت

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو لڳ ملڪاڻي شريف جي رهواسڻ ڏهن سالن جي نياڻي چانڊني ڪولهي کي نانگ ڏنگي وڌو ملڪاڻي شريف سرڪاري اسپتال ۾ نانگ جي ويڪسين نه هجڻ ڪري وارث موٽرسائيڪل تي جهڏي کڻي ويا پر ڊاڪٽرن جي علاج تائين معصوم نياڻي ن

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي: زخمي نوجوان کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

خيرپور واسڻ جو وارث عورتن سان گڏجي پوليس اهلڪار خلاف احتجاج

اي ايس آءِ دوستي نه رکڻ تان ڀاڻين تي ايف آءِ آر داخل ڪرايو آهي: عليشا لنڊ

نوٽيس وٺي ڪوڙا ڪيس ختم ڪري خاندان کي جاني ۽ مالي تحفظ فراهم ڪيو

خيرپور(ڊ ر)ٻي سيڪشن ٿاڻي جي حد ناراڻي ڊکڻ لقمان جي رهواسڻ مسمات عليشا لنڊ پنهنجي ڀينرن مسمات نادره خاتون بشيران خاتون ڀاڄائي سينا خاتون ۽ والد مير خان لنڊ سان گڏ خيرپور پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته گذريل ڪن مهينن کان اي ايس آءِ يوسف ناريجو ساڻس دوستي قائم رکڻ لاءِ مسلسل هراسان ڪندو رهيو آهي ۽ انڪار ڪرڻ تي سندس خاندان خلاف انتقامي ڪاروائين تي لهي آيو آهي مسمات عليشا لنڊ صحافين کي ٻڌايو ته اي ايس آءِ يوسف ناريجي سندس والده ليلان خاتون لنڊ خلاف منشيات جو ڪوڙو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

بٺوري ۾ موبائيل شاپ تان نينگرين چارجنگ ڪيبل وٺڻ بهاني لکين رپيا کڻي فرار

مين بس اسٽاپ ويجهو دڪان تان نينگرين دڪاندار کي ورغلا ساڍا 4 لک رپيا کڻي ويون

پوليس پاران سي سي ٽي وي فوٽيج هٿ، جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ جلد گرفتاري جو دعويٰ

ميرپوربٺورو (ن ع) ميرپوربٺورو ۾ چوري جي انوکي واردات، موبائيل شاپ تان چارجنگ ڪيبل خريد ڪرڻ لاءِ آيل نينگرين دڪان مان ساڍا چار لک رپيا چوري ڪري ويون ،دڪاندار جا مٽي تي هٿ اچي ويا،اطلاع تي ايس ايڇ او پهچي تفصيل معلوم ڪرڻ بعد ٿيل واردات جي جاچ شروع ڪري ڇڏي، پوليس واردات ۾ ملوث ڇوڪرين ۽ ملوث سهولتڪارن جا سي سي فوٽيج هٿ ڪري ورتا خبر موجب ميرپور بٺورو جي مين بس اسٽاپ ۽ سول ڪورٽ جي سامهون قائم اويس ڪميونيڪيشن تان ڏينهن ڏٺي جو خريداري

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ۾ بدامني تي ضابطو نه آيو هٿياربندن ڳوٺاڻي کان 2 لک رپيا ڦري ويا، اين سي داخل

سيٺارجا(ن ع) سيٺارجا ۾ بدامني تي ضابطو نه آيو شهر جي گئس آفيس لڳ هٿياربندن پاران ڳوٺاڻي کان 2 لک رپيا ڦر واقعي جي اين سي داخل متاثر ڳوٺاڻي جو احتجاج تفصيلي خبر موجب سيٺارجا ٿاڻي جي حد ۾ بدامني تي سيٺارجا

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

باڊهر: سماجي رضاڪار تحريڪ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوباگو ۾ پرائمري استادن جو پگهارن ۾ واڌ سميت مطالبن لاءِ احتجاجي ريلي

100سيڪڙو اسڪيل ريوائز ميڊيڪل الائونس ۽ رٽائرڊ استادن جي پگهارن ۾ واڌ لاءِ نعريبازي

مطالبا منظور نه ٿيڻ تي ڪراچي سي ايم هائوس طرف مارچ ڪيو ويندو:مظاهرين

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو ۾ سوين پرائمري استادن پگهارن ۾ واڌ سميت ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ سڪندر علي پرڳڙي، جاني طفيل ميمڻ الطاف رستماڻي، فهيم پرڳڙي، ڪانتيش ڪمار لوهاڻا، واحد بخش رند، لياقت بلوچ ۽ ذوالفقار علي رند جي اڳواڻي ۾ مين پرائمري اسڪول مرحوم محمد صديق مسافر ٽنڊوباگو کان ريلي ڪڍي شهر جي مک بدر چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو آهي جتي استادن موجب پگهارن ۾ گهٽي مهانگائي سبب 100 سيڪڙو واڌ اسڪيل روائيز ڪري ميڊيڪل الائونس سميت سيني الائنس ۾ واڌ ڪندي رٽائرڊ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سجاول ۾ پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ خلاف جي يو آءِ جو احتجاجي مظاهرو

آبڪلياڻي جي اهم وقت ۾ ٻه وارا بندي ڪئي پئي وڃي: مظاهرين

پاڻي جي غير منصفاڻي ورڇ ختم ڪري مقرر حصي موجب فراهمي يقيني بڻايو وڃي

سجاول(ڊ ر) جمعيت علماء اسلام ضلعي سجاول جي اڳواڻن مولانا محمد صالح الحداد، حافظ فضل الله فياض، عبدالغني سومرو، مولانا عبدالقادر سومرو ۽ حنيف سومرو پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ سجاول ضلعي ۾ پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته آبڪلياڻي جي اهم وقت ۾ ٻه وارا بندي ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب ساريال جي فصل کي شديد نقصان پهچڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي هنن چيو ته سجاول ضلعي ۾ وڏي پئماني تي ساريال جو فصل پوکيو ويندو آهي، جيڪو هزارين آبادگارن ۽ هارين

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: جسقم اڳواڻ نياز ڪالاڻي پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

جيڪب آباد ۾ معصوم نينگر جو اوباش نوجوانن خلاف احتجاج، ايس ايس پي جو نوٽيس

جيڪب آباد سول لائين ٿاڻي چنا پاڙي جو رهواسي نينگر والد سان گڏ پريس ڪلب پهتو

اوباش نوجوانن تي جنسي تعلق ۽ قتل جون ڌمڪيون ڏئي هراسان ڪرڻ جا سنگين الزام

ايس ايس پي جو نوٽيس، ايس ايڇ او سول لائين کي فوري ڪارروائي جو حڪم

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي سول لائين ٿاڻي چنا پاڙي جي رهواسي معصوم نينگر عرفان علي پنهنجي والد سان گڏجي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي چيو ته منهنجي پاڙي جا رهواسي ڪجهه اوباش نوجوان مون کي جنسي تعلق رکڻ جو زور ڀري رهيا آهن ۽ منهنجي منع ڪرڻ تي هو مون کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيا آهن هن چيو ته منهنجي والد سميت اسان انهن کي ڪيترائي ڀيرا روڪيو پر هو مسلسل زبردستي ڪن ٿا ۽ ڌمڪيون ڏيندا رهن ٿا، هن چيو ته اسين انتهائي غريب آهيون ايس

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

عوامي تحريڪ سربراه رسول بخش پليجي جي اٺين ورسي جون تياريون مڪمل

هزارين ڪارڪنن جا قافلا اڄ جنگشاهي پهچي پنهنجي عظيم قائد کي ڀيٽا پيش ڪندا

رسول بخش پليجو جي ورسي تي آمريڪي سامراج، مهانگائي ۽ آئيني مسئلن خلاف وڏي جلسي عام جو اعلان

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) عوامي تحريڪ جي سربراه ۽ مظلوم قومن ۽ طبقن جي سگهاري آواز رسول بخش پليجي جي اٺين ورسي جون تياريون مڪمل آمريڪي سامراجي دهشتگردي، اناوهين آئيني ترميم عورتن جي قتلام ۽ مهانگائي خلاف ملڪگير جلسي عام ڪيو ويندو هزارين ماڻهن جي ويهڻ جو پنڊال تيار ڪيو ويو سموري سنڌ مان هزارين ڪارڪنن جا قافلا اڄ 7 جون تي جنگشاهي پهچي پنهنجي عظيم قائد ۽ سنڌي قوم جي رهبر کي ڀيٽا پيش ڪندا ڪشمور ڪنڌڪوٽ سميت مختلف علائقن کان

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

رسول بخش پليجو جي اٺين ورسي اڄ سڄي سنڌ ۾ ملهائي پئي وڃي

رسول بخش پليجو جي ورسي تي قومي عوامي تحريڪ جو وفد جنگشاهي پهچندو

مظهر راهوجو جي اڳواڻي ۾ مزار تي گلن جي چادر چاڙهي خراج عقيدت پيش ڪيو ويندو

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌ ۽ پاڪستان جي عظيم مفڪر تاريخدان اديب، دانشور ڏاهي سياستدان استاد رسول بخش پليجو جي اٺين ورسي (اڄ) سڄي سنڌ ملهائي ويندي جڏهن ته قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي وفد قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ منگر خان پليجو جنگشاهي پهچي رسول بخش پليجو جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ڪيس ڀيٽا پيش ڪئي ويندي قومي عوامي تحريڪ جي ترجمان اشرف پليجي چيو ته

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سامارو لڳ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان زخمي

بودرفارم ٿاڻي جي حد ۾ هٿياربندن عبدالستار کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو، نازڪ حالت ۾ حيدرآباد ريفر

سامارو(ن ع) سامارو ويجهو بودرفارم ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ ڪامل خان ڪلر ۾ زمين تي ڪم ڪندڙ 45 سالا عبدالستار پٽ سونهارو ڪلر کي جوابدارن گوليون هڻي زخمي ڪيو اطلاع تي پوليس ۽ وارثن پهچي نوجوان کي زخمي حالت ۾ تعلقه اسپتال سامارو پهچايو جتي ڳڻتي جوڳي حالت هئڻ ڪري حيدرآباد اسپتال ريفر ڪيو ويو وارثن موجب زخمي ستار پنهنجي ڪم ڪري رهيو هو ته جاويد ڪلر موٽرسائيڪل تي اچي گوليون هڻي مارڻ جي ڪوشش ڪئي جوابدارن سان سڱاوتي تڪرار هلندڙ آهي جنهن تان گوليون

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو لڳ ملاح ۽ جمالي برادري ۾ جهيڙو، 7 ڄڻا زخمي

عورتن کي اشارا ڪرڻ واري تڪرار تان ڌرين جو هڪٻئي مٿان لٺين ۽ ڪهاڙين سان حملو

زخمين کي ڏيئي رورل هيلٿ سينٽر ۽ پوءِ ٽنڊو باگو اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٻنهي ڌرين جا هڪٻئي تي الزام، پوليس پاران ڪيس داخل، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

ٽنڊو باگو(ت ر) ٽنڊو باگو لڳ ڪيرول ۾ ملاح ۽ جمالي برادري جي ٻن ڌرين ۾ عورتن کي اشارا ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي کي پوندا ڏيڻ تان جهيڙو 7 ڄڻا سخت زخمي ،زخمين ۾ منور ملاح، اصغر علي ملاح، نواز ملاح جڏهن ته جمالي برادري جا نور محمد جمالي، مير محمد جمالي ،غلام مصطفيٰ جمالي ۽ بهادر جمالي سخت زخمي ،زخمين کي ڀهرپائيز ڏيئي جي رورل هيلٿ سينٽر تي روانو ڪيو ويو جتان کين تعلقا اسپتال ٽنڊوباگو ۾ علاج لاءِ داخل ڪرايو ويو ،زخمين موجب رورل هيلٿ سينٽر ڏيئي ۾ ڊاڪٽر جي نه

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

مسوپرڳڙي پرسان چار شاخ ۾ پاڻي جي غيرمنصفاڻي ورڇ خلاف آبادگارن جو احتجاج

شاخ جي پاڻي ورڇ واري نظام کي تبديل ڪري جاگيردارن، وڏيرن جي مفادن حوالي ڪيو ويو آهي

مبينا ڪرپشن سبب هيٺين حصن تائين پاڻي نه پهچڻ تي فصل سڪي وڃڻ جو خدشو آهي:مظاهرين

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي پرسان وهندڙ چار شاخ تي پاڻي جي منصفاڻي ورڇ بابت سنگين شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن مقامي آبادگارن الزام هنيو آهي ته نئين مقرر ٿيل داروغي پاران شاخ جي پاڻي ورڇ واري نظام کي مڪمل طور تبديل ڪري جاگيردارن وڏيرن ۽ بااثر ماڻهن جي مفادن حوالي ڪيو ويو آهي جنهن سبب سوين ننڍا آبادگار پاڻي کان محروم ٿيندا پيا آهن متاثر آبادگارن جو چوڻ آهي ته اڳ پاڻي جي ورڇ لاءِ مقرر ڪيل ڏينهن وار روٽيشن سسٽم کي عملي طور بند ڪيو ويو آهي الزام آهي ته رات جي اونداهي ۾

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو: جهيڙي ۾ زخمي طفصيل ڏيندي

ڪوٽ غلام محمد ۾ عورت تي مبينا تشدد ۽ باهه ڏئي ساڙڻ جي ڪوشش، احتجاج

مسمات سميره ڪوسو والدين سان گڏجي پريس ڪلب پهچي مظاهرو ڪيو

مڙس، ڏيرن ۽ سهري تشدد ڪيو آهي، پوليس به ڪيس داخل نٿي ڪري، نوٽيس ورتو وڃي:سميره

پوليس تي رپورٽ داخل نه ڪرڻ جو الزام، اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس ۽ انصاف جو مطالبو

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) ڳوٺ ڪالو خان ڪوسو جي رهواسڻ مسمات سميره زال محمد سليم ڪوسو پنهنجي والده مسمات رضيه ڪوسو سان گڏ ڪوٽ غلام محمد پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو هن الزام هنيو ته سندس مڙس، ڏيرن ۽ سهري پاران مٽس مسلسل تشدد ڪيو پيو وڃي ۽

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي وحدانيت وار سنڌ جا غيرت مند برداشت نه ڪندا: ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي

حڪمرانن 28 ترميم آڙ ۾ سنڌ جي ورهاڱي جي سازش ڪئي ته جا لکين ماڻهون مزاحمت ڪندا

راڻيپور ۾ منشيات فروشن جي آڙ ۾ سموري ڳوٺ کي ساڙڻ ناانصافي آهي

هنگورجا (ن ع) جسقم (شهيد بشيرخان قريشي) جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو آهي ته جيڪڏهن حڪمرانن 28 ترميم آڙ ۾ سنڌ جي ورهاڱي جي سازش ڪئي ته سنڌ جا لکين ماڻهون مزاحمت ڪندا ۽

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ ماحوليات جي عالمي ڏهاڙي تي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تقريب، ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو کي خراج تحسين

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ٽيچرس ڪلب ۾ "اسان جي زمين، اسان جو مستقبل" جي عنوان سان تقريب ڪوٺائي وئي

ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو جي علمي، سائنسي ۽ ماحولياتي خدمتن تي ڀرپور ڀيٽا، اسٽيفان سميت مختلف شخصيتن جي شرڪت

حاڪم چانڊيو جي وڻڪاري مهم کي ساراهه، ماحول بچاءَ لاءِ گڏيل عملي قدمن جو عزم

ڄامشورو (رپورٽ: عرفان برفت) 5 جون ماحوليات جي بچاءَ واري 53 هين عالمي ڏينهن جي مناسبت سان ايريڊزون ڊولپمينٽ سوسائٽي ۽ چانڊوڪي ادبي سٿ پاران سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٽيچرس ڪلب ۾ هڪ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ وومين پوليس جي ڪراچي ۾ ڪارروائي، ٻه ڀينرون بازياب، هڪ گرفتار

پوليس لالو کيت ۾ ڪارروائي ڪري سدرا نصير پٽي ۽ جويريا کي بازياب ڪرائي ورتو

ڪيس ۾ نامزد هڪ جوابدار عمير پٽي گرفتار،بازيابي بعد ٻئي ڀينرون عدالت ۾ پيش

عدالت ٻنهي ڀينرن کي سيف هائوس منتقل ڪري ڇڏيو، جوابدار ٻن ڏينهن جي جسماني رمانڊ پوليس حوالي

عمرڪوٽ (ڊ ر) وومين پوليس عمرڪوٽ ڪراچي جي علائقي لالو کيت ۾ ڪارروائي ڪندي مبينا طور اغوا ٿيل ٻن ڀينرن سدرا نصير پٽي ۽ جويريا نصير پٽي کي بازياب ڪرائي ورتو جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد هڪ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: بازياب ڪرايل ٻه ڀينرون پوليس جي ڪسٽڊي ۾ ويٺل آهن

ڪيرو ويجهو جڳهه جو ڇڄو ڪرڻ سبب پي ٽي آءِ اڳواڻ دٻجي فوت، هڪ زخمي

ڳوٺ ڪالو راڄڙ ۾ تعميراتي ڪم دوران ڇڄو ڪرڻ سبب عمران جٽ فوت ٿي ويو

زخمي پورهيت ۽ لاش اسپتال آڻڻ بعد لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

ڪيرو (ن ع) ڪيرو ويجهو ڳوٺ ڪالو راڄڙ ۾ جڳهه جي سينٽرنگ کلڻ وقت ڇڄو ڪرڻ سبب مقامي پاڪستان تحريڪ انصاف جو عهديدار عزيز ڪالوني واسي عمران عرف مانو ولد رفيق جٽ ڇڄي تي دٻجي فوت جڏهن ته هڪ پورهيت زخمي ٿي ويو فوتي جو مڙهه ۽ زخمي کي تعلقي ڪيرو آندو ويو فوتي مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو مرحوم جي جنازي نماز عيد گاهه گرائونڊ ڪيرو ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ سياسي سماجي اڳواڻن شهرين شرڪت ڪئي

هالا: مقتول نوجوان جو فائيل فوٽو ٻي طرف وارث احتجاج ڪندي

اسلام ڪوٽ ۾ بدين واسي جو پيرسن پيءُ جي گمشدگي خلاف احتجاج، ڳولا ۾ مدد جي اپيل

اسلام ڪوٽ (ن ع) بدين شهر جي ملوڪ پاڙي جي رهواسي ڏاتو مل ميگهواڙ پريس ڪلب تي پهچي ڏانهيندي چيو ته سندس والد 70 سالن جو حاجو مل ميگهواڙ گذريل 7 مهينن کان غائب آهي ڳولا ڪري ٿڪجي پيا آهيون پر هٿ نه آيو آهي اسان کي اسلام ڪوٽ ۾ هجڻ جا اطلاع مليا

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٿٽون ڳوٺ ۾ ضمير اوڏ جو امڙ سان گڏجي پاڪ کڻي احتجاج

ٿٽون ڳوٺ (ن ع) ٿٽون ڳوٺ جي رهواسي ضمير اوڏ پنهنجي پيرسن امڙ ملوڪان سان گڏ هٿن ۾ قرآن شريف کڻي بائي پاس ٿٽون ڳوٺ دين پور روڊ تي احتجاج ڪندي انصاف جي اپيل ڪئي آهي آواز کي ري سان ڳالهائيندي متاثر شهري ضمير اوڏ چيو ته سندس پاڻيڀو نديم پٽ ارباب اوڏ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ اڇڻ ۽ تمراڻي برادرين ۾ جهيڙي دوران 15 ماڻهو زخمي

ڪنب شهر ۾ پلاٽ جي معاملي تان ڌرين هڪٻئي تي ڏنڊا ۽ پٿر وسايا

متاثرن جو واقعي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور لڳ ڪنب شهر ۾ پلاٽ جي معاملي تان اڇڻ ۽ تمراڻي برادرين ۾ جهيڙو15 ماڻهو زخمي شهر ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو تفصيل موجب خيرپور لڳ ڪنب شهر ۾ پلاٽ جي معاملي تان اڇڻ ۽ تمراڻي برادرين ۾ جهيڙي دوران ٻنهي ڌرين طرفان لٺين، ڏنڊن ۽ پٿرن جو استعمال ڪيو ويو جڏهن ته فائرنگ جون به اطلاع مليون جهيڙي دوران لٺبازي، ڏنڊن ۽ پٿراءَ سبب 15 ماڻهو زخمي ٿي پيا، جن طبي امداد لاءِ اسپتال داخل ڪيو ويو جڏهن

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور ۾ پاڻي جي کوٽ سبب سارين جو فصل پوکجي نه سگهيو، هزارين ايڪڙ زمين پوکائي کان متاثر

راڄ واهه سميت چار واهه، ڪڙيو واهه ۽ امام واهه ۾ پاڻي گهٽ هجڻ سبب ٻيجارو ۽ فصل سڪي وڃڻ جو خدشو

آبپاشي کاتي جي مبينا لاپرواهي خلاف آبادگارن ۽ سياسي ڌرين جي احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

مظاهرين جو لاڙ پٽي ۾ فوري پاڻي فراهم ڪرڻ جو مطالبو، ٻي صورت ۾ زرعي پيداوار سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو

ڪڙيوگهنور (ن ع) ڪڙيوگهنور ۾ سارين جي فصل پاڻي جي کوٽ سبب سخت متاثر هزارين ايڪڙن تي ٻيجارو پوکجي نه سگهيو سوين ايڪڙن تي پوکيل سارين جو ٻيجارو ۽ ٻيا فصل سڪڻ لڳا آهن ڪڙيوگهنور راهوڪي ڏاڙڪو فارم ترائي سميت آسپاس جي شاخن ڏاڙڪو شاخ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: فوت ٿيل ناري جو لاش پيل آهي

راڻيپور ۾ ڳوٺاڻن جو پوليس زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ پيروزحاجي واسي عورتن مردن پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

پوليس منشيات فروشن جي گهرن کي ڇڏي ڪمپلين وارن جا گهر ڊاهي ڇڏيا آهن

راڻيپور(ن ع) راڻيپور پوليس خلاف ڳوٺ پيروزحاجي جي رهواسين عورتن مردن جو پريس ڪلب راڻيپور آڏو احتجاجي مظاهرو پوليس خلاف شديد نعري بازي ڪئي احتجاج جي اڳواڻي ضلع ڪائونسل ميمبر حاجي عباس راڄپر آصف راڄپر فوجي وحيد راڄپر اختيار راڄپر مسمات صحت خاتون مسمات سبحان خاتون مسمات ڪريمت خاتون ڪري رهيا هيا ان موقعي اڳواڻن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد پوليس ڪارروائي، فائرنگ ۾ 2 جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي دوران ڏوري جي رهواسي ٻن جوابدارن نياز احمد پٽ عارف

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: مبينا پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

SINDH HIGHER EDUCATION COMMISSION
(Directorate of Strategic Planning)
SINDH BLOCKCHAIN
SKILLS DEVELOPMENT INITIATIVE
Building Talent. Driving Innovation. Powering Pakistan's Digital Future.

85% Scholarship by Sindh HEC
15% Fee to be paid by the Student (only Rs. 5000)
(Total Fee / Cost per student Rs. 33,300/-)

PROGRAM HIGHLIGHTS
- 160 Students Across Sindh
- 4 Leading Universities
- Industry-Oriented Blockchain Training
- Hands-on Smart Contract Development
- Capstone Projects & Mentorship
- Blockchain Security & Decentralized Apps
- Cryptocurrency & Smart Contracts
- Professional Certification Awarded

PARTICIPATING UNIVERSITIES
- NED — NED University of Engineering & Technology, KARACHI
- IBA — Institute of Business Administration, KARACHI
- MUET — Mehran University of Engineering & Technology, JAMSHORO
- S-IBA — Sukkur IBA University, SUKKUR

WHO CAN APPLY
Undergraduate students of 3rd Year or Final Year, studying at Engineering / General University chartered by Government of Sindh.

IMPORTANT DATES
LAST DATE FOR REGISTRATION
25th June 2026
COMMENCEMENT OF CLASSES
13th July 2026

STUDENT CONTRIBUTION
ONLY PAY
Rs. 5,000
Sindh HEC pays 85% of programme cost
(Total Rs. 33,300/- per student)

Apply Now & Become Part of Sindh's Digital Future
Procedure to Apply:
Students just need to fill a simple form to apply for the certification programme:
Visit to the link given below to apply:

https://dosp.sindhhec.gov.pk/advertisement

Limited to 160 seats across 4 universities / institute • Registration closes on 25th June 2026 • Commencement of Classes from 13th July 2026

INF-KRY/2301/26
WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

چائے کا اصل ذائقہ،
ہر گھونٹ میں تازگی کا احساس!
پراچہ انٹرنیشنل چائے (SMC-PVT) لمیٹڈ
مہمان نوازی کے لیے بہترین انتخاب
گھر ہو یا دفتر، دوستوں کی محفل ہو یا خاندان کی دعوت
ذائقہ ایسا جو ہر محفل کو یادگار بنا دے
خوشبو ایسی جو دل موہ لے
Paracha INTERNATIONAL TEA FAMILY MIXTURE
PTF Foods Private Limited
PREMIUM GUARANTEED
CUIN-0291326
پراچہ انٹرنیشنل چائے
علی گوہر
+92 300 2445098
نذیر احمد
+92 300 2933358
اپنے علاقے میں چائے کی ڈسٹری بیوشن حاصل کرنے کے لیے
مارکیٹنگ مینیجر نذیر احمد سے رابطہ کریں
سندھ کے ہر ضلع میں
باآسانی دستیاب ہے

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.